يونيورسٽي آف سنڌ ڄام شورو

# سنڌ جي عوامي شاعريءَ ۾ ثقافت جو عڪس

(CULTURAL REFLECTION IN THE POPULAR SINDHI POETRY (1947-2000)

(ماسٽر آف فلاسافي جي گهرجن جو پورائو ڪرڻ ڪانپوءِ جمع ڪرايل مڪمل تحقيقي مقالو)


<u>اسڪالر:</u>
اياز حسين لاکير

<u>نگران:</u>
ڊاڪٽر محمد اسحاق سميجو

سنڌي شعبو
فئڪلٽي آف آرٽس، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو


سال – 2023

# فهرست

باب پهريون

موضوعجوتعارف


| صفحو | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 08 | موضوعجي ضرورت۽اهميت | 10 |
| 08 | تحقيقجومقصد | 10 |
| 09 | تحقيقجودائرو | 10 |
| 09 | تحقيقجوطريقو | 10 |


باب ٻيو

عواميشاعري


| صفحو | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 00 | عواميشاعري | 10 |
| 00 | عواميشاعريءَجيٻولي | 10 |
| 01 | عواميشاعريءَجاموضوع | 10 |
| 01 | عواميشاعريءَجاواقعاتيموضوع | 10 |
| 01 | شآعري | 11 |
| 01 | موزون۽غيرموزونشاعري | 11 |
| 00 | عواميشاعريءَجيابتدا | 10 |
| 00 | ڳيچياسهرا | 11 |
| 00 | رزميه | 19 |
| 00 | سنڌيلوڪشاعري | 01 |
| 01 | هنر | 00 |

| | | |
|---|---|---|
| 00 | سينگار | 00 |
| 01 | ڏور | 00 |
| 29 | ڏهس | 00 |
| 09 | مناظرا ياجهيڙا | 01 |
| 00 | معجزا | 01 |
| 00 | ٽيهه اکري | 00 |
| 00 | مولود | 01 |
| 01 | مدح | 09 |
| 01 | لوڪ شاعري | 01 |
| 09 | بنيادي فرق | 00 |


باب ٽيون دنيا ۾ عوامي شاعريءَ جي روايت


| صفحو | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 00 | دنيا ۾ عوامي شاعريءَ جي روايت | 10 |
| 00 | مغربي شاعري | 10 |
| 00 | عربي شاعري | 10 |
| 11 | فارسي شاعري | 10 |
| 10 | ننڍي کنڊ جي عوامي شاعري | 11 |


باب چوٿون

ثقافت، سنfıي ثقافت ۽ ادب


| صفحو | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 11 | ثقافت، سنڌي ثقافت ۽ ادب | 10 |
| 11 | ثقافت جيو صف | 10 |
| 10 | تهذيب | 10 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 10 | | تمدن | 10 |
| 11 | | ڪلچر | 11 |
| 11 | | سنڌي ثقافت | 19 |
| 10 | | ادب۽ثقافتجورشتو | 10 |
| 11 | | ثقافت۽سماججولڳلاڳاپو | 10 |
| 19 | | عورت | 10 |
| 01 | | سنڌيسماج | 10 |
| 00 | | زرعيسماج | 10 |
| 00 | | جاگيرداريسماج | 10 |
| 00 | | سرمائيداريسماج | 11 |


باب پنجون:سنڌي عواميشاعريءَ۾ثقافت جي عڪاسي


| نمبر | | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| 10 | | سنڌيعواميشاعريءَ۾ثقافتجيعڪاسي | 11 |
| 10 | | ڪلاسيڪلدورجيعواميشاعري | 11 |
| 10 | | عروضيدورجيعواميشاعري | 10 |
| 10 | | سگهڙنجيعواميشاعري | 19 |
| 11 | | ڳايلعواميشاعري | 90 |
| 11 | | جديدشاعريءَمعواميشاعريءَجانمونا۽ثقافتيجماليات | 010 |
| 10 | | نتيجا | 009 |

## Abstract:

In the public poetry of Sindh love and affection are expressed and also sources of Sufism there is also a rebellion against the wrong customs for centuries in this poetry the public poetry is the description of the customs and rituals the interpreter of hearts including religions giving expression of happiness sadness as well as their emotions in this poetry countless colors are found it is also reflection of sindhi in there the study of public poetry shows that there is a strong connection between sociology and culture a Society can be studied closely and also know throng the public poetry it paints different shorts of thought religious belief social ways national character traditions fine arts and literature the religion belief are also in herited by every person from birth and emotional attachment to them till the end A kindly it leaves the impact of its ideology or belief on the society culture is a Compare hen sine word it is not formed in a day or a group a tribe in its formation but it pares thousands of year and belongs to hundreds of families and nations tradition continue to leave an impact.

GM Syed wrote in his book "Sindhi Culture and Sindhi Surma" that:"The families and individuals of the Dravidian Arya, Semitic Mongol races and their smaller tribes,They came and settled in this country like wood, including Samats, Rajputs, Lahanas, Mahanas, Pathans, Baloch and Arab tribes.People come. All these outsiders

should keep their language, customs and traditional dress The methods of storytelling, literature, ancient traditions, religion and national character were what made all the Sindhi people It is decorated with a specific culture. Centuries of mutual relations, national needs, circumstances Demands, sources of livelihood are classified among themselves due to the country's climate and environment The differences were reduced. These separate chemical constituents, united in a national mold, a common language,Clothing, stories, religious beliefs, rituals and customs will adopt the social customs and national character Come, who have taken the form of Sindhi culture.” (Syed, 2011: 23/22) If we closely study a society in terms of culture, we willRelationships in society, ways of living, customs, crafts, rules, food, clothing, home Hot, wedding and mourning customs, music, dance, literature, history, architecture, handicraft painting, Clothes, food, toys etc. will be available. All these cultural components of public poetry He has given space in his feet, and what is his contribution in making his creative expression full and beautiful How much is the share? This research paper examines this, along with public poetry that Self is the spokesperson of the hearts of the people, how much it is connected and connected with its culture be Public poetry is poetry that expresses the emotions and feelings of the people The famous English writer Edison writes that "it is the beloved poetry of the people, Historically, Sindhi poetry was prevalent in Sindh several centuries ago, but not in writing It is not possible to say when it

started. Sumerian period poetry in writing It is found, which we call the basic poetry of Bhats, Bhans, Sighas and rulers Courtesy of poets The origin and evolution of public poetry has been discussed. Along with this, the ambiguity has also been clarified as public By poetry, it is meant that poetry written on prose/chandvidia, which is addressed to the public The language is also common, terms and sayings, style of expression is also common. Writer of folk poetry The word "Sighad" or "Sighad" poet is used for the reader, while "poet" is used for the prose poet.It is called a crow.n this chapter, the tradition of public poetry and the public poetry of the sub-continent have been mentioned.In Arabic poetry, the poetry of AlqamahTamimi, Amra Al-Qais, Tarmah, Antar, etc. was mentioned.is the. He translated the poetry of Rumi, Saadi, ShibliNomani, Hafiz, Rudaki in Persian poetry. Apart from that, Kalidas, Kabir, Prakriti songs of the subcontinent have been given in which Popular language, natural scenery and public style are adopted.This is known on the basis of cultural studies That our society is colored in the colors of culture, in these colors different thoughts Traditions, religious beliefs, ways of social life, characters, traditions, fine arts and literature etc they come Along with the interpretation of Sindhi culture, the relationship between culture and Sindhi society has been discussed.Discuss the reflection of culture in Sindhi public poetry Asasi (of the Sighs, Bhats, Bhans) poetry, classical poetry, from QaziQadin to Semitic. To bring under the discussion, the examples of public poetry and the cultural

characteristics in them has been done Apart from this, the poetry of the public poets of the Prozodi period is also under discussion Thus, cultural aesthetics have been revealed in his public poetry.Investigate the significance of culture in the poetry of poets and public poetry sung by artists They have been brought into the circle, apart from that, by studying the poetry of the modern period, in this public Poetry and cultural significance are discussed. As in the field of research, this topic is unique and interesting. This article What they had in mind while writing. I have tried to fulfill them. As you The title of my research paper is “Sindhi In public poetry, there is a reflection of the poem. The topic is related to poetry and poetry Relationship and culture are also related to society, so not only Sindhi poetry should be studied deeply But together with social science and historically the overall attitude of the Sindhi society and the cultural characteristics, Along with the religious rituals, I had to study the cultural rituals / rituals in depth because of this It has become easy to reveal cultural images and identities in Sindhi public poetry. As the scope of my research is the study of Sindhi poetry from 1947 to 2000.Therefore, the cultural characteristics had to be clarified in this, but overall Sindhi basic poetry Classical poetry, from the poetry of the Prosody period to poetry and popular poetry sung I have studied and explained so that it is easy to achieve my goal.

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيمِ

# باب پهريون

## موضوع جو تعارف (Introduction):

سنڌ جي عوامي شاعريءَ ۾ عشق ۽ محبت جو اظهار به آهي ته تصوّف جا نڪتا به آهن، عوام ۾ هلندڙ غلط ريتن رسمن خلاف بغاوت به آهي ته انهن جو ڪليو اظهار به آهي، هن شاعريءَ ۾ صدين کان هلندڙ رواجن ۽ رسمن جي عڪس بندي پڻ ملي ٿي. سنڌ جي عوامي شاعري سنڌي عوام جي دلين جي ترجمان آهي، انهيءَ ۾ مذهبي ڏڻ، خوشين، غمين جي اظهار سان گڏوگڏ سندن جذبن جي ترجماني پڻ آهي.

سنڌ جي عوامي شاعري ۾ جتي بيشمار رنگ ملن ٿا، اُتي اسان کي سنڌي ثقافت جو عڪس پڻ ملي ٿو. عوامي شاعري جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته، ان جو عوام جي زندگيءَ ۽ ثقافت سان گهرو لاڳاپو آهي. عوامي شاعريءَ وسيلي ئي هڪ سماج جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪري سگهجي ٿو ۽ اها پڻ خبرپوي ٿي ته اسان جو سماج جو ثقافت سان گهرو لاڳاپو آهي.عوامي شاعريءَ وسيلي ئي هڪ سماج جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪري سگهجي ٿو ۽ اها پڻ خبر پوي ته اسان جو سماج ثقافت جي ڪهڙن رنگن ۾ رگيل آهي. اهڙن رنگن ۾ مختلف فڪري ڌارائون، مذهبي عقيدا، سماجي زندگيءَ جا طور طريقا، قومي ڪردار، روايتون، فن لطيف ۽ ادب وغيره اچي وڃن ٿا. فڪري لاڙا، يا مذهبي عقيدا به هر ماڻهو کي جمڻ سان ورثي ۾ ملن ٿا ۽ انهن سان پڇاڙيءَ تائين جذباتي لڳاءُ رکڻ سان گڏوگڏ پنهنجي نظريي يا عقيدي جو اثر سماج تي ڇڏي ٿو.ثقافت هڪ جامع لفظ آهي . ڪلچر يا ثقافت ڪا هڪ ڏينهن ۾ نهي راس ڪانه ٿي آهي يا ان جي نهڻ ۾ هڪ گروهه يا قبيلي جو دخل نه آهي، پر اها هزارين سالن تي محيط هوندي آهي ۽ سوين ڪٽنبن ۽ قومن تي پنهنجي روايتن جو اثر ڇڏيندي اڳتي وڌندي آهي.

جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ڪلچر ۽ سنڌي سورما “۾ لکيو آهي ته:

”دراويدي آريه، سامائيٽ منگول نسلن ۽ انهن جي ننڍن قبيلن جا ڪٽنب ۽ افراد، وڻ وڻ جي ڪاٺيءَ وانگر اچي هن ملڪ ۾ ويٺا جن ۾ سماٽ، راجپوت ،لهاٽا، مهاٽا، پناڻ، بلوچ ۽ عرب قبيلن جا ماڻهو اچي وڃن

ٿا. انهن سڀني ڀاهران آيل ماڻهن کي سنڌن ٻوليون رسمون ۽ رواج لباس رهڻي ڪهڻي جا طريقا ادب قديم روايتون مذهب ۽ قومي ڪردار هئا جن سڀني سنڌي قوم بڻجي، ان کي

مخصوص ڪلچر سان سينگاريو آهي. صدين جي باهمي تعلقات ، ملڪي ضرورتن، حالتن جي تقاضائن، گذر معاش جي ذريعن پاڻ ۾ سڱا بندي ڪرڻ ملڪي آبهوا ۽ ماحول سبب سنڌن اختلاف گهٽبا ويا. اهي جدا جدا ڪيميائي جزا، هڪ قومي قالب ۾ سميٽجي، هڪ عام فهم ٻولي، لباس، قصا ڪهاڻيون، مذهبي عقيدا، رسمون ۽ رواج سماج دستور ۽ قومي ڪردار اختيار ڪندا اچن، جن سنڌي ڪلچر جي صورت ورتي آهي." (سيد، 2011 : 22/23)

ثقافتي حوالي سان هڪ سماج جو جيڪڏهن اسان گهرائي سان مطالعو ڪنداسين ته اسان کي سماج ۾ باهمي تعلقات، رهڻي ڪهڻي جا طور طريقا رواج، دستور، قاعده، ڪاڏا، لباس، گهر گهاٽ، شادي غمي جون رسمون رواج، راڳ، رقص، ادب، تاريخ، فنِ تعمير، دستڪاري مصوري، لباس طعام، رانديون وغيره ملندا. انهن سڀني ثقافتي جزويات کي عوامي شاعري ڪهڙيءَ ريت پنهنجي دامن ۾ جاءِ ڏني آهي، ۽ ان جي تخليقي اظهار کي ڀرپور ۽ سهڻو بڻائڻ ۾ ان جو ڪهڙو ۽ ڪيترو حصو آهي. هن تحقيقي مقالي ۾ ان جو جائزو ورتو ويو آهي، ڇاڪاڻ جو عوامي شاعري جيڪا خود عوام جي دلين جي ترجمان هوندي آهي، اها پنهنجي ثقافت سان ڪيتري جڙيل ۽ ڳنڍيل ٿئي ٿي، ان تي پڻ بحث ڪيو ويو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب "ڀيلاين جا ٻول "جي مقدمي ۾ لکي ٿو ته :

"عربي شاعري متعلق خليفو عمر رضه چوندو هو ته هي عربن جو عام دفتي آهي، ان کي ياد ڪريو ۽ ان جي حفاظت ڪريو" خليفي عمر رضه جو قول نهايت وزندار آهي، يقينن ، شاعري هر قوم جو عام دفترآهي . جنهن ۾ ٻوليءَ جو سٺاءُ ڪانسوا ءِ انهيءَ قوم جي اخلاق، عادتن،اطوار،ريتن رسمن، تاريخ فلسفي، سمجهه ۽ عقل جو سرمايو محفوظ آهي، سنڌ جي دهقاني يا نج شاعري خاص طرح سنڌين جي حيات جو آئينو آهي، جنهن ۾ اک وجهڻ سان اهل سنڌ جي رهڻي ڪهڻي

جي اصليت پنهنجي سچي جوڀن، جنسار، رنگ روپ، خال و خط خوبين توڙي خامين سميت سربستي نظر اچي ٿي". **(بلوچ، 2014: 15)**

عوامي شاعري عوام جي اندر جي اڌمن جذبن ۽ احساسن جي ترجمان شاعري آهي، جنهن لاءِ انگريزيءَ جو مشهور مصنف ايڊيسن لکي ٿو ته" اُها عوام جي محبوب شاعري آهي،

سنڌي شاعري تاريخي لحاظ کان ڪيئي صديون اڳ سنڌ م رائج هئي، پر لکت ۾ نه هئڻ ڪري دعوا سان نٿو چئي سگهجي ته ڪڏهن کان شروع ٿي. لکت ۾ سومرن جي دور جي شاعري ملي ٿي، جنهن کي اسان سنڌي اساسي شاعري سڏيون ٿا جيڪا پٽن، پانن، سگهڙن ۽ حڪمرانن جي درٻاري شاعرن جي چيل آهي.

هر دور جي شاعري پنهنجي دور جي ترجمان ۽ عوامي پڻ هوندي آهي. ڇو ته شاعر جنهن ٻوليءَ ۾ شاعري ڪري ٿو، اُها عوامي جذبن، احساسن ۽ خيالن جي اظهار جوئي ذريعو هوندي آهي. البته ڪڏهن ڪڏهن شاعر پنهنجي ٻوليءَ کي انتهائي تخليقي درجي تي ڪٽي ويندو آهي، جيڪو عام اظهار کان مٿانهون ۽ غير روايتي، يا ڪڏهن ڪڏهن غير عوامي پڻ محسوس ٿيندو آهي، ساڳيءَ ريت هو ڪڏهن زندگي، فطرت ۽ سماج جون ساديون سمجهاڻيون، احساساتي ڳالهيون پيش ڪندو آهي، ته ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي شاعريءَ ۾ فلسفياڻا نُڪتا، دقيق خيال، ڳوڙهيون سمجهاڻيون ڏينديون آهي، جيڪي نيون هونديون آهن، نه ته اڪثر شاعريءَ ۾ عام انداز ۽ عام ٻولي استعمال ڪئي ويندي آهي.

سومرن جي دور ۾ پٽن پانن جي شاعريءَ ۾ عام اظهار، عوامي ٻوليءَ ۾ ثقافت جا رنگ نمايان ملن ٿا. دودي ۽ چنيسر جي پڳ تي لکيل شاعريءَ مان مثال هيٺ ڏجن ٿا.

پيءُ پڄاڻان پاڳڙي، دوڊا پاڻءِ مَ راند،
راڄ نه ڏجن مڱيا، مڱيا ڏجن ڏاند،
پائي ٻچيءَ پاند، دودل تن مڄائيو.
(پاڳڙي = پڳ، راند، راڄ، ڏاند، ٻچيءَ پاند)

ان کان پوءِ چنيسر گهر وڃي ٿو ته ماءُ ڪيس هن ٻوليءَ ۾ مهڻو ڏئي ٿي.

مون ڄڻيو ماڻءِ پُٽ ڪري، تون ٿي پيئن ڏيءَ،
ويهي آٽڻ وچ ۾ پانڌيون ڪتج ٿيهه
صلاح اٿئي هيءَ، ته گهر ويهي
ڳالهيون ڪرين

(پٽ، ڏيءُ، پانڌيون، ڪٽڻ، ٽيهه)

انهيءَ ڪان پوءِ زال مهٽو ڏنس آخر م دائيءَ/ پالڻ واري به هن انداز ۾ طعنو ڏنس

دماما ڪر دانگيون، پالا پچي ٻار،
گهوڙا ٻيڙا وڪٽي، ڏڻ رڍن جو ڏار،
سائو لڪڻ هٿ ۾، گهوندو گهٽيا چار
ٻي کهڙي ڪندي ڪار، تو چا چاٽين
راڄ مان

دماما، گهوڙا ٻيڙا (جنگي اوزار ۽ وهٽ) دانگيون (ماني پچائڻ لاءِ)
(رڍون، گهيٽا (گهرو مال)

اسحاق آهنگر جو هڪ شعر هيٺ
ڏجي ٿو،
هجان مان جهرڪ، ويهان پرينءَ جي
چڇ تي.
من چون ڊرُڪ، ٻولي ٻاجهاريءَ سين

جهرڪ (پکي چڇ (ٿانءُ) ڊرڪ (جهرڪ کي اٿارڻ لاءِ ڪڍيل آواز)

مٿين مثالن سان سنڌي سماج جي جِدت، قدرن، سورهيائيءَ جي معيارن ۽ ذهني ۽ فڪري روين جو پتو پوي ٿو.

اساسي دور جي شاعرن ۾ مائي مرڪان شيخڻ، سمنگ چارڻ، پاڳو پان ۽ ٻين شاعرن جا نالا ملن ٿا. جن سهرا لوڪ ستو، منظوم قصا ۽ رزميه ۽ رومانوي داستان لکيا.

ڪلاسيڪل سنڌي شاعري پنهنجي دور جي عام زبان هُئي، انهيءَ ڪري ماڻهن جي اڪثريت کي سولائيءَ سان سمجهه ۾ اچي ويندي هُئي" ايئن ان دؤر جون ريتون، رسمون ۽ ثقافتي اهڃاڻ ڪلاسيڪل شاعريءَ جي دنيا جوڙين ٿا. ڪلاسيڪل دور جي شاعرن ۾ قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، شاهه لطف الله قادري، شاهه عنايت رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، ڀائي چين راءِ سامي اچي وڃن ٿا. مٿين ڪلاسيڪل شاعرن جي شاعريءَ مان مختصر مثال ڏجن ٿا، جن مان ٻوليءَ جو عام لهجو، ريتون، رسمون ۽ ثقافتي اهڃاڻ ملن ٿا.

سي ئي سيل ٽيام، پڙهيام جي پاڻ
لاءِ،

اکر اڳيان اڀري، واڳون ٿي وريام.
(سيل= تيز ڪنڊو/ ٻاٻرو ڪنڊو، اکرن کي واڳونءَ سان تشبيهه)
پاٽياري سرٻهڙو، جر تي پکي جيئن،
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.

ٻهراڙيءَ ۾ ڪٽي جرمنُو نه هئڻ ڪري پري ڪنهن تڙ يا کوهه تان مايون گڏجي دلا/ گهڙا مٿي تي يا ڪڇ تي کڻي پاڻي پريندیون آهن. تلائن يا ڍنڍن ۾ پکي پاڻي ۾ پيا ترندا آهن.

سنڌ جي سماجي زندگيءَ جي هڪ عوامي لقاءَ کي کهڙي نه حُسناڪيءَ سان شاهه ڪريم پيش ڪيو آهي.

مبين شاهه عنايت رضويءَ جي ڪلام ۾ به سنڌ جي ثقافتي زندگيءَ جي ڀرپور عڪاسي ملي ٿي هن پنهنجي اکين کي پنهنجي محبوب جو اوتارو يا اوطاق قرار ڏنو آهي. اوطاق خود به سنڌ جي ثقافتي زندگيءَ جو هڪ شاندار، ادارو آهي.

تارا اوتارا، وليون وچاٽو پرينءَ جو،
سي ئي گهر آئيا، جي جيءَ جا جيارا،
پسي پيارا، اکين آسون پنيون.
(تارا اوتارا، وليون وچاٽو اکين آسون)
(شاهه عنايت رضوي)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سنڌي ثقافت، سنڌي سماج جي ريتن، رسمن جو امين شاعر آهي. هيٺ سنڌي سماج ۾ شادين جي ڪجهه رسمن جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو.

ٻانهن ۾ سڳا: شادي جي موقعي تي گهوٽ کي سندس مامو مٿي تي موڙ ۽ ساڄي ٻانهن (ڪرائيءَ) ۾ ڳانو ٻڌندو اٿس. ڪنوار کي شاديءَ کان پهريائين ٻانهن ۾ سڳو ٻڌو ويندو آهي.

سون برابر سڳڙا، مون کي ٻانهن ٻڌائون،
عمر ڪيئن آئون، پٽ پهريان سومرا.

ڏانوڻ ڏائڻ: گهوٽ ڪنوار جي لانئن کان پهريان ڏانوڻ ڏائڻ جي رسم ادا ڪئي ويندي آهي، گهوٽ، ڪنوار جي ڪمري تي پهچندو آهي ته ڪنواريتيون سندس رستو روڪي بيهنديون آهن، انهن مان گهوٽ جي سالي يا ڀي ڪا سهاڳڻ، ڏاڳو کڻي گهوٽ جي پيرن جي آڱوٺي ۾ ڏئي،

مٿي تائين گهوٽ جي هٿ جي آڱر ۾ ڦيرا ڏيندي آهي، جنهن کي ڏانوڻ ڏائڻ سڏيو ويندو آهي، انهي جو مطلب هوندو آهي ته مڙس/وَرُ پنهنجي ونيءَ وٽ ڏاڍي ۾ ٻڌو پيو هجي، سسئي چوي ٿي.

کيچين آئون نه ڪڙي، ڪنهن ڏکيءَ ڏانوڻ ڏائيو،

ڍڪڻ ڀڃائڻ: شادي جي موقعيءَ ڏانوڻ ڏائڻ کان پوءِ ڪنوار جي در تي ڍڪڻ ڀڃائڻ جي رسم ٿيندي آهي، گهوٽ لت هڻي ڍڪڻي/ ڍڪڻ کي ڀڃيندو آهي، نه ڀڃڻ جي صورت ۾ ان کي ڪمزور/هيڻو سمجهو ويندو آهي.

پوڇا ڏنم پير، ڍڪڻ مٿي ڍول جا،
مون پانيو تنهن وير، ڪوجهي ڪندو
پريتڙي.

لائون لهڻ: ان کان پوءِ گهوٽ ۽ ڪنوار جا مٿا ٽڪرائبا آهن جنهن کي لائون لهڻ سڏيو ويندو آهي.

مون ماروءَ سين، لڏيون لوئيءَ ۾ لاونئون.

جيتوڻيڪ عروضي شاعري تي فارسي ٻولي ۽ ماحول جو اثر آهي، پر ان ۾ به ڪٿي سنڌ جي ثقافتي جهلڪ ملندي، خاص طور عشقيه شاعري، فطرتي ماحول جي عڪاسي، مجموعي زندگي، دنيا جي بي ثباتي قصيده گوئي، مرثيا گوئي تصوف جا اسرار، فنا ۽ بقا جا موضوع ملندا، اُتي اسان کي ثقافتي اهڃاڻ، ريتن رسمن جو جهلڪيون ٻوليءَ جو ترڪيبون رواني ۽ سلاست ملي ٿي.

عروضي دور جي شاعرن ۾ مخدوم عبدالرؤف ڀٽي هالائي، صاحبڏنو شڪارپوري، ملان اويس شڪارپوري. ڪرم الله شڪارپوري، نور محمد خسته، ميان چتن ٽڪڙائي، حافظ عالي عروضي دور جا اوائلي شاعر آهن، ان کانپوءِ اهو سلسلو ٽالپورن جي دور کان ٿيندو انگريزن جو دور تائين هليو جن ۾ خليفو گل محمد هالائي، غلام محمد شاهه گدا، حافظ حامد، سيد فاضل شاهه، شمس الدين بلبل، مير عبدالحسين سانگي سميت نالن جي هڪڙي ڊگهي قطار آهي، هيٺ مختصر مثال پيش ڪجن ٿا.

تخت سو قدرت قدم ،بيشڪ رکيو تو
بادشاهه،
سو اوهان دستار دولهه، تاج قدرت
جي ڪلاهه.

(صاحبڏنو شڪارپوري)

مٿين شعر ۾ سنڌ جي ارڏي ۽ تاريخي ڪردار دولهه دريا خان جي پڳ ”دستار دولهه“ جو تمشيلي طور بيان آيل آهي.

سيارو ويو بهار آيو،
گلن آ باغ مهڪايو،
ٽڙي ٽانگر ۽ چنبيلي،
ڪڍي منهن مُگري
مرڪايو.

(ملان اويس شڪارپوري)

پٽون آهن ايذائڻ ۾ دنيا جا مڙئي
مائٽ،
توٽي پائر سڳا، چاچا توٽي ڪي
سؤٽ ۽ سالا.

(آخوند گل محمد هالائي)

پائر سؤٽ سالا چاچا (رشتن جا نالا)

جديد سنڌي شاعريءَ جو جد امجد ڪشنچند بيوس کي سڏيو وڃي ٿو. ڪشنچند بيوس، شيخ اياز، عبدالڪريم گدائي، نارائڻ شيام، ڪيئل داس فاني، هر دلگير، نياز همايوني، تنوير عباسي، استاد بخاري، ذوالفقار راشدي، امداد حسيني، تاجل بيوس، اياز گل، ادل سومري، سميت اڄ جي دور جا ڪيترائي نالا آهن جيڪي سنڌي شاعريءَ جي سجاٽپ آهن، جن نه رڳو ڪلاسيڪل دور جي صحتمند روايتن سان ناتو جوڙي، شعري تاريخ جي ٽٽل ڪڙين جو تسلسل ملايو، پر پنهنجي شاعريءَ ۾ نج سنڌي لفظ، ٻهراڙيءَ جي ماحول جي منظر نگاري، سنڌي ثقافت جي عڪاسي ۽ سنڌي ريتن رسمن جو ذڪر ڪيو آهي. هيٺ مختصر مثال ڏجن ٿا.

جتي جيجل ٿي ڏني جهوليءَ ۾
لولي،
ٽڙي ٻنڌڻن ۾ ٻُڌي، طوطيلي
ٻولي.

(بيوس)

کوهه مان لوٺيون پريون، نيٺ خالي سي ٿين،
ٿو ڳِڙي گاڏو دنيا جو، دم ڦري فرمان ۾.
(فاني)

گهڙو جيئن گهڙامنجيءَ کچندي پورا ٿي.
پچندي پورا ٿي، ايئن ٿو آخر آدمي.
(شيخ اياز)

تاڏي تو دنبوق سڌي ڪئي،
جاڏي ڪوئي هنج اڏاٽو.
جڏهن جڏهن به بلاول چائو
تڏهن تڏهن تو کوڙيو کهاٽو.
(امداد حسيني)
رلي سبي ٿي
ءِ ڪاساري ڳالهڙي،
پوڙهي سڏڪي ٿي.
(ادل سومرو)

ڳوٺ سڄي ۾ ڳالهه هُلي وئي،
سونهن نئين ساماٽي آهي.
جيڏانهن ڪيڏانهن جهار وڏي پر،
اڪ هن جي ڪانپاٽي آهي،

(بخاري)

نڪ ۾ ڪن، ڪير ٿو پائي
وفا،
سون ۽ چاندي، وچي پئي
پاڙ ۾.
(وفا ناٿن شاهي)

سنڌي عوامي شاعري ۾ عوام جي ريتن رسمن" سورهيائي سخاوت، زندگيءَ جا جذباتي پهلو، عشق، حسن ، درد ،پيڙا، وڇوڙا، جهيڙا جهڳڙا ۽ مذهبي روايتن جي عڪاسي ملي ٿي، گڏوگڏ عوامي زندگيءَ جي گهڻ طرفائي ۽ رنگائيءَ جا به بيشمار نمونا ۽ اهڃاڻ ملندا.عوامي شاعريءَ جي ٻولي سادي ۽ سلوڻي آهي، اها شاعري سادگي ۽ نفاست ۾ پنهنجو مٿ پاڻ آهي. بيجا تشبيهن ڳورن لفظن، مصنوعي ٺاهه ٺاهه کان پاڪ آهي. عوام شاعري قدرتي طور درياهن ۽ آبشارن وانگي فطري آهي، ان ۾ استعمال ٿيل تشبيهون ۽ استعار مُنديءَ ۾ ٽڪ وانگر آهن.

اهميت ۽ افاديت:

سنڌي عوامي شاعري ڪروڙين ماڻهن جي جذبن جي ترجمان هوندي به گهڻ طرفائي سان علمي طور بحث هيٺ نه آئي آهي. البته ڊاڪٽر بلوچ جي لوڪ ادب اسڪيم وارن ڪتابن ۽ ڊاڪٽرن سنديلي جي لوڪ ادب بابت تحقيق جي نتيجي ۾ اسان سنڌي شاعريءَ ۾ ثقافتي عڪس موضوع طور هي هڪ اڻ ڇُهيل موضوع رهيو آهي. هن موضوع تي تحقيق ڪرڻ سان سنڌي سماج جي مختلف ثقافتي رجهانن،لاڙن ۽ روين کي سمجهڻ ۾ مدد ملي آهي. ۽ سنڌي ثقافت جي ڪيئي پهلوئن کان به آگاهي حاصل ٿي آهي.

هن اڀياس جي نتيجي ۾ عوامي شاعري ۾ ثقافتي عڪسن ۽ اهڃاڻن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ جي به خبر پوي ٿي، گذريل وقت ۾ استعمال ٿيندڙ شين، پوشاڪ، ڪلام، راڳ رنگ، اٺٽي ويهٽي، ٻولي ۽ مذهبي عقيدن کي سمجهڻ ۾ به مدد ملي آهي . نئين نسل کي سجاڳي ۽ شعور ڏيڻ سان گڏوگڏ عام شاعري ۽ ثقافتي رنگن سان روشناس ٿي سگهجي ٿو.

تحقيقي مقصد (Research Objectives) :

سنڌ جي عوام شاعريءَ ۾ ثقافتي عڪسن جو جائزو وٺي، ثقافتي رنگن سان ڀرپور عوامي شاعري کي تنقيد ۾ اعليٰ اصولن موجب اجاگر ڪرڻ.

عوامي شاعري ۾ ڪم آيل تشبيهن استعارن ۽ اصطلاحن جي اهميت واضع ڪرڻ .

عوامي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ مخصوص لفظن جو مطالعو ڪرڻ

عوامي شاعريءَ ۾ ثقافتي اهڃاڻن جي نشاندهي ڪرڻ ته جيئن عوامي شاعريءَ کي عوامي پهلوئن کان سمجهڻ ۾ آساني ٿئي .

هن تحقيق جو مقصد، عوامي شاعريءَ ۽ ثقافت جي تعلق کي سمجهڻ ، عوامي شاعري بابت وڌڪان وڌ معلومات گڏ ڪري ،ان جو تجزيو ڪرڻ هيو،جنهن جا بهتر نتيجا حاصل ٿيا آهن.

تحقيق جو دائرو:

عوامي شاعري هڪ وسيع موضوع آهي.هن تحقيق جو دائرو 1947ع کان 2000ع تائين مقرر ڪيو ويو آهي،هن اڀياس ۾ سنڌ جي ثقافتي زندگيءَ جي هر هڪ پهلو کي کولي ۽ تجزيو ڪري نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن .جنهن سان سنڌ جي عوامي شاعريءَ ۾ ثقافتي عڪس اجاگر ٿيا آهن. ۽ اُها پڻ خبر پئي آهي ته انهن ثقافتي عڪسن جي سنڌي سماج ۾ ڪهڙي اهميت آهي،

تحقيق جو طريقو (Research Methodology):

جيئن ته هن موضوع جو بنيادي ماخذ سنڌ جي عوامي شاعرن جا مجموعا، ڳايل شاعري ۽ سگهڙ شاعرن جو ڪلام آهي، تنهن ڪري اهو سمورو ڪلام بنيادي ماخذ جو درجو رکي ٿو. ان کي بنياد بڻائي تحقيق ۽ تنقيد جي معيارن (Literary Research)واري طريقي موجب نتيجا حاصل ڪيا ويا آهن. ۽ حوالن لاءِ APA وارو اصول اپنايو ويو آهي.

موضوع جي لحاظ کا ن هي تحقيقي مقالو هيٺين بابن تي مشتمل آهي

فهرست

باب پهريون:

عوامي شاعري، تعارف ۽ پس منظر

عوامي شاعري
عوامي شاعريءَ جي ابتدا

باب ٻيون:
عوامي شاعري
دنيا ۾ عوامي شاعري جي روايت
ننڍي کنڊ جي عوامي شاعري
سنڌي لوڪ شاعري
باب ٽيون :
ثقافت، سنڌي ثقافت ۽ ادب
ثقافت جي وصف
سنڌي ثقافت
ثقافت ۽ سماج جو لڳ لاڳاپو
ادب ۽ ثقافت جو رشتو
سنڌي شاعريءَ ۾ سنڌي ثقافت جو اظهار

باب چوٿون
سنڌي عوامي شاعري ۾ ثقافت جي عڪاسي
ڪلاسيڪل دور جي عوامي شاعري
عروضي دور جي عوامي شاعري
سگهڙن جي عوامي شاعري
ڳايل عوامي شاعري
جديد شاعريءَ ۾ عوامي شاعريءَ جا نمونا ۽ منجهن ثقافتي جماليات

باب پنجون
نتيجا

باب پهريون
هن باب ۾ عوامي شاعريءَ جي وصف بيان ڪئي وئي آهي ۽ عوامي شاعريءَ جي ابتدا ۽ ارتقا تي بحث ڪيو ويو آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ انهيءَ ابهام کي به واضح ڪيو ويو آهي ته عوامي شاعريءَ مان مراد اُها عروضي/ ڇند وديا تي آڌاريل اهڙي شاعري جنهن جو خطاب عوام

آهي، ٻوليءَ به عام آهي، اصطلاح ۽ چوٽيون، اندازِ بيان به عوامي آهي. لوڪ شاعري جي لکندڙ پڙهندڙ لاءِ سگهڙ يا سگهڙ شاعر لفظ استعمال ٿيندو آهي، جڏهن ته عروضي شاعر کي شاعر/ ڪوي سڏيو ويندو آهي.

باب ٻيو

هن باب ۾ عوامي شاعريءَ جي روايت ۽ ننڍي کنڊ جي عوامي شاعريءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. عربي شاعري ۾ علقمه تميمي، امراءَ القيس، طرماح، عنتره وغيره جي شاعري جو ذڪر ڪيو ويو آهي. فارسي شاعري ۾ رومي، سعدي، شبلي نعماني، حافظ، رودڪي جي شاعريءَ جا ترجما ڏنا ويا آهن انهيءَ کانسواءِ ننڍي کنڊ جي ڪاليداس، ڪبير، پراڪرتي گيت ڏنا ويا آهن جن ۾ عوام فهم ٻولي، فطرتي نظارا ۽ عوامي انداز اپنايل آهي.

باب ٽيون

هن باب ۾ ثقافت جي وصف بيان ڪئي وئي آهي. ثقافتي مطالعي جي آڌار تي اها خبر پوي ٿي ته اسان جو سماج ثقافت جي کهڙن رنگن ۾ رنگيل آهي، اهڙن رنگن ۾ مختلف فڪري ڌارائون، مذهبي عقيدا، سماجي زندگيءَ جا طور طريقا، ڪردار، روايتون، فن لطيفه ۽ ادب وغيره اچي وڃن ٿا. انهيءَ سان گڏ سنڌي ثقافت جي تشريح، ثقافت ۽ سنڌي سماج جي لڳ لاڳاپي تي بحث ڪيو ويو آهي.

باب چوٿون

هن باب ۾ سنڌي عوامي شاعريءَ ۾ ثقافت جي عڪاسي کي ڀرپور نموني بحث هيٺ آڻي اساسي (سگهڙن، ڀٽن، ڀانن جي) شاعري، ڪلاسيڪل شاعري، قاضي قادن کان وٺي سامي تائين بحث هيٺ آڻي، منجهائن عوامي شاعريءَ جا نمونا ۽ انهن ۾ ثقافتي اهڃاڻن کي ظاهر ڪيو ويو آهي. انهيءَ کان سواءِ عروضي دور جي عوامي شاعرن جي شاعريءَ کي به بحث هيٺ آڻي، منجهس عوامي شاعريءَ ۾ ثقافتي جماليات ظاهر ڪئي وئي آهي.

سگهڙن جي شاعري ۽ فنڪارن جي ڳايل عوامي شاعريءَ ۾ به ثقافت جا اهڃاڻ تحقيق جي دائري ۾ آندا ويا آهن انهيءَ ڪانسواءِ جديد دور جي شاعريءَ جو پڻ مطالعو ڪري انهيءَ ۾ عوامي شاعري ۾ ثقافتي اهڃاڻن تي بحث ڪيو ويو آهي.

جيئن ته تحقيق جي ميدان م هي موضوع بنهه انوکو منفرد ۽ دلچسبيءَ وارو آهي. هن مقالي کي لکڻ وقت جيڪي مقصد آڏو رکيا هئا . انهن کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. جئين ته منهنجي تحقيقي مقالي جو عنوان ”سنڌي

عوامي شاعريءَ ۾ ثقافت جو عڪس“ آهي. موضوع جو تعلق شاعريءَ سان آهي ۽ شاعريءَ جو تعلق ۽ ثقافت جو تعلق به سماج سان آهي انهيءَ ڪري نه رڳو سنڌي شاعريءَ جو گهرو مطالعو ڪرڻو پيو اٿم پر گڏوگڏ علم سماجيات ۽ تاريخي طور تي سنڌي سماج جي مجموعي روين ثقافتي اهڃاڻن، مذهبي رسمن سان گڏوگڏ ثقافتي رسمن/ لاڏن جو به گهرائيءَ سان مطالعو ڪرڻو پيو اٿم انهيءَ آڌار تي ئي سنڌي عوامي شاعريءَ ۾ ثقافتي عڪسن ۽ اهڃاڻن کي پڌري ڪرڻ ۾ آساني ٿي آهي.

جيئن ته منهنجي تحقيق جو دائرو 1947ع کان وٺي 2000ع تائين سنڌي شاعريءَ جو مطالعو ڪري انهيءَ ۾ ثقافتي اهڃاڻن کي واضع ڪرڻو هُيو، پر مجموعي طور تي سنڌي اساسي شاعري ڪلاسيڪل شاعري، عروضي دور جي شاعري کان وٺي سگهڙ شاعري ۽ ڳايل عوامي شاعريءَ جو مطالعو ڪري واضع ڪيو اٿم ته جيئن پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

باب ڇهون

نتيجا

هن باب ۾ نتجا ڏِنا ويا آهن.

# باب پهريون

## عوامي شاعري، تعارف ۽ پس منظر

### عوامي شاعري:

”عوام“ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جو عام جو جمع آهي، جنهن جو ضد خواص آهي. عام يا عوام کي اردو يا هندي ۾ لوڪ/لوگ، انگريزي ۾ فوڪ Folk ۽ جرمن ۾ ووڪ Velk چون ٿا. عام يا عوام مان مراد عام ماڻهو، خلق، انسان، لوڪ وغيره. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جامع سنڌي لُغات ۾ عوام جي هيٺين معنيٰ ڏني آهي:

عوام: نه (ع) عام ماڻهو، عام خلق، خلقِ خدا، مخلوق، عام پبلڪ، عام شهري. (بلوچ،2007 : 237)

نسيم الغات ۾ عوام جي معنيٰ آهي: عوام: ع (مذ) عام جو جمع، عام ماڻهو. فيروزالغات ۾ به ساڳي معنيٰ شامل آهي. (نسيم اللغات 1969: 659)

عوامي شاعريءَ مان مراد عام ماڻهن جي شاعري يا انسانن جي شاعري، لوڪ جي شاعري، رعايا جي شاعري ڳوناٽي شاعري، جهرجهنگ، واهڻ وستين ۾ رهندڙ هارين، نارين ڪمين ڪاسبين، مزدون مالوندن جي شاعري. طبقاتي نظام ۾ ورهايل سماج جي هيٺين طبقي جي شاعري، جنهن کي هر ننڍو، وڏو، پڙهيل توڙي اڻپڙهيل، سولائيءَ سان نه رڳو سمجهي، پر ان کي پنهنجي اندر جو آواز ڄاڻي.

عوامي شاعري جون پاڙون به ڌرتيءَ جي پاتال ۾ هونديون آهن. عوامي شاعري جا نقش، مٿي هاڻن ماڻهن جي دلين تي چٽيل هوندا آهن ۽ سندن زبانن تي عام شاعري جون سٽون محاورتن استعمال ٿينديون آهن.

عام شاعريءَ جو واس سندن ڪچهرين مان پيو محسوس ٿيندو ”ڪڙو منجهه ڪڙي“ وانگر عام شاعري به سندن جيءَ ۾ جڙيل هوندي آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ عام سنڌي شاعريءَ جي وضاحت ڪندي لکي ٿو ته ”عام سنڌي شاعريءَ مان اسان جي مراد اهو سنڌي شعر آهي جو سنڌي جي عوام ۾ مقبول ۽ مروج آهي. اهو شعر جو صرف پڙهيلن تائين محدود ڪونهي بلڪه سنڌ جي اڻپڙهيل ڳوناٽي، ڪڙمي خواهه ڪاسبي، هاري توڙي ٻيليءَ جي ذوق جو ورد وظيفو آهي. اهو شعر جو سنڌ جي جهرجهنگ، واهڻ واستين ۽ ڳوٺ، ٻنيءَ ۾ جاري آهي، اهو شعر ٻهراڙيءَ جي بگڙيل ٻولي ۽

ضعيف اصطلاحن کان پاڪ آهي، اهو شعر جنهن جي زبان پڙهيل جي عبارت کان وڌيڪ پخته ۽ جنهن جو سٽاءُ ڪتاب خوانن جي ايجاد ڪيل لفظن ۽ لفظي بناوتن کان وڌيڪ شسته ۽ بلند آهي.“ (بلوچ) 1991: 25).

عوامي ٻوليءَ جو شاعر ڳوٺاڻي ماحول ۾ وڏي وڏو ٿيو آهي. فطرت جي حسين منظرن کي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو اٿائين. سج اُڀرڻ توڙي لهڻ جا منظر، رات جو تارن ڪتين سان سينگاريل آسمان، چيٽن ۽ ڪتين جا چس، پوکن جا سلا انگورجڻ، وڏا ٿيڻ، نسرڻ، پچڻ ۽ فصل لهڻ تائين سڀئي منظر سندس اکين اڳيان آهن.

ڳوٺن جي اوطاقن ۾ ٿيندڙ ڪچهريون ۽ ڪچهرين ۾ ويٺل سخنور، سپورنج، ڳوٺ، تر جا اڇي ويهندا آهن، اوطاقي آدابن سان گڏوگڏ لفظن جي وڍ ٽُڪ، نوان نوان محاورا محاورن جي اصليت، نج لفظن جي ادائگي ۽ اُنهن جي معنيٰ، سنڌ جي هنرمندن مثلن سونارن، لوهارن، واڍن، رازن، موچين سوچين، ڪنڀر ڪورين ۽ ملاحن جي ڌنڌن ۾ استعمال ٿيندڙ اوزارن جا نالا به سندن زبان تي هوندا، ڳالهه ٻولهه ۾ چوڻيون، پهاڪا، اصطلاح ايئن پيا استعمال ڪندا، جيئن مُنديءَ تي ٽِڪ، ٻوليءَ جا ماهر، نج سنڌي لفظن جو ذخيرو هرهڪ شاعر جي اندر ۾ هوندو، هيرن جي کاڻين وانگر جيئن جيئن کُلن تيئن تيئن خزانا کٽڻ جا نه ٿين، ڪچي توڙي پڪي جي ڳوٺن، جهنگن ۽ ڪاڇي جي ميدانن جي اُها نج سنڌي ٻولي ۾ عام سنڌي شاعري به عوام جي دِلين جي ترجمان ٿئي ٿي.

## عوامي شاعريءَ جي ٻولي:

عوامي شاعريءَ جي ٻولي ڳورن لفظن کان آجي عام گُفتگو واري زبان هوندي آهي، جڏهن به ڪنهن ڪچهري ۾ شاعري پڙهي ويندي آهي ته هر ماڻهو پيو ايئن چاهيندو آهي ته اِها منهنجي دِل جي ڳالهه آهي. عوامي شاعري ۾ جيڪڏهن شاعرانا پرواز، علم بديع ۽ ڳُتيل معنائن جو پيندار هجي هان ته اُها عوامي شاعري جي ذمري ۾ نه اچي ها ۽ نه عام کي سولائيءَ سان سمجهه ۾ اچي ها. عوامي شاعريءَ جون پاڙون ڌرتي ۾ کُتل آهن. ڌرتيءَ مان اُسري وڏي وڏي ٿئي ٿي. مِٽي مان پيدا ٿيل ٻوٽي جي گُلن مان به مٽيءَ جو واس اچي ٿو.

عوامي شاعري عام فهم ۽ سادي سٽاءَ جي شاعري آهي. تڏهن ته هر ننڍي، توڙي وڏي، سڀوجهه توڙي اڀوجهه، پڙهيل توڙي اڻپڙهيل کي آساني سان سمجهه ۾ اچي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جي عوامي شاعري هڪ اهڙي ڦلواڙي آهي جنهن ۾

ٻوليءَ جي لفظن جا ڪيترائي رنگ برنگي گُل مهڪندي نظر ايندا.

عوامي شاعري ڪنهن ڳوڙهي فڪر ۽ فلسفي کان آجي آهي، پر اُن ۾ عام جي اهنجن ۽ سورن جو نه رڳو ذڪر ملندو، پر اُنهن اهنجن، سورن، زخمن جو مرهم ۽ آٿت به مِلندي، عام جي مسئلن جو ذڪر به مِلندو ته مسئلن جي حل جي نشاندهي به ٿيل مِلندي.

عام شاعريءَ لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش لکي ٿو ته:

”عام شاعري لغت جي اٽڪڻ کاڻ آهي. عام جو شاعر، سرزمين سنڌ جي هر خطي ۽ ماحول جو نيپاچ آهي. هو عام فهم زبان ۽ اُن جي اصطلاحن جي علاوه پنهنجي تر ۽ جوءِ جي خاص لفظن ۽ محاورن جو به ماهر آهي، جن کي هو پنهنجي شعر ۾ فطري طور ان جي اصلي ۽ حقيقي خواهه اصطلاحي معنيٰ ۾ استعال ڪري ٿو“. (بلوچ، 1991ع -26)

عوامي شاعريءَ جي ٻولي من موهيندڙ لفظن، خوبصورت چوٽين، پهاڪن ۽ محاورن سان مالا مال آهي. جيئن حضرت عمر رضه عربي شاعري کي عربن جو عام دفترسڏيو، اهڙي طرح عام سنڌي شاعري به سنڌي ٻوليءَ، قوم ۽ تاريخ جو عام دفتر آهي، جنهن جي پڙهڻ نه صرف شاعري ۽ ثقافتي ورثي کان واقف ٿيون ٿا، پر ان کي ميراث وانگي سنڀاليون به اچون ٿا.

## عوامي شاعريءَ جا موضوع:

عوامي شاعر به عوام مان ئي آهي، انهيءَ ڪري جيئن عام انسان مختلف ڪيفيتن مان گُذري ٿو. سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح واقعن ۽ حالاتن کان متاثر ٿئي ٿو، تئين هڪ شاعر جو انهن واقعن ۽ حالتن کان متاثر ٿيڻ اڻ ٽر آهي، عوامي شاعر جا موضوع به اهي ئي آهن، جيڪي عوام سان لاڳاپيل آهن. مثلن عوام جا داخلي جذبات، خواهشون يا خواب، اُمنگو يا ثقافتي سرگرميون مسئلا اهنج، خود داري، آزادي ،ڌرتي ۽ ڌرتي وارن سان محبت ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ عوام جي زندگيءَ تي اثرانداز ٿيندڙ سرڪار ۽ ان جا فيصلا.

## عوامي شاعريءَ جا واقعاتي موضوع:

مختلف زمانن ۾ ڪي واقعا اهڙا به رونما ٿيندا رهيا آهن جن ان ڌرتي جي ماڻهن سميت دُنيا جي هر ساڃاهه وند شاعر، اديب جي ذهن کي جنجهوڙي وڌو.

هڪ عام شاعر ڪنهن وڏي واقعي کان متاثر ٿي، انهيءَ کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻائيندو آهي. هڪ شاعر جي احساساتي نظر ئي دُنيا جي پنتي پيل ملڪن جي ماڻهن جي هڏاون ڏانچن، بُک ۽ بدحالي ۾ پيسجندڙ حالتن

تي شاعري جي صورت ڳوڙها ڳاڙي ٿي، يا ڌرتيءَ جي گولي تي پيدا ٿيندڙ انياءَ تي ئي هڪ شاعر، شاعري جي ذريعي مزاهمت ڪري ٿو.

جڏهن کان دُنيا وجود ۾ آئي آهي، انسانن گڏجي رهڻ شروع ڪيو، تڏهن کان وٺي اڄ تائين پيار، محبت، وصل، وڇوڙا ۽ انسانيت شاعريءَ جا آفاقي موضوع رهيا آهن. گڏوگڏ ڪجهه اهڙا به واقعا رونما ٿيندا رهيا آهن، جن عام توڙي خاص جي جيءَ کي جهوري وڌو ۽ اهڙن ئي واقعن کان هڪ عام شاعر جو متاثر ٿيڻ اوس آهي.

ڪجهه واقعا دُنيا جي تاريخ سان گڏوگڏ دُنيا جي ادب تي به اثرانداز ٿياآهن.عربساتان ۾ ”عام الفيل“ وارو سال مشهور ٿيو، يمن جو بادشاهه ابرهه، هاٿين جو لشڪر سوارن سميت وٺي مڪي ۾ ڪعبته الله کي شهيد ڪرڻ جي ارادي سان آيو... اهو واقعو ايڏو ته مشهور ٿيو، جنهن عربستان جي تاريخ ۾ اهم جاءِ والاري. قرآن شريف ۾ ”سوره فيل“ ان واقعي سان منسوب آهي. سيرت جي مصنفن به حضورپاڪ صه جن جي ولادت لاءِ لکيو ته عام الفيل کان 40 سال بعد جي تاريخ ۾ ايئن لکبو رهيو ته فلاڻو ڪم عام الفيل کان هيترا سال بعد ۾ ٿيو وغيره.

عيسوي سن حضرت عيسيٰ عه سان منسوب ڪيو ويو. جنهن کي تاريخن ۾AD (After Death of Crist) يا BC (Before Crist) لکيو ويندو آهي. مسلمانن جو هجري سن جو حضرت عمر رضه جي دؤر ۾ باقائده رائج ڪيو ويو، سو حضور پاڪ صه جي هجرت واري واقعي سان منسوب ڪيو ويو. اهڙي طرح دُنيا ۾ رونما ٿيندڙ ڪيترائي واقعا، شخصيتن جو مرڻ ۽ ڄمڻ انساني تاريخ جو حِصو رهيا. ڪربلا جي واقعي تي ته دنيا جهان جي شاعري ڳوڙها ڳاڙيندي نظر اچي ٿي، قرت العين طاهره ۽ بي نظير ڀٽو سميت دُنيا جي تاريخ ۾ بيشمارهستيون آهن، جن جي قتل پنهنجا شديد اثر ڇڏيا. جن جي زندگي پڙهڻ سان ئي هڪ عام ماڻهو جا لڱ ڪانڊارجي وڃن ٿا. اُتي هڪ حساس شاعر جي دِل تي ڇا گُذرندو.

دُنيا ۾ مذهبي ڪٽرپڻي، حڪمرانن جي انڌي حوس، جهيڙن، جهڳڙن ۾ مرندڙ بيگناهه ماڻهن تي، دنيا سڪتي ۾ اچي ٿي وڃي ، پر هڪ باشعور ماڻهون هر ننڍي وڏي سانحي تي زلزلو محسوس ٿو ڪري. نائين اليون جو واقعو، جنهن پوري دُنيا کي متاثر ڪيو، جنگيون لڳيون يا ان کان پهريان پهرين مهاڀاري لڙائي، ٻي مهاڀاري لڙائي، 1947ع ۾ ننڍي کنڊ جو ورهاڱو، جن تي ڪيترائي ناول لِکيا ويا ۽ شاعري ڪئي وئي، اهڙي طرح ڪيترا ئي ننڍا وڏا واقعا قدرتي آفتون، ٻوڏون طوفان، عالمي وبائن سميت اثرانداز ٿيندا رهيا

آهن. ڪرونا تازو ئي ڪرونا جي عالمي وبا به پوري دُنيا کي متاثر ڪيو.
هڪ شاعر، اديب به سماج جو باشعور فرد آهي، انهيءَ ڪري، سندس سماجي اُٿل پُٿل ۾ رونما ٿيندڙ واقعن کان متاثر ٿيڻ عين فطري آهي.

## شاعري:

شاعري هڪ احساساتي  ڪيفيت جي اظهار جو نالو آهي، شعر اندر جي آواز جو مؤثر بيان آهي، شاعري جذبات ۽ تخيل جي زبان آهي. ”افلاطون شاعري کي نقل جو به نقل چئي ڪري حرفت ۽ صناعي جي مقابلي ۾ گهٽ درجي جي شئي قرار ڏِنو آهي، اُن جي برعڪس ارسطو شاعري کي Katharsis نفس پاڪائيءَ جو وڏو ذريعو ڏئي ڪري نه صرف ان جي عظمت کي تسليم ڪيو، پر شاعريءَ جي تعريف لاءِ راهون کولي ڇڏيون“ هو لکي ٿو ته ”شاعر ماڻهن جي ڪمن کي ۽ جذبات کي اهڙي طرح بيان ڪندا آهن جو اهي عمومي ۽ آفاقي بڻجي ويندا آهن. اهڙي طرح شاعريءَ کي تاريخ تي فوقيت حاصل آهي،  (هادي، 2005: 06)

شاعري ازلي ابدي حقيقتن جي هڪ اهڙي تصوير آهي، جنهن جي عڪس بندي پهريان شاعر جي ذهن ۾ ٿئي ٿي، پوءِ اُنهن نقشن کي سهڻن لفظن جو ويس پارائي پنن تي اُتاري ٿو.

دُنيا جي حسين منظرن توڙي لقائن کي شاعر حسن ۽ جماليات جي اک سان ڏسي ٿو، دِلفريب منظر هجي يا شام جي شفق، بهار جي مند يا خزان جي پن ڇڻ، چوڏهين جي چانڊوڪي يا اٺتيهين اونداهي هجي، هڪ سائنسدان، هڪ عام ماڻهو ۽ هڪ شاعر پنهنجي پنهنجي اک سان ڏسندو آهي، شاعر پنهنجي اندر واري اک سان مشاهدو ٿو ڪري، قدرت جي حسين مناظرن ۽ لقائن کان متاثر ٿي ڪري تخيل جي اهڙي ته بلند پرواز ٿو ڪري جتي پهچندي عام علوم توڙي سائنسي علوم جي ماهرن جي پر به وس جي ڳالهه نه آهي.

انگريزي جي مشهور شاعر شيلي (Shelley) شاعر جو جيڪو جامع تصور پيش ڪيو آهي، اهو بلڪل درست آهي ته ”اهي ماڻهو (شاعر) هن نظام جو تخيل رکندا آهن ۽ انهن جو اظهار به ڪندا آهنهو ٻولي موسقي رقص وَن تعمير مڇسي سازي ۽ مصوري جا موجد هوندا آهن اجتاعي هئيت جا باني آهن، (هاري، 2005: 65))

شاعر ٻوليءَ جو ماهر هوندو آهي، نفسيات جو ڄاڻو علم ۽ حڪمت جو صاحب هوندو آهي، ڪوبه لقاءُ يا منظر،عام جي نظر ۾ ڀلي معمولي هجي، پر جڏهن شاعر جي اندر واري اک ان کي ڏِسندي آهي ۽ سندس لفظن جو ڇهاءُ صورت گري ڪندو آهي ته غير معمولي بڻجي ويندو آهي. ڪويل توڙي

ٻاٻيهي جي ٻولي مان عام ماڻهو به لطف اندوز ٿي سگهندو آهي، پر هڪ شاعر جي دِل کي بيتاب ۽ بيقرار ڪري وجهندي آهي. سج جو اُڀرڻ ۽ لهڻ، رات جو آسمان، ستارن سان ڍڪجي وڃڻ، وقت جو تيزيءَ سان گُذرڻ، ٻلي ڪنهن جو ڌيان نه به وڃي، پر هڪ شاعر روز مره جي غير محسوس ٿيندڙ شين کي به شدت سان محسوس ڪري ٿو.

ڪيئن اُڀري ٿو، ڪيئن اُلهي ٿو، ڪيئن پئي عمر تمام ٿئي،
مان سوچيان ٿو ڪيسين تائين ٿو صبح ٿئي ۽ شام ٿئي.

(اياز 2004: 405 )

شاعر فطرت جاساڃي آهن، ڪائنات جي حُسناڪين کي پنهنجي تخليق جو محور بڻائن ٿا. شاعر پنهنجي داخلي ۽ خارجي سچاين کي فنڪارانه انداز ۾ آشڪار ڪري عالم اڳيان رکن ٿا.

”شاعريءَ جي مڙني نقادن شاعري جي تخيل ۽ تصور (Imginaion) واري پهلو تي گهڻو زور ڏِنو آهي، ڇو ته اهو ئي هڪ پهلو آهي جيڪو ڪنهن شاعر کي غير شاعر کان ممتاز بڻائي ٿو. جيتري شاعر جي تخيل جي اُڏام اوچي هوندي، اوتري ئي سندس شاعري عظمتن جي اعليٰ پد تي پهچندي، ان تخيل جو تعلق شاعر جي ڪوشش سان نه پر سندس داخلي ڪائنات سان هوندو آهي، جيڪا منجهس انوکي حسيت پيدا ڪري ٿي“ (دانش ، 2016: 118)

شاعريءَ کي مختصر لفظن ۾ ايئن بيان ڪري سگهجي ٿو ته شاعري اُها آهي جنهن ۾ غنائيت هجي، جماليات هجي، وسيع معنيٰ ۽ مفهوم رکندڙ، هجي، تصور ۽ تخيل جي حسين دُنيا، مترنم الفاظ پُرجوش خيالن ۾ جيڪي جذبن اُڀارڻ جو ڪم ڏين، شاعري فڪر جي عميق گهراين جي حامل آهي، دِل جي دردن جي دانهن آهي، فطرت جي حسين ۽ دِلفريب منظرن جو عڪس آهي، شاعري سماجي حالتن جو آئينو، درد، ڪيف ۽ سرور جي ڪيفيتن ۾ ڇپيل لفظن جي مجسما سازيءِ جو فن آهي، چنڊ جي چانڊوڪي، صبح جي ٿڌڙي هير ،سج جو اُڀرڻ ۽ لهڻ آهي، بهار جي مُند ۾ ٽڙيل گُل، نٽهڻ اُس ۾ هير جو جهوٽو ۽ اُڀ تي اُڀري آيل ڪڪر آهي.

## موزون ۽ غير موزون شاعري:

شاعريءَ جون جدا جدا عالمن، جدا جدا تشريحون ڪيون آهن، ڪن وزن بحر، قافيي، رديف تي زور ڏئي شاعريءَ جي فن کي اهميت ڏِني ته ڪن وري فن سان گڏوگڏ فڪر تي زور ڏِنو، نتيجي ۾ ادب ۽ شاعري جي ميدان ۾ به

مڪتبِ فڪر پيدا ٿيا، جن مان هڪڙو ادب براءِ فن ۽ ٻيو ادب براءِ زندگي جي پرچار ڪرڻ لڳو. ادب ۾ نثر توڙي نظم ۾ ٻئي نظرياتي گروهه پيدا ٿيا. قليچ بيگ لکي ٿو ته ”شعر انهيءَ ڪلام کي چئجي ٿو جو وزن ۽ قافيو رکندو هجي ۽ جنهن جا لفظ برابر ۽ مناسب هجن ۽ جي شعر چوندڙ ڪنهن خاص ارادي ۽ قصد سان چوي.“ (قليچ بيگ – 1992ع -328)

موزون شاعريءَ جي اهميت تي زور ڏيندي، سنڌي ٻوليءَ جو عالم ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو ته ”شاعريءَ ۾ نه فقط حسن جي مشاهدي ۽ حيثيت جي پروڙ جي قابليت هئڻ گهرجي، مگر ان سان گڏ ٻئي هنر جو هئڻ پڻ ضروري آهي، جنهن کي شاعري صنعت چئجي ٿو. شاعر ان صنعت وسيلي پنهنجي خيالن ۽ جذبن کي اهڙن عمدن ۽ اثرائتن لفظن ۾ اهڙو سليس مگر رنگين عبارت ۾ اهڙي ڍنگ ۽ طرز سان بيان ڪري ٿو جو پڙهندڙن ۽ ٻُڌندڙن جون دِليون بي اختيار ڪينئچيو وڃن اُها نقش ڪيل تصوير سندن اڳيان پئي ڦِري ازاسواءِ وزن ۽ قافيي جو هجڻ پڻ ضروري آهي، جنهن جي ذريعي شاعر جو ڪلام وڌيڪ لطف ۽ لذيذ ٿئي ٿو.“ (گربخشاڻي – 1949ع – صفحو 06)

شاعريءَ ۾ علم عروض جي پابندي، بحرن جي مقرر رڪنن جي ساهميءَ ۾ توريل پورو شعر قافيي رديف جي لازمي هجڻ ڪي موزون ڪلام سڏيو وڃي ٿو. جيڪو پراثر به هجي ۽ اخاص ارادي سان لکيو وڃي شعر آهي. (خليل ، 1949: 280).

موزون شاعريءَ تي زور ڏيڻ وارن ادب براءِ فن جي حامين علم عروض سميت شاعريءَ جي مڪمل فن ڪانسواءِ باقي شاعري کي خارج ڪري ڇڏيو ۽ ادب براءِ زندگي واري لاڳاپيل گروهه کي شاعر مڃڻ لاءِ تيار نه آهن. قليچ بيگ ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي سميت سموري ڪلاسيڪل شاعريءَ کي جهنگلي شاعري قرار ڏِنو، ڇو ته اُها علم عروض تي نه آهي، توڙي جو سنڌي ڪلاسيڪل شاعري چند وديا تي آڌاريل آهي.

شاعري جيئن ته هڪ انسان جي اندروني ڪيفيتن جو اظهار آهي، غم توڙي خوشين کي سهڻن لفظن ۾ پوئڻ، خارجي توڙي داخلي ڪيفيتن کي شدت سان محسوس ڪرڻ ۽ اُنهن کي لفظن جو روپ ڏيڻ آهي. ڪيترن ئي عالمن مڪمل شعري پابندين ۽ هيئتن کي اهميت نه ڏيندي صرف محسوسات، مقصد ۽ جذبي جي اظهار خالص خيالن جي بُلندي ۽ احساس جي ترجماني کي شاعري سڏيو آهي.

شبلي نعماني لکي ٿو ته ”دنيا ۾ جيترا به قدرت جا مظهر آهن، اُهي مادي هجن مثلاً پهاڙ برپٽ،باغ، درياهه وغيره توڙي غير مادي مثلاً وصال، جُدائي، احسان، محبت، نفرت اُنهن سڀني جو دِل تي اثر ٿئي ٿو ۽ هر شخص

جي دِل تي ٿئي ٿو، پر اثر مختلف ٿين ٿا ڪن تي ٿورو ته ڪن تي گهڻو ٿئي ٿو.جيڪو شخص اُنهن جو اثر عام ماڻهن کان وڌيڪ قبول ڪري ۽ انهن اثر کي لفظن جي شڪل ۾ آڻي ٿو، اهو شاعر آهي. (نعماني ، 1949: 11)

شاعري لفظن جي تنظيم ڪاري جو نالو آهي، ڪائنات جي قيام ۾ به اهو ئي تنظيم ڪاري جو اصول ڪارفرما آهي، شاعري نازڪ جذبن ۽ احساسن جي فني اظهار جو نالو آهي.

شاعريءَ ۾ جيڪڏهن پيغام نه آهي، زندگيءَ جي تصوير نه آهي، انساني زندگيءَ جو درد، پيڙا نه آهي،جلوو ۽ جمال نه آهي ته اُها خالي لفاظي چٺبي، چو ته ”فن جيستائين زندگيءَ جو ضمير نه آهي، تيستائين اهو پاٽيءَ تي چٽُ آهي، اُن ۾ ڪائي پابندي نه آهي“ (اياز، 1999: 237)

شاعري وهب به آهي ته ڪسب به آهي، ڏات به آهي ته ڏانءُ به. ڏات ڪانسواءِ ڏانءُ چسو ۽ بيڪار آهي، اڻ سونهون آهي، هٿ واٺئي جي ڪندي جي بندي آهي، اهڙي طرح ڏانءُ ڪانسواءِ ڏات به رواني ۾ چيل اهي لئي وارا جملا آهن، جن ۾ ترتيب جي گهٽ وڌائي آهي، توڙي جو خيال جي گهرائي آهي، پر ان جي باوجود هڪ اهڙي ڪچي رستي/سڙڪ جي مثل آهي، جنهن تي هلندي گاڏيءَ ۾ ويٺل ماڻهونءَ کي
جهاڪا شدت سان محسوس ٿين ٿا.

صرف ڏات تي ڀاڙڻ وارو شاعر ڏانءُ جي مشق کان لنوائي ٿو، پر تخليق جي سونهن لاءِ ٻنهي جو هجڻ لازم آهي ”شاعر يا اديب کي پنهنجي فن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ ان جي ڪمال ۽ توڙ تي پهچڻ لاءِ سخت جُهد پٽڻا پون ٿا، هڪ وهبي شئي ائين آهي، جيئن ڪو ٻيلو يا چراگاهه، جنهن ۾ وڻ ٽڻ ٻوٽا، گُل ڦُل سواءِ ڪنهن ترتيب يا نظام جي ٽڙيا پکڙيا پيا هُجن، جيڪڏهن اُنهن کي پنهنجو حسن ۽ جمال آهي ۽ انهيءَ بي انتظامي ۾ به نظام آهي، پرجڏهن انسان جو هنرمند هٿ اُنهن کي خاص ترتيب ڏي بيهاري ٿو، تڏهن اُنهن جو جلوو جمال ويتر وڌيڪ ٿئي ٿو. هڪ پاٽيءَ جي وهندڙ ڪسي، جبل تان جرڪندي، گهرڪندي، ور وراڪا ڪائيندي نهايت خوشنما ڏسڻ ۾ اچي ٿي، پر جڏهن اُها مرغذار ۽ گلستان مان لنگهي ٿي تڏهن سندس زيب زينت، دوبالا ٿيو پوي.“ (دائود پوٽو ، 1991: 09)

ترتيب ۾ ئي سونهن آهي، هڪ ڪمري يا پوري گهر جي ترتيب ئي ان ڪمري يا گهر جي سونهن ۾ اضافو آڻي ٿي. سپني شين جي موجود هجڻ جي باوجود به جيڪڏهن ترتيب نه آهي پردا ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ پيا آهن، قالين فرش جي بجا بيڊ جي مٿان پيو هجي. چادر بيڊ شيٽ Bead Sheet)) بيڊ جي بجاءِ الماڙي جي مٿان پئي هجي ته ڪمرو يا گهر هڪ ڪباڙخاني جي مثل

هوندو، ترتيب ئي سونهن پيدا ڪري ٿي. اهڙي طرح وهب لاءِ ڪسب سوني تي سهاڳو آهي.

شاعر ڪي پنهنجي احساسن، اُنمن ڪي عام جي اڳيان پيش ڪرڻ لاءِ لفظن جوسهارو وٺڻو پوي ٿو، خوبصورت خيالن ڪي لفظن جو جامو پهرائي پني تي اُتاري ٿو، جيئن ته جذبا، خيال سوچون، اُنما جن جي ڪا به مادي شڪل نه آهي، خوشي توڙي غم سميت اندر جي محسوسات ڪي ڪا به صورت نه آهي، جو ماڻهن ڪي ڏيکاري سگهجي. شاعر لفظن جي وسيلي ئي انهن ڪي شڪل ۽ صورت ڏئي پيش ڪري ٿو. لفظ به اصل شڪل توڙي صورتن جون علامتون (Symbool) آهن، اصل نه آهن. "شاعري به هڪ لطيف فن آهي، جنهن جي اظهار جو مادي وسيلو 'لفظ' آهن. شاعري سڀني لطيف فنن جو روح ۽ سڀني کان اُتم آهي. شاعري کان موسيقي جو درجو گهٽ آهي، موسيقي کان مصوريءَ جو درجو گهٽ، مصوريءَ کان بت تراشيءَ جو درجو گهٽ ۽ بت تراشيءَ کان عمارت سازيءَ جو درجو گهٽ آهي، لطيف فنن جي اها درجه بندي انهن جي مادي وسيلن جي مقدار موجب ڪيل آهي. (شمشير ، 2012: 70)

موزون ۽ غير موزون شاعري جي بحث کي پورو ڪرڻ کان اڳ شاعري لاءِ شيخ اياز جي راءِ ڏيڻ اهميت جوڳي هوندو "شاعري ڪنڀار جو ڪاروبار نه آهي، پر ڪلال جي ڪاڙهي آهي ۽ سري جي سگنت ڪانپوءِ هر ٿانءُ مٽيءَ جو پنوڙو آهي. شعر جو تخيل هيئت ايئن حاصل ڪندو آهي جيئن باز بلبلل کي جهٽي. (شيخ اياز ، 1999: 214)

مٿين بحث مان اهي نتيجا ڪڍي سگهون ٿا ته شاعري هڪ تخليقي فن آهي، جيڪو جذبي ۽ احساس تصور ۽ تخيل جي سرچشمن جي اُتل آهي. هر موزون عبارت شاعري نه آهي، پر شاعريءَ لاءِ موزونيت ضروري آهي.

شاعري اُها آهي، جنهن ۾ ڪو پيغام هجي. اُهو ئي سبب آهي جو شاعر کي پيغامبر يعني پيغام پهچائيندڙ چيو ويو آهي ۽ انهيءَ پيغام ۾ به انساني زندگيءَ جي ترجماني هجي، تجربو هجي، مقصد هجي، جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهه نه آهي ته شاعري گرامر جي قائدن، گردانن، طب، اقتصادي يا جاگرافي نظريا بيان ڪرڻ جي هڪ ذهني مشق کانسواءِ ڪجهه نه آهي.

شاعري ڏات به آهي ته ڏانءُ به آهي. ڏات کانسواءِ ڏانءُ بي مقصد آهي ۽ ڏانءُ کانسواءِ ڏات اڻ گهڙئي ڪاٺ وانگر آهي.

شاعري ڏات آ اياز مگر،
ڏات کهڙي، هجي نه جنهن کي ڏانءُ

(شيخ اياز 1995: 192)

آن که اول شعر گفت آدم
صفي الله بود،
طبع موزون حجت فرزندي آدم
بود.
(صائب) (اياز 2007:562)

(جنهن پهريون شعر چيو آدم سفي لله هو، موزون طبع آدم جي فرزنديءَ جو دليل آهي)

## عوامي شاعريءَ جي ابتدا:

عوامي شاعريءَ جي ابتدا لاءِ وثوق سان نٿو چئي سگهجي ته ڪڏهن کان شروع ٿي البته جڏهن کان ماڻهوءَ کي شعور آيو آهي. ٻولي سکيو ۽ جذبن جي بيان تي قدرت حاصل ڪئي، تڏهن کان شعر چيو هوندائين ڇو ته دِل مان نڪتل بي ساخته ٻول ئي لئه يا ترنم جي آذار تي پهريان نمونا آهن.

ساڳئي ريت امير خسرو جو شعر آهي.

ماهمه دراصل شاعرزاده
ايم،
دِل به اين محنت نه ازنود
داده ايم.

ترجمو: اسان دراصل شاعر مان پيدا ٿيا آهيون، هيئن پنهنجو پاڻ، دِل لائي محنت نه ڪري رهيا آهيون.

جڏهن قابيل پنهنجي ڀاءُ هابيل کي حسد وِچان قتل ڪيو، تڏهن سندس پيءُ اوساري وِچان جيڪي لفظ ڪڍيا هوندا اُهي به شاعريءَ جو ئي هڪ نمونو هئا انهيءَ ڪري جو شعر جو اصل بنياد مذهب کي قرار ڏِنو وڃي ٿو، جو فطري طاقتن کان ڊڄي ڪري انهي جي رضامندي لاءِ گيت ڳايا ويا، غم يا خوشيءَ جي موقعي تي انسان جي اندر مان بي ساخته لفظ جي احساسات ۽ جذبات جي ترجماني ڪن ته اُها ئي شاعري آهي. جڏهن کان انساني عقل ۽ فهم ۾ اڳيرائي ٿي ۽ انسان شعور سنڀاليو، گڏجي رهڻ لڳو، ڀائپي ۽ ڀائيچاري جو سلو سندس اندر ۾ اُسرڻ لڳو. تڏهن کان سندن احساس ۽ جذبن شعر جو روپ ورتو انسان فطري طور تي پاڻ کان وڌيڪ طاقتور شين کان ڊڄندو آيو آهي. باهه جڏهن انسان کي يا سندن گهر گهاٽن کي ساڙي رک ڪيو هوندو ته باهه جي پوڄا ڪرڻ شروع ڪئي هوندائين، اڳتي هلي سندس اهڙي روش مذهب اختيار ڪيو زرتشت انهن جو مذهبي اڳواڻ آهي ان مذهب جي پوئلڳن کي مجوسي يا آتش پرست سڏيو ويندو آهي. اهڙي طرح جڏهن درياهه جي

هيبت، هشمت ۽ گوڙن سندس بت مان سيسراٽيون ڪيرايون هونديون تڏهن درياهه/جل کي پنهنجو پڳوان سمجهي راضي ڪرڻ لاءِ ڪرم ڪرپائون ڪيون هوندائين مختف طريقن سان پوڄا پاٺ ڪري راضپو حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي ٻول ٻوليائين سي به ابتدائي شاعريءَ جا اُهڃاڻ هوندا. جل پوڄا، سج، پوڄا، چنڊ پوڄا،نانگ جي پوڄا سميت ڪيترين طاقتور شين جي پوڄا جا مثال اڄ به دنياجي مختلف سماجن ۾ رائج آهن.

انساني سماج جيئن جيئن ترقيءَ جا ابتدائي مرحلا طئه ڪرڻ لڳو ته خوشين، غمين جي موقعن تي چيل رسيلن جملن،ڪنهن مقصد جي حاصلات لاءِ سندن زبان مان نڪتل فقرا ابتدائي شاعريءَ جا نموناچئي سگهجن ٿا. امڙ جي لولي ڪان وٺي سريلي انداز ۾ ڳايل ڳيچ يا سهرن جي ابتدائي شڪل اختيار ڪئي هوندي. ابتدائي عوامي شاعريءَ جا ٽي وڏا مُحرڪ رهيا آهن.

(1) مذهبي رسمون پرارٿنائون.
(2) سهرا، ڳيچ يا اوسارا
(3) رزميه

(1) مذهبي رسمون پرارٿنائون:- مذهبي رسمن ۾ پرارٿنائن جو بنياد قدرتي آفتن جي ازالي طور پيو هوندو، چو ته جڏهن به ڪنهن طوفان، ٻوڏ، بارش ماڻهن کي ٻوڙيو هوندو ته اُنهن آفتن جي اڳيان پرارٿنائون، آزيون نيازيون ڪيون هونديون. ڪن رس ڀري انداز ۾ ته ڪن سادي سودي انداز ۾. پيغمرن ۾ دائود عليه اسلام جا زبور يا مزاسير مشهور آهن، جي عبراني ٻولي ۾ هُئا، پوءِ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيا. سندس آواز به ايترو ته سريلو ۽ سوز ڀريو هئو جو جڏهن مڌر آواز ۾ زبور پڙهندو هو ته پکي پکڻ توڙي ماڻهن تي سحر طاري ٿي ويندو هُيو. عبراني ٻولي ۾ حضرت سليمان عليه اسلام جا حڪيماڻه قول به آهن، جيڪي پڻ ترجمو ٿيا آهن. جن کي سڄي دُنيا ۾ ”سليمان جا سُخن“ سڏيو وڃي ٿو.

## ڳيچ يا سهرا:

ڳيچ يا سهرا اُنهن جي قدامت به اوتروئي پراڻي آهي، جيتري آدم زاد. ڳيچن لاءِ ولي محمد طاهر زادو لکي ٿو ته ”جڏهن حضرت آدم عليه اسلام ۽ بيبي حوا ۾ وڇوڙو پيو ۽ هو پهريون ڀيرو وڇڙڻ کانپوءِ مِليا هوندا ته پوءِ هڪ ٻئي کي ساري سپ احوال ڏِنا هوندائون، حال احوال ختم ٿيڻ کانپوءِ منجهن خوشي پيدا ٿي هوندي، انهيءَ خوشيءَ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ خوشيءَ جا ٻول ٻوليا هوندائون، جي پڪ ڪائي ڳيچ ئي هوندا ۽ نه ڪو ٻيو نظم“ وڌيڪ لکي ٿو

ته ”جڏهن آدم جو اولاد پيدا ٿيو هوندو ته وڏيو وجهيو هوندو انهن جون شاديون مُراديون ٿيون هونديون، تڏهن بيبي حوا خوشيءَ جا ٻول يعني ڳيت ڳايا هوندا، ان ڏينهن کان وٺي عورت جي فطرت ٿي وئي هوندي، هوءَ پاڻ کي ڳائڻ ۾ رُڌل يا مشغول رکي ۽ مختصر شئي جنهن کي ڳاءِ ٿو چئجي، سو ڳائيندي رهي. (ولي محمد، 2007 : 20)

ڳيچ انسان ذات جي احساس ۽ جذبن ۽ اُڌمن جي اُها صورت آهي جيڪا ٻولن جو روپ وٺي اندر جي ڪيفيت جي ترجماني ڪري ٿي، ڳيچ جي لفظي معنيٰ به آهي ڳائڻ. عورتون گهرن ۾ ڪم ڪار ڪندي ڪجهه نه ڪجهه پيو جهونگاريندي آهن. جهونگارڻ کي ’’ڳاءِ‘‘ به چون ڳاءِ مان ڳيت ڳيچ.

ڳيچ يا اوسارن لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو ته: ”ڳيچ انسان ذات جي ابتدائي شاعري جا اُهڃاڻ آهن. اثرائتن لفظن ۾ جذبات ۽ احساسات جي ترجماني پڻ شاعري آهي ۽ ڳيچن ۾ پڻ دِلي جذبات ۽ خالص احساسات سادن مگر نهايت پيارن لفظن ۾ ادا ٿيل آهن. غالباً آدم زاد انسان سڀ کان اول شاعري ڪنهن وڏي خوشي يا غم جي موقعي تي ڪئي هوندي مثلاً پٽ ڄمڻ يا پرڻائڻ جي موقعي تي ڪئي هوندي يا پربهار ٿيو هوندو يا ڪنهن عزيز يا ساٿيءَ جي مرڻي تي رنو هوندو، اُنهن موقعن کان متاثر ٿي پنهنجا جذبات اثرائتن لفظن ۾ ٻين جي آڏو ظاهر ڪيا هوندائين. مرد جي ڀيٽ ۾ عورت زياده حساس آهي ۽ ماءُ جي اولاد لاءِ محبت پڻ ازلي آهي، انهيءَ لحاظ کان غالباً پٽ جي شادي يا ڪاميابيءَ تي ماءُ جو ڳيچ ۽ موت ويلي ماءُ جو پار يا اوسارو انسان ذات جي ابتدائي شاعريءَ جا ڪُهنا يادگار آهن“ (بلوچ ،1991 : 132)

انهيءَ ڪري اسين ڳيچن کي انسان ذات جي بنيادي شاعري جا اُهڃاڻ چئي سگهون ٿا، جنهن جا جذبا ۽ احساس آهن.

## رزميه (Epic) :

رزمه جي لغوي معنيٰ آهي جنگ، اصطلاحي معنيٰ موجب جنگ جي ميدان ۾ جيڪو به ڪجهه وهي واپري، انهيءَ سموري واردات جو نقشو شاعريءَ ۾ چٽڻ کي رزميه شاعري چئجي ٿو، جنگ جي ميدان ۾ ڪنهن هڪ بهادر يا سپني بهادرن جي جنگي ڪارنامن کي بيان ڪرڻ ۽ اثرائتن لفظن سان جوش، ۽ خروش پيدا ڪرڻ کي به رزميه شاعري چئجي ٿو.

حب الوطني انسان ذات جي اُها ميراث آهي جنهن تي قومون فخر ڪنديون آهن، رزميه شاعري ۾ جنگ سان گڏوگڏ اُنهن ڪوڙن ڪونڌرن ۽ بهادرن جو ذڪر مِلندو آهي، جي مڙس ماڻهون ٿي جنگ ۾ وڏي دليري سان وڙهيا، اهڙن اڙٻنگن جو ذڪر شد مد سان بيان ڪيل هوندو آهي، جن سان

قومن جو عروج ۽ زوال واڳيل هوندو آهي، اُنهن بهادرن جي بيباڪيءَ جي ڪري قومون فخر سان ڳاٽ اوچو رکنديون آهن.

”رزميه شاعري، شاعريءَ جي صنفن ۾ بلند درجو رکي ٿي جو ان ۾ بهادريءَ جا ڪارناما، سپاهين جي شجاعت، جوهر ۽ جذبا نهايت دلپسند نموني ۾ بيان ڪيا وڃن ٿا. (خليل ،1991: 125)

رزميه داستانن کي دُنيا جي ادب ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. يونان جي مشهور شاعر، هومر جو اليئڊ ۽ اوڊيسي رزميه ڪلام آهي، فردوسي کي رزميه شاعريءَ جي ڪري مهندار ڪوٺيو ويو ”شاهه نامو“ سندس وڏو ڪارنامو آهي. عرب شاعرن جو رجز، جنهن کي اسلام کان يا بعد ۾ اهم مقام حاصل آهي. سنڌي دودي چنسير جو قصو رزميه داستان آهي، رزميه شاعريءَ جا اهڙا مثال ٿوري گهڻي فرق سان دُنيا جي سڀني قومن وٽ ملن ٿا، ڪن وٽ اهو جذبو ججهي مقدار ۾ آهي ته ڪن وٽ ٿورو. مغرب ۾ ايپڪو (Epico) شاعري ان جو مثال آهي، ننڍي کنڊ ۾ ”ويرگاٿا“ جو دؤر 12 صدي عيسوي کان 14 صدي عيسوي مشهور آهي. سنڌ ۾ سومرن جو دؤر 11 صدي عيسوي کان 14 صدي عيسوي تائين رزميه شاعري جو اهم دؤر ڪري ليکيو ويندو آهي، جن ۾ سومرن ۽ گجرن جي لڙائي، سومرن ۽ خلجين جي لڙائي، سومرن ۽ سمن جي لڙائي مشهور آهن، جن کي پٺن پانن چارڻن ڏاڍي پيرائتي انداز ۾ ڳايو آهي.

شاهه جو ڪيڏارو، خليفي نبي بخش بلوچ جو ڪيڏارو، ”شاهنامو سنڌ“، ”جنگ ناما“ سنڌي رزميه شاعري جا اهم داستان آهن، جن ۾ بهادرن جو بيباڪيءَ سان ذڪر ڪيو ويو آهي، زالون به مڙسن کي جنگ ۾ مرڻ کي ترجيح ڏين ٿيون.

پڳو آنءُ مَ چوان، ماريو ته وسهان،
ڪانڌ مُنهن ۾ ڌڪڙا، آنءُ سيڪندي
سونهان،
ته پڻ لڄ مران، جي هئنس پُٺ ۾.
(شاهه)
(آڏواڻي، 2013: 269 )

جنگ جي ميدان ۾ ڳجهون به هڪ ٻئي کي چون ٿيون ته ڪونڌرن کي کائو، جن کي مُنهن ۾ ڌڪ لڳل آهن، باقي جيڪي ڪانئر آهن، جن کي پُٺيءَ ۾ ڌڪ آهن، اُهي پلي ڪنا پيا ٿين.

ڳجهڙين ڳارو، راتيان ڏينهان رڻ ۾،
پُٽيو پچن پاڻ ۾، ڪنهن مُنهن

کيڏارو،
کائو ڪڳ مارو، ڪانئر پيو ڪنو ٿئي.
(شاهه)
(آڏواڻي، 2013: 273 )

سنڌي لوڪ شاعري:

لوڪ جي لفظي معنيٰ آهي ماڻهو يا عوام، جنهن کي اردو يا هندي ۾ لوڪ/لوگ انگريزي ۾ فوڪ (Folk)، جرمني ۾ ان کي ووڪ (Volk) چئجي ٿو.

لوڪ سنڌي اردو فارسي ۽ عربي عوام طور استعمال ٿئي ٿو. لوڪ شاعري معنيٰ عوامي شاعري، عوام جي شاعري، عام ماڻهو جي شاعري ۽ عام ماڻهو لاءِ شاعري، جنهن کي عام طور خاص سولائيءَ سان سمجهي سگهي ۽ لوڪ گيت ٿيا عام ماڻهن جا ۽ عام ماڻهن لاءِ گيت.

سنڌي لوڪ شاعري، سنڌي لوڪ ادب جو اهم حصو آهي، جنهن ۾ سنڌي لوڪ شاعري سنڌي سماج جي مزاج جو آئينو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي تهذيب، تمدن، ريتن، رسمن اٿڻي ويهڻي کان علاوه خوراڪ لباس، تاريخ موسيقي وغيره جو ذڪر مِلي ٿو. سنڌي لوڪ شاعري ۾ اسان کي عوامي زندگيءَ جو عڪس ملي ٿو، شهري زندگيءَ سان گڏ اسان کي سنڌ جي ٻهراڙي جي عام زندگيءَ جي به عڪاسي ملندي.

لوڪ شاعري ۾ غيرت، سيرت، صورت، رسم، رواج، وڏڙن جون روايتون، صدين کان سماجي ريتون رسمون انهيءَ سان گڏوگڏ پيار، محبت، هجر، وصال، سونهن سخا، مروت، مردانگي جهڙا موضوع ملندا. ”دنيا جي ڪا به قوم لوڪ گيتن ۽ لوڪ ادب جي خزاني کان خالي نه آهي، مُلڪن ۽ قومن جو هڪ اهو عظيم ورثو آهي، جيڪو جڳان جڳ سيني به سيني هڪ نسل کان ٻئي نسل کي منتقل ٿيندو رهيو آهي، انهيءَ هر خطي جي لوڪ گيتن ۾ اُتي جي سماجياتي ۽ تهذيبي ارتقا جا تاريخي سلسلا سمايل هوندا آهن ۽ انهن مان هر علائقي جي ماڻهن جي مخصوص روايتن ذهني لاڙن ۽ قومي مزاج جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. (الانا، 1991: 170-171)

لوڪ شاعري جي ٻولي نهايت سادي سليس، عام ڳالهائي ويندڙ هوندي آهي يا ايئن ڪٿي چئجي ته عام جي ڳالهه عام سان بيان ڪيل هوندي آهي، جنهن ۾ تشبيهون، استعارا به عوامي ۽ اِردگِرد ماحول مان ڪنيل هوندا آهن. عوامي شاعري ۾ ڪي ڳرا لفظ دقيق خيال ۽ فلسفي انداز اپنايل نه هوندو آهي، بلڪه سِڌو سارو ۽ سولو بيان ٿيل هوندو آهي. جنهن ۾ قدرتي رنگ، فطرتي ماحول، منظر نگاري، چوٽين، پهاڪن ۽ اصطلاحن جو سهڻو استعمال شاعري ۾ رنگيني پيدا ڪندو آهي. لوڪ شاعري ۾ تاريخي حوالا ۽ اُهڃاڻ به ملندا آهن انهيءَ ڪري اها تاريخ جي ترجماني پڻ ڪندي آهي. ”عام شاعري

پنهنجي آزاد ٻولي ۽ آزاد خيالي سبب نهايت پختي ۽ زوردار آهي، عام شاعرن جي زبان سو سندن ڪلام. جڏهن ته هو ڪان عام شاعري جو ڪلام آجو آهي، ڪيس جيڪي زبان، چڙهي آيو، سو چئي ڏنائين، هن سنئين سڌي ڳالهه ڪري پنهنجو حال اوريو آهي ۽ پنهنجي صاف سادي زبان ۾ پنهنجي اندر جو احوال ۽ بيان پيش ڪيو آهي، جنهن ڪري جو لاهو چاڙهو سندس زبان ۾ آهي، سوئي سندس ڪلام ۽ بيان ۾ آهي. عام شاعر پنهنجي ٻئي عام غير شاعر ٻاءُ وانگي ٿلهو ڪائيندڙ، ٿلهو هنڊائيندڙ ۽ ٿلهو ڳالهائيندڙ آهي، سندس ٿلهو ۽ کهرو ڳالهاءُ سندس ڪلام ۾ ظاهر آهي، مگر خوبي به انهيءَ ٿلهي ۽ سادي ڪلام جي اصلي صورت ۾ آهي". (بلوچ، 2014 : 19)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجو ڪتاب "لوڪ گيت" ۾ سنڌي لوڪ شاعريءَ جون 57 صنفون ڏنيون آهن، جن ۾ اڪثريت ٿري لوڪ شاعري جي صنفن تي آهي، انهيءَ ڪان سواءِ سهرن، لاڏن لاءِ الڳ ڪتاب "ڳيچ" سهيڙيو آهي، هتي اسان سنڌي لوڪ شاعري جي اهم صنفن بابت ذڪر ڪنداسين جن ۾ هُنر، سينگار، ڏهس، ڏور، مناظرو، مداحون، مناجاتون، معجزا، ٿيهه اکري، ٻيلڻ، چلڙا، مورو ۽ جمالو آهي.

## هُنر:

هُنر فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، فن، ڪاريگري. ڪو به ڪاريگر پٿر، ڪاٺ يا پلاسٽر ان پئيرس يا ڪنهن ٻي شئي مان ڪا مورت ٺاهي هڪ ڪاٺ جي ٽڪري کي گهڙي ٺاهي، انهيءَ مان خوبصورت فرنيچر ٺاهي يا پٿر مان ڪا سهڻي صورت، روهي يا ڪجهه ٻيو ٺاهيو ويندو آهي.

هُنر سنڌي لوڪ شاعريءَ جي دِلچسپ صنف آهي، بيتن تي مشتمل هن صنف ۾ مختلف بند رکيا ويندا آهن. هن صنف ۾ سُگهڙ شاعر لڪ رکندو آهي، اُن لِڪ ۾ ڳوٺن، شهرن، پکين، جانورن، بيمارين، هنڌن، ماڻن، جا نالا شامل ڪندو آهي، جڏهن اُنهن جي چير ڪبي ته معنيٰ ٻي نِڪرندي. ڪي هُنر سُرن تي ٻڌل هوندا آهن، جيئن اسان جا نيم تاريخي داستان مثلن عمر مارئي، مومل راڻو، سهڻيءَ ميهار وغيره ۽ ٻيا لفظي تجنيسي هُنر جن ۾ هنر آيل هڪڙي ئي لفظ کي بار بار دهرايو ويندو آهي.

لفظي تجنيسي هنر:

جتن ڪج جتن جو، آئيا ڪي
ايندا،
(شاهه)
ور ۾ ڪونهي ور، ڏيرن ور

وڏو ڪيو.
(شاهه)

(سنديلو، 2016: 93)

جنس تجنيسي هُنر: (ڳوٺ ۾ شهرن جي نالن سان) هنر:

مٿياري مَ منهنجا پرين، آراضي
ٿي اڇ،
ڏيپلو پريت جو، ته سکر ٿيان
سڇ،
محبت ديري مڇ، ڀاريو منهنجي
من ۾.
(طالب المولىٰ)

ڇير: مٿ ياري نه منهنجا پرين، آ
راضي ٿي اڇ،
ڏي پلو پريت جو ته سکر ٿيان سڇ،
محبت ديري مڇ، ڀاريو منهنجي من
۾.

(ورياهه، 1991: 95 )

سينگار;

سينگار سنڌي لوڪ شاعريءَ ۾ اهم حيثيت رکي ٿو، سينگار شاعري ۾ شاعرن ۽ سگهڙن جي بلند خيالي ۽ شوق جي خبر پوندي آهي، سينگار شاعري ۾ محبوب جي حسن ٺاهه ٺوهه، هار سينگار جو اهڙو ته ڪمال سان بيان ٿيل هوندو آهي جو پُڙندڙ دنگ رهجي ويندا آهن، انهيءَ ڪان سواءِ تشبيهون ۽ استعارا اهڙا ته دِل لُڀائيندڙ استعمال ٿيل هوندا آهن جو پُڙندي محبوب جو نقشو اکين اڳيان اچي ويندو آهي.

سنڌي سينگار شاعري توڙي جو هندي سينگار شاعري ڪان متاثر ٿي لکي وئي، پر ان جي باوجود سنڌ جي سينگار شاعري کي شاعرن، سُگهڙن پنهنجي اوج ۽ ڪمال تي پهچايو.

سينگار شاعريءَ ۾ شاعرن ۽ سگهڙن پنهنجي محبوب جو نقشو ننهن ڪان چوٽيءَ تائين اهڙو ته چٽيندا آهن، سونهن سوڀيا جي تعريف ڪندا آهن، جو پُڙندڙ دنگ رهجيو وڃي، سينگار شاعري ۾ ”سورنهن سينگار“ جو به ذڪر ڪيو ويندو آهي. شاعرن ۽ سگهڙن اهو فطري سينگار ڇئن هلندڙ، ڇئن، اُڏامندڙ، ڇئن گُلن ۽ ڇئن ميون ۾ ڏيکاريو آهي.

چار چلنت، چار ا اڏنت، چار
قول، قل چار،
اي سونهن سينگار، اپرن هين
اٺ چار،

محبوب جي حسن کي اجان وڌيڪ ڪرڻ لاءِ اپر (ڳهڻن، زيورن) جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. اٺ چار يعني ٻارنهن آهن.

سنڌي سينگار شاعري ۾ مجازي محبوب جي سونهن، ناهه نوهه بابت بيت هوندا آهن، ڪن شاعرن پنهنجي حقيقي محبوب حضرت مُحمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي حسن ۽ سينگار جي به تعريف ڪئي آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ سينگار شاعري ۾ وڏو شاعر جلال ڪٽيءَ کي ڪري مڃيو ويندو آهي، جيڪو ڀٽائيءَ جو همعصر هُيو. انهيءَ ڪانسواءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائي سميت ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ سينگار شاعريءَ جا نمونا ملن ٿا. سينگار شاعري کي اڄ تائين سگهڙ شاعر لکندا رهن ٿا.

ڪِٿي سنبل سُهٽا، ڪٿي مبارڪ مو،
ڪِٿي چهرو چنڊ جو، ڪِٿي جبين جادو،
ڪِٿي شعاع شمس جو، ڪِٿي رهبر رو،
ڪِٿي تلوارون تير ٿيا، ڪِٿي احمد صه جا
ابرو،
ڪِٿي اکيون عجيب جون، ڪِٿي ساغر ۽
سبو،
ڪِٿي گُل گلاب ۽ ڪِٿي بدن جي بو،
لبن لعل لڄائيا، ڏنون لک لولو،
هلڻ تان حبيب جي، عجب ۾ آهو،
ڪِٿي فضيلت فردوس جي، ڪِٿي ڪامل
سندي ڪو،
حبيب آهي هو، طالب مولا تنهنجو.
(طالب الموليٰ)

(ورياهه، 1991: 92 )

**ڏور:** ڏور لوڪ ادب جي نهايت ئي، اهم صنف سمجهي وڃي ٿي، ڏور يعني ڳول، جهڙي طرح پرولي، ڳجهارت، ڏِٺ، دراهي وغيره ۾ ڪا نه ڪا لِڪ رکيل هوندي آهي، تهڙي طرح ’ڏور‘ ۾ به شاعرن، سگهڙن ڪا نه ڪا ڏاهپ رکندا آهن، جيڪا شئي بيت ۾ پيش ڪئي ويندي آهي. تنهن ۾ لِڪ رکندا آهن، سگهڙن جي ڪچهريءَ ۾ ٻين شين سان گڏ ڏور جي به سوکڙي پيش ڪندا

آهن، ڏور ۾ تمثيل لازمي جزو آهي، تمثيل کان سواءِ ڏور بيهي نه سگهندي، ڏور هميشه بيتن ۾ هوندي آهي، جنهن جو تاجي پيٽو، انبيائن جا معجزا، اسلامي قصا، واقعا، بزرگن جون ڪرامتون، قدرت جا رنگ تاريخي داستانن جا واقعا وغيره. ڏور جي بيتن کي پڙهڻ لاءِ مذهبي قصن واقعن جي پوري پروڙ لازمي آهي.

ڏور جي بيتن جو ظاهري مطلب هڪڙو مگر اندروني ڪنهن نه ڪنهن روايت يا واقعي ڏانهن منسوب هوندو.

ڪچهري ۾ ويٺل چوندا پلي پلي اچي، ويٺل نه پڇي سگهيا ته ڏور ڏيڻ واري کي چوندا شاهد ڏي، يعني انهيءَ بيت سان ملندڙ جلندڙ ٻيو بيت ڏي. شاهد وارو بيت به ساڳي قصي يا واقعي تي مشتمل هوندو .بيت جي پڇٽيءَ کي ’مراد‘ چون يعني نه پڇڻ جي صورت ۾ بيت ڏيندڙ کي چوندا ته ادا مُراد ڪيو يعني بيت پڇي ٻُڌاءِ.

مثال:

اچي زيب ظاهر ٿيو، پوش منجهون پٽجي،
ڪاري رات کهان گئي، ماهه ڪڙيا مٽجي،
تن وٹ وڃ جي، جن جا هيڏا جوهر جلال چئي.
(جلال کٽي)

(سنديلو، 2016: 185)

تمثيل: زيب = نور پوش = حضرت جن جو وات مبارڪ، ماهه = ڏند مبارڪ.

**مُراد:** هڪ دفعي رات جو ڪپڙ ا سبندي بيبي عائشه رضه جي هٿن مان سئي زمين تي ڪِري پئي، گهڻو ئي ڳوليائين، پر نه لڌي هوا لڳڻ ڪري ڏيئو به وِسامي ويو. جڏهن پاڻ ڪريم صه گهر ۾ تشريف فرما ٿيا ته ڳالهه ٻُڌي ٿورو مُرڪيا ته سندن ڏندن مبارڪن جي نور جي ڪري سئي به ظاهر ٿي پئي.

ڏهس:

ڏهس اصل ۾ ڏهه + س، س نسبتي علامت آهي، يعني ڏهن واري (صنف) اصطلاحي معني موجب شاعري جي اها صنف جنهن ۾ هڪ شئي جا ڏهن مختلف ٻولين مان ڏهه هم معنيٰ الفاظ آندل هجن، جن سان محبوب جي ڪنهن خوبي يا وصف کي پيٽي سگهجي. شاعر، سگهڙ پنهنجي محبوب جي خوبين مان چونڊ ڪري ڏهن خوبين جو ڏهن مختلف ٻولين سان سينگاري بيت

جي صورت ۾ پيش ڪندا آهن. محبوب جي جن وصفن جو ذڪر ڪيو ويندو آهي، تن ۾ خاص طور تي وار، پرون، اک، ڏند، نڪ، چپ، ڳچي، چيلهه، رفتار، گفتار وغيره آهن.

لوڪ ادب جي هيءَ اهم صنف مواد جي حساب سان گهٽ لکي وئي آهي. هن نهايت قيمتي صنف ۾ لفظي ذخيرو تمام گهڻو ملي ٿو. لغوي خيال ان ڏهس جي صنف سنڌي لوڪ ادب ۾ اهم حيثيت رکي ٿي. هن صنف جو مهندار به جلال ڪٽي کي مڃيو ويندو آهي، ڏهس جي ڪري ڪيترائي نوان نوان لفظ استعمال ۾ اچي سنڌي لغت ۾ واڌارو آڻين ٿا.

مثال:

هڪڙا پَنَ پيا ڦَنَ، ٽيان ٽَليهر، اليَهرَ،
ارگ بشيهل، راجلا، سِسيهر، وسيهَرَ،
اوڪي اوٺ عشق جي، جتي واسينگ
وجهن وَرَ،
اُتي ۾ ڏونگر، سئي
رکج ”صديق“ چئي.

(سنديلو، 2016: 168)

مٿين بيت ۾ نانگ جا ڏهه نالا آهن، پين، ڦن، تليهر، اليهر، ارگ، بشيهل، راجل، سسيهر، وسيهر ۽ واسينگ.

## مناظرا/ جهيڙا:

مناظرو، لوڪ شاعريءَ جي هڪ اهم ۽ دِلچسپ صنف آهي، جنهن ۾ شاعر سگهڙ ٻن شين جو پاڻ ۾ بحث ڪرائي سوالن جوابن ۾ هڪٻئي جون خوبيون، خاميون بيان ڪري، وڏي ضد ۽ بحث ڪانپوءِ هڪ شئي کي هاريو ويندو آهي. مناظرن ۾ ماڻهن جي عضون مثلن دِل ۽ دماغ جو جهيڙو اکين ۽ پيرن جو جهيڙو، ماڻهن جي هنرن، پکين ۽ جانورن جي وچ ۾ جهيڙا ڏيکاريل هوندا آهن.

شاعر سگهڙ پنهنجي تر جي يا عام ماڻهن سان لاڳاپيل شين کي جهيڙي يا مناظري جو موضوع بڻائيندا آهن. اهڙن مناظرن جي ٻولي عام سليس هوندي آهي، جو ٻُڌندڙ کي سولائي سان سمجهه ۾ اچي وڃي. انهيءَ ڪانسواءِ دليلن جي بُنياد تي بحث مباحثي کي اڳتي وڌايو ويندو آهي، اهڙي بحث جو معيار به مٿانهون هوندو آهي. شاعر يا سگهڙ جا ڳالهه ڪندو سا پيرائتي، توڙي جو ميدان ۾ نه هوندو ته جهيڙي جي چيڙي نبيري اهڙي نموني ڪندو جو وهه واهه ٿي ويندو، هارايل ڌُر کي ڪا به واهه يا وٿي نه مِلندي جو ٻڙڪ ٻولي

سگھي”   (سنديلو، 2016: 196)

اھڙن مناظرن جو مقصد ھوندو آھي سماجي براين تي طنز ڪرڻ ۽ ان جي ڪمزورين/خامين ڪي عام اڳيان رکڻ ۽ اُنھن جي اصلاح ڪرڻ اھڙن مناظرن ڪي بنيادي اخلاقي تعليم جي حيثيت ھوندي آھي، جيڪا شاعري جي ذريعي عام اڳيان پيش ڪئي ويندي آھي.

مناظرن ۾ سماج مان ڪِردار ڪٺي پوءِ مناظرو پيش ڪيو ويندو آھي، جيئن ”سَسُ ۽ نُنھن جو جهيڙو“ ”سَخي ۽ ڪنجوس“، ”ملان ۽ موالي“، ”فقير ۽ ڪتو“ وغيره انھيءَ ڪانسواءِ نين ۽ پُراڻين شين ۾ جهيڙو مثلن ”موٽر ۽ ڏاند گاڏي“، ”ٽوپي ۽ پڳ“ وغيره، مزاح ۽ وندر لاءِ ”لسي ۽چانھه“، ”اٽ ڏيڏري“، ”ھيڙھو ۽ قوسي جو جهيڙ، مجازي محبت لاءِ ”گھڙو ۽عاشق“، ”نٽ ۽ عاشق“، ”پير ۽ اکيون“، ”اکيون ۽ منھن“ وغيره.

ٽوپي ۽ پڳ جو مناظرو:

**پڳ:** چي: ڪيئن پڇي پڳ پري، جا جڙي منجهه جهان،
پڳ بنا پرٽو ڪنھن ڪي ڪين سري،
تو منجهه رکن اڳڙيون، منجهان پاڻ پري،
ڪُڇ ڪنھن سان ڪينڪي، وچ تون ماٺ ڪري،
نه ته ظاھر منجهه ذري، پڙد ڪندوسانءِ پڌرو.

**ٽوپي: چي:** پڙد ڪندينءَ پڌرو، سو ته مڙني ۾ آھي،
سجهي اسان ڪي ڪانه ڪا، سينو جا ساھي،
ڳالھه ته تنھنجي ڳوٺ ۾، ڪو راڄ نٿو راھي،
رسم اسان جي ڳوٺ ۾، نڪرن ڪئي ٿاھي،
پوءِ آس وڏئون لاھي، توکي آنڊِن جهڙي اُڇلي.
(خير شاھه)

(سنديلو، 2016: 215)

**پير ۽ اکيون:**

اڪيون به آهن اڪيون، پر پيرن سان نه پُڄن،
هو روئن ٿيون رت ڦڙا، هي ڦٽجو ٿا ڦٽجن،
هو بيوس آهن برهه ۾، هي هيجئون اُٿيو هلن،
هو نهارين نجيب کي، هي تر نٿا ترسن،
هو اپاٽيون عجيب لئه، هي رندن منجهه رلن،
احسان ڪيا ڪين تي، پرت منجهان پيرن،
طالب مولا طلب ۾ چميو وري چُمجن،
جهلي نٿا جهلجن، هلندي پنهنجي حبيب ڏي.

اڪيون ته برابر گونگيون، پر زبانون ته اٿن،
هو بي زبانا برهه ۾، سختيون سپ سهن،
هو اشارن سان عجيب وٽ ڪجهه چيو ڏين.
هي صد صبر شڪر ۾، ڦٽجو ٿا ڦٽجن،
هو پرچو نيٺ پرين سان وجو چار ٿين،
هي هردم پنهنجي پر ڪان، پري ئي رهن،
هو ٻين مئي محبت جي ۽ ٿيو مست وتن،
هي هميشه هڪجهڙا هجر منجهه هلن،
هو هر هر حبيبن سان، وڙهيو وري پرچن،
هي طالب مولا ڪڏهين، راٺل سان نه رسن،
ته به ڪرم ٿئي ڪونه ڪو، مٿي منظلومن،
پرت وڏي پيرن، ڦٽجن ڦرن ڪينڪي.
(طالب الموليٰ)
(وریاهه، 1991: 103، 104)

**معجزا:**

معجزو عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اهو ڪم جنهن جي ڏسڻ سان انسان مڃڻ تي عاجز ٿي پوي يا اهو ڪم جو انساني قوت ۽

سمجهه کان ٻاهر هجي، اهڙو ڪم جنهن ڪي ظاهري عقل تسليم نه ڪري اڻ ٿيڻي ڳالهه ۽ سمجهه کان مٿانهين ڳالهه.

الله تعاليٰ جي طرفان معجزا نبين ۽ رسولن کي عطا ڪيا ويا جن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ موجود آهي. جيتوڻيڪ معجزا نبين جا ۽ ڪرامتون ولين سان منسوب هونديون آهن پر سگهڙ شاعر عقيدتمندي ۾ اچي ڪري ولين سان به معجزا منسوب ڪرڻ لڳا.

معجزن ۾ الله تعاليٰ جو حمد ۽ پاڻ ڪريمن صه جن جي ساراهه بعد معجزي واري حقيقت بيان ڪندا آهن. ڪرامتن ۾ وري حمد باري تعاليٰ، مدح نبي ڪريم صه جن جي ڪانپوءِ اصحابن ۽ ولين جو ڪيل حيرت انگيز ڪارنامي يعني ڪرامت جو ذڪر ڪندا آهن، جيڪو نظم ۾ هوندو آهي. لوڪ شاعري جي هيءَ صنف ڪلهوڙن جي دؤر کان لکبي ۽ ڪچهرين ۾ پڙهي ويندي آهي.

معجزن يا ڪرامتن ۾ پاڻ ڪريمن جو هرڻيءَ وارو معجزو، موسيٰ عليه السلام جي عصا/لٺ وارو معجزو، حضرت عيسيٰ جي مئن کي جيارڻ وارو معجزو ولين جي ڪرامتن ۾ پيرانِ پير عبدالقادر جيلاني جو ٻڏڙيءَ جي ٻيڙي تارڻ وارو معجزن سميت ٻين اصحابن، امامن سڳورن، ولين ۽ فقير جون ڪرامتون لوڪ شاعريءَ ۾ سگهڙن، شاعرن لِکيون آهن.

پڻ گذر ڪيو گوهر ڪڏهن، صحراءَ ڏانهن سچڻِ،
تا هرڻي ڪيا حضرت کي، سڏڙا سين شوقنِ،
پائي جا ڦاهيءَ ۾، ڪئي محڪم مارينِ،
چيائين کي چاڳلي، منجهان معذرتنِ،
چي: پرين ڪڍو ڦاهيءَ کان مونکي ستين مهرنِ،
موڪل ڏياريوم ماريءَ ڪنا، ڪڍي ڪوٺائينِ.
ته اچان پياري ٻچرا جي ٿا بک مرنِ،
تئن ماريءَ جي موڪل ريءَ، ڪڍي ڪريمن.

واپسي: هلي آئي هرڻي پاٺهئي پيش پرين،
سجدو اچي سيد کي، ڪيائين سين

کوڙنِ،
پڻ سلام چيائين سين سين، مٿي محبوبنِ،
تيئن ماري پسي معجزو، سندو سپرين،
لٿا شڪ شڪاري ڪي، وهم وجودنِ.
(مخدوم عبدالله نرئي وارو)
(سنڌيلو، 2016: 253، 254)

ٿيهه اکري:

سنڌي لوڪ شاعريءَ ۾ ’ٿيهه اکري‘ اهم جاءِ ولاري ٿي هن صنف ۾ بيت يا نظم عربي الف بي اکرن جي ترتيب سان پوءِ اُهي ٿيهه هُجن يا اٺاويهه نمبروار چيل هوندا آهن. ٿيهه اکري ڪي سي حرفي به چوندا آهن. سي (فارسي) = ٿيهه + حرفي = حرف يا اکر يعني ٿيهه حرفن واري صنف. عربي جا 25 اکر، لام ۽ الف گ م ي ”لا“ ۽ الف همزه ۽ جملي ٿيهه حرف يا اکر ڪيا ويا آهن. ڪي ٿيهه اکريون اهڙيون به آهن جن ۾ ”لا“ ۽ ”ء“ ڪونهن، 28 اکرن تي آهن، ڪن ۾ 25 اکرن کان به گهٽ اکر آندل آهن، پر لوڪ ادب جي محاوري مطابق اُنهن سڀني کي ٿيهه اکريون چئجي ٿو. هن شاعريءَ جي سٽاءَ ۾ جيترو تعداد پهرين اکر جي مصرع جي بند ۾ هوندو اوترو تعداد باقي اکرن جي بندن ۾ هوندو. عروضي شاعرن وانگر سنڌي شاعرن مخمس ۽ مسدس تي ٿيهه اکريون جوڙيون آهن. ٿيهه اکرين جو موضوع مدح، مناجات، محبت، نصيحت، مجاز ۽ وندر ورونهن سان گڏ دِل جو حال التجا ۽ عرض فقيرن، ولين جي ساراهه آهي.

ٿيهه اکري جي صنف ڪلهوڙن جي دؤر کان لکي وجي ٿي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي رسالي جي سُر رامڪلي ۾ ٿيهه اکري ملي ٿي، جيڪا جوڳين، فقيرن، ڪاپڙين جي ساراهه ۾ چيل آهي. انهيءَ ڪانسواءِ عروضي دؤر کان وٺي اڄ تائين سگهڙ شاعر انهيءَ صنف تي طبع آزمائي ڪندا رهيا آهن. ٿيهه اکري ڪچهريءَ جي رونق هوندي آهي.

الف: الک من ۾، ڪيو ڪاپڙين،
سي حرف ڏاران هيڪڙي ٻيو ڪين
ٻجهن،
فرض فنا في الله جو، عين عبادت
ان،

قل هو الله احد ثا، منجهان پرت پڙهن،
سعادت سپرين، گُر کي گڏيا ڪاپڙي.
(شاهه عبداللطيف ڀٽائي)
(سنديلو، 2016: 263)

الف: اڄ ڪنياتل وچ، ڪانگل آزي منهنجي مَڃُ،
توکي ڪالهه رنڊايو ڪڇ، پيرو ڪين پرين ڏانهن يَڃُ،
اُڏي اڄ ڪا خبر آڻ، تا ٺئي منجهه روح رهاڻ.

بي: بي تون ٻُڌ برهه جي بات، هيئن لئج تون لعلڻ لات،
روئي ڪالهه گذاريم رات، وائي جانب جي ٿم وات،
ڪجهه ڪا منهنجي وٺ وراڻ، تا ٺئي منهنجي روح رهاڻ.
(شاهه محمد ديدڙ)
(سنديلو، 2016: 270)

مولود:

مولود عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي نئون ڄاول ٻار، ٻار جي ڄمڻ جو وقت اهڙو شعر جيڪو حضور اڪرم صه جي ولادت مسرت ڀرئي موقعي تي سندس شان ۾ چيل هجي ته ان کي مولود سڏيو ويندو آهي، اردو ٻولي ۾ نو مولود نئين ڄاول ٻار لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

مولودن ۾ پاڻ ڪريمن صه جن جي ڄمڻ کان وٺي نبوت. بلڪه پوري حيات طيبه جي ثنا بيان ڪيل هوندي آهي، انهيءَ سان گڏ وري روضي پاڪ جي زيارت، فيض، بشارت به بيان ٿيل هوندي آهي.

ربيع الاول جي مهيني کي عام سنڌي ۾ عرسن جو مهينو به چيو ويندو آهي جيئن ئي عرس مهيني جو چنڊ ڏِسبو آهي ته مسلمان خوشيون ۽ شادمانا ڪندا آهن، پوءِ سارو مهينو عرس ملهائبو آهي، هر گهر ۾ حيثيت آهر پٽ لاهي جنهن کي عرس سڏبو آهي، غريبن توڙي ٻاڙي ۽ ڳوٺ وارن کي کارايو ويندو آهي ۽ هڪٻئي کي مبارڪون ڏنيون ويندون آهن.

آيو عرس مهينو، ڄائو مُحب صه

مِٺو،
مومن لک مبارڪ، سپ چئو خير مبارڪ،
چوڏهينءَ چنڊ ڇٺو ٿيو، چائو محب صه مٺو.
آيو عرس...
(غلام نبي مهيسر)
(ڪيسٽ ۾ ليمي ۽ جانڻ فقير جي آواز ۾)

اڄڪلهه مولود جي جڳهه تي نعت پڙهي/ڇئي وڃي ٿي، نعتيه شعر به اهو شعر آهي، جيڪو پاڻ ڪريمن جي ساراهه ۾ چيل هوندو آهي، جيڪو اردو ٻولي مان سنڌي ۾ آيو آهي، نعت، محفلِ نعت، نعت خوان جا اصطلاح عام طور تي ٻهراڙي توڙي شهرن ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا. پهريان سنڌ جي ٻهراڙين توڙي شهرن ۾ مولودن جون محفلون منعقد ڪيون وينديون هُيون. مولود پڙهڻ واري کي مولودائي يا مداحي به سڏيو ويندو هو/آهي. مولودن جي سموري محفل ۾ ٿيندڙ لقاءَ کي شغل ۽ مولود پڙهڻ واري کي شغلي به سڏيو ويندو آهي.

مولود هڪ ڄڻو، ٻه يا ٻن کان وڌيڪ جوڙين/ٽولين جي صورت ۾ ڳائيندا آهن. اوائلي مولودن جا نمونا ڀٽائي جي شاعري ۾ به ملن ٿا، انهيءَ ڪانسواءِ مخدوم عبدالرئوف ڀٽي پراڻن هالن وارو ڀٽائيءَ جو همعصر خاص مولودن جو شاعر ليکيو وڃي ٿو.

مولود اڄ تائين وڏي عقيدت ۽ احترام سان لکيا به وڃن ٿا ۽ ڳايا به وڃن ٿا.

شل مديني پار ڏي قادر منهنجي قسمت ڪري،
گنبذِ خضرا ڏِسان منهنجي دِل ٺري منهنجو من ٺري،

هن ديس کي هن ويس کي گهوريا مُحمّد صه گهوٽ تان،
هي سڪو سارو ڪيان، قربان نبيءَ جي نوٽ تان،
بي ثمر هت آهيان بيو پنڌ به آ ڏاڍو پري،
گنبذِ خضرا ڏِسان منهنجي دِل ٺري،

منهنجو من ٺري.
(ثناءُالله جتوئي)
(مشهور نعت خوان امداد الله ڦلپوٽي جي آواز ۾ ڇيل)
پاڪ پيغمبر بادشاهه، عاليشان عُظام،
داور ڪيو دارين ڪي، تنهنجي هيٺ حڪام،
مُنجان توڏي مصطفيٰ، صبا هٿ سلام،
ڪندين شال قبول تون پاڇيءَ جا پيغام،
وير وسيلا واهرو عالم ڄام غلام،
ٻڏي دانهون ڏلربا ڪڄ ڪو غور غلام،
اجهو تنهنجو آسرو، تيڪو زور تمام،
ڪڍو مير مريض ڪي، اچي دولهه منجهون دام،
عاص عاجز احمدا لڳا منهنجي لام،
رکڄ هٿ حسين چئي، اچي سرور مٿان سام،
(حسين ديدڙ)
(سنديلو، 2016: 278)

## مـدح:

مدح عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ساراهه يا تعريف. مدح ڪندڙ کي عربي ٻوليءَ ۾ مادح يا مداح چوندا آهن، سنڌيءَ ۾ پڻ مدح جي معنيٰ ساراهه يا تعريف آهي.

مدح سنڌي شاعريءَ خاص صنف آهي، جنهن کي لوڪ شاعرن سگهڙن توڙي عروضي شاعرن لکيو سنڌي ٻوليءَ ۾ مداح جو مفهوم خاص آهي، يعني اهڙو شعر جيڪو نبي اڪرم صلعم اصحابن سڳورن امامن، ولين، درويشن جي شان ۾ ڇيل هجي، جنهن ۾ ڪا نفساني خواهش دنوي طمئه نه بلڪه خاص عقيدت ۽ محبت جي آڌار تي چئي ته اُن کي مدح چيو ويندو آهي.مدح انهيءَ معنوي لحاظ کان نعت يا ثنا جي برابر آهي.

تاريخي طور تي مداح جو سلسلو ڪعب بن زهير کان شروع ٿيو. پاڻ اسلامي تعليم کان متاثر ٿي ڪري اسلام قبول ڪيو، مسجد نبوي ۾ اچي ڪري پاڻ ڪريمن جي آڏو مدح پڑهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ سمن ۽ سومرن جي دؤر ۾ سنڌ جي شاعرن سورهين ۽ سخين جي شان ۾ مدح چئي انهيءَ کانسواءِ جمن چارڻ جي مشهور مدح ”يا پير پيرانِ بادشاهه“ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ اهم جاءِ

والاري ٿي.

نامِ خدا يا مصطفيٰ يا پير پيرانِ بادشاهه،
توکان مڱان صحت و شفا، صحت وشفا
شرم و حيا،
تنهنجي مريدن سان وفا، تنهنجي مڱٽي
سب کي نفعا
يا پير پيران بادشاهه

ڪُل پير تي آ پڳ سنڌءِ، عالم سوالي
جڳ سنڌءِ،
جمن مداحي سڳ سنڌءِ، پينار جو پس
لڳ سنڌءِ،
يا پير پيران بادشاهه

(جمن چارڻ)

(سنديلو، 2016: 235)

## لولي

لولي انتهائي پيارو گيت آهي جيڪو سنڌي، سرائڪي، بلوچي، بروهي، پشتو، پنجابي، اردو سميت سڀني ٻولين ۾ نهايت ئي مقبول آهي. ٻولي به مضمون مان معلوم ٿيندي آهي. لوليءَ جو خاص نڪتو اندر جي امنگن جذبن ۽ احساسن جو اظهار آهي ۽ اهڙو اظهار جڏهن ماءُ پنهنجي ٻچي کي سمهارڻ وقت هنج ۾ ڏولي ۾ يا پينگهي ۾ ڏيندي آهي.

لوليءَ جا ڪيترائي قسم آهن، جن ۾ خاص طور تي ماءُ لولي/جيجل لولي، مجازي لولي شاعراڻي لولي، سينگار لولي، مذهبي ٻولي وغيره.

هڪ عورت جو ماءُ ٿيڻ کان پوءِ ممتا جو روپ ٿئي ٿو. سندس اندر جا احساس ٻهرين جي نسبت تبديل ٿين ٿا، توڙي جو سندس لوليءَ جا لفظ بنهه سادا ۽ معمولي لڳندا، پر اُنهن ۾ اڻ ميو پيار، سڪ ڏِلي تمنا گهرائيءَ سان سمايل هوندي آهي.

”لولي ڏيندي جيڪو ان کي حظ حاصل ٿيندو سو ٻئي کي هرگز نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته لولي ٻار لاءِ گويا دُعا جو تعويذ آهي، لولي ٻار لاءِ الاهي رحمت آهي، لولي ٻاجهاري ٻولي آهي، جنهن جو مطلب قدر ۽ قيمت کان فقط ٻچي جي ماءُ ئي بخوبي واقف هوندي.“

(سنديلو ، 2016 – 281)

ماءُ جي لوليءَ ۾ اُهي سموريون وارتائون بيان ٿيل هونديون آهن، جيڪي سندن مٿان گُذرنديون آهن، ظلم، جبر ۽ انتهائي ناگزير حالتن جي برداشت به انهيءَ لاءِ هوندي آهي ته هي ننڍڙو وڏو ٿي سمورا حالات تبديل ڪندو، ايئن چئجي ته لولي هڪڙي اُميد هوندي آهي، اندر جو حال هوندو آهي، جيڪو اوريو آهي، حالتن جي عڪاسي هوندي آهي، معاشرتي زندگيءَ جو نمونو هوندي آهي.

پيار، منجهاران پينگهو لوڏي لولي ڏيانءِ،
لولي ڏيانءِ منڙي لولي ڏيانءِ
پهريان ڪرٽا سچ سٽي ٿو، بابل تنهنجو ٻچ چٽي ٿو.
لولي ڏيانءِ....
داٽا ويا سپ ڏوتا ڪائي، بابل تنهنجي ڳالهه ٻُڌائي،
لولي ڏيانءِ...
ڏاڍن جي هيءَ آهي مرضي، بابل تنهنجو زوريءَ قرضي.
لولي ڏيانءِ...
(ڳايل سرمد سنڌي جي آواز ۾)
(زاهدشيخ)

مجازي لوليءَ ۾ محبوب جي انگل آري ،ناز نخري، وصل ۽ وڇوڙي جو بار بار ذڪر ايندو آهي، پر اهو ذڪر نهايت سادي نموني پيش ٿيل هوندو.

انهيءَ ڪانسواءِ جڏهن ماتا جي بيماري عام هوندي هئي ته هندن کان لولي ڏياريندا هئا، جيئن جسم ۾ ڪجهه ٿڌاڻ ٿئي ۽ مريض کي سڪون ملي، انهيءَ بيماري جي ڪري ڪيترائي ننڍا توڙي وڏا ماڻهو موت جي مُنهن ۾ هليا ويا. اڄ ڪجهه ماڻهو انهيءَ بيماريءَ مان بچي ويل باقيات نظر ايندا جن جي چهرن تي داڻن جا نشان هونداآهن.

ٺار ماتا ٺار پنهنجي ٻچڙن کي ٺار،
ٺار ماتا ٺار...
ٻاجهه ڪجائن مائي ٻچڙن تي، تنهنجا آهن ٻار،

مسلمان گهراڻن ۾ عورتون پنهنجي ننڍڙن ٻارن کي الله ۽ الله جي رسول پاڪ جو شان بيان ڪندي لوليون ڏينديون آهن.

احمد عرب عزيزاللهؐ،

وارث وير ولي الله
لاالاءِ الاالله.

مٿي سنڌي لوڪ شاعريءَ جي مختلف صنفن جو مختصرذڪر ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪانسواءِ سنڌي لوڪ شاعريءَ جون ڪيتريون ئي صنفون آهن، جن ۾ لاڏا، ڳيچ، ساڪيون، مورا، چلا، شبد، پوڃا گيت، اوراڻا، جمالو، م ٺهيارو، همرچو، لوڏُ، ڪانگلڙو، سميت ڪيترائي لوڪ گيت، لوڪ شاعريءَ جون اهم ۽ نج صنفون آهن.

لوڪ شاعري:

لوڪ شاعري جنهن کي خلقي شاعري، السي شاعري، ڳوٺاڻي دهقاني شاعري چيو ويندو آهي ۽ عوامي شاعريءَ جو اصطلاح به ان لاءِ استعمال ٿيندو آهي. دُنيا جي ٻولين جي شاعري جي تاريخ ۾ لوڪ شاعري ئي شاعريءَ جو بنيادي پيڙهه جو پٿر، ليکي/سمجهي وڃي ٿي، سنڌي ٻوليءَ ۾ به ڪلاسيڪل ۽ جديد شاعريءَءِ جو سرچشمو لوڪ شاعري ئي آهي. لوڪ چئجي ئي عوام کي ٿو، انهيءَ ڪري لوڪ شاعري ٿي عوامي شاعري، هتي منهنجي تحقيق جو مقصد آهي، سنڌي ٻولي جي عوامي شاعري، جنهن مان مُراد آهي اُها عروضي (عروضي قائدن، صنفن ۽ ٻوليءَ) عوامي شا عري جيڪا سنڌ جي عام توڙي خاص ۾ بيحد مقبول رهي آهي.

لوڪ شاعريءَ ۾ ”سندن لفظي گهڙ-پچ به بلڪل شاعري فطري آهي، ٺيڪ عروضي وزن جي کين ضرورت ڪانهي سندن ساهميءَ کي ترازي ۾ اٿل جي ڪافي گنجائش آهي، رڳو ايترو لحاظ رکڻو آهي ته ٻيو ترازو بلڪل پٽ سان نه وڃي لڳي، قافيو عام (لوڪ) شاعريءَ ۾ بلڪل ضروري آهي مگر عام (لوڪ) شاعريءَ جو قافيو عروضي قافيي جي قيد بند کان آزاد آهي، ضروري صرف ايترو آهي هر قافيو آواز ۾ لازمي طور مناسبت رکي ٿي. (بلوچ ، 2014: 18)

اڳتي هلي ڊاڪٽر بلوچ عام (لوڪ) شاعرن جي ٻولي ۽ زبان ۽ ڪلام جي تعريف ڪندي لکي ٿو ته ”عام شاعرن جي زبان سو سندن ڪلام، جڙتو ناهه ٺوهه کان عام شاعر جو ڪلام آجو آهي، جيڪي ڪيس زبان تي چڙهي آيو سو چي ڏنائين. هن سئين سڌي ڳالهه ڪري پنهنجو حال اوريو آهي ۽ پنهنجي صاف سادي زبان ۾ پنهنجو اندر جو احوال ۽ بيان پيش ڪيو آهي، جنهن ڪري جو لاهو چاڙهو سندس زبان ۾ آهي سوئي سندس ڪلام ۽ بيان ۾ آهي“. (بلوچ، 2014: 19)

سنڌي سماج ۾ اوطاقن ۽ اوتارن تي ٿيندڙ ڪچهرين ۽ محفلن ۾ لوڪ شاعري جي ٻين صنفن سان گڏ ڏور، ڳُجهارت، بيت، ڏهس، هنر ۽ سينگار سميت ٻي لوڪ شاعري پڙهندڙ کي ”سگهڙ“ سڏيو ويندو آهي. حتيٰ ڪه

جڏهن ڪان لکڻ جو رواج پيو آهي ته لوڪ شاعري جا لکندڙ به شاعر ئي آهن، جن ڪي لوڪ يا عوامي شاعر سڏيو ويندو آهي، سگهڙ اُنهن شاعرن جو راوي آهي، جيڪو اُنهن شاعرن جي شاعري ياد ڪري محفلن ۾ پڙهي ٿو، شاعر پاڻ به پنهنجي شاعري پڙهندو آهي ۽ ”سالڪ“ انهيءَ ڪي چون جو ڪچهريءَ ۾ ڏِنل ڏور، ڳجهارت هنر وغيره جي معنيٰ ڪڍي ۽ محفلن ۾ ويٺل ماڻهو ڪي سندن ”سمجهو“ جو ڳالهه ٻُڌي سمجهي واهه واهه ڪن ۽ شاعر ۽ سگهڙ ڪي داد ڏين. سگهڙ شاعرن جا پاڻ ۾ معرڪا به ٿيند آهن. جن ۾ محفل ۾ ويٺي هڪ ٻئي ڪي لوڪ شاعريءَ جي ڏي وٺ ڪندا آهن ۽ انهن مان مقصد ۽ مُراد حاصل ڪندا اهن ۽ هڪ ٻئي جي علم ۽ عقل جو اندازو لڳائيندا آهن.

نارائڻ پارتي لوڪ گيتن ۽ عروضي شاعري ۾ فرق ڇاڻائندي لکي ٿو ته ”لوڪ گيتن ۽ ڪوين جي رچيل ڪوتا ۾ بنيادي فرق آهي، لوڪ گيت هرديه جي ڌُن اهي، شعر يا ڪوتا دماغ جو پورهيو. لوڪ گيتن ۾ رس ۽ لئه آهي ۽ شعر ۾ النڪار ۽ بحر وزن، رس سپاويڪ آهي، پر النڪار ۽ بحروزن دماغ جي ڪوجنا. رس سپني لاءِ آهي پر بحر وزن ۽ النڪار اُنهن لاءِ جي اُنهن ڪان واقف آهن.“، اڳتي لکي ٿو ته ”لوڪ گيتن جي ٻولي به بلڪل سڌي سادي ۽ عام ٻول چال واريءَ هوندي آهي، نڪو لنڪارن وغيره جو ڇار ڦهلايل هوندي آهي ڪلائمڪ ڪوتا (ساهته ڪوتا) ۽ لوڪ گيت (پراڪرت ڪوتا) ۾ رات ڏينهن جو تفاوت هوندو آهي. (پارتي، 1988 : 22- 23)

هتي نارائڻ پارتيءَ جي مٿين ڳالهه سان اختلاف رکي سگهجي ٿو. اسانجي عروضي شاعريءَ جا سرموڙ شاعر جن جي شاعريءَ ۾ اسان ڪي ٻولي به عام واري ملندي، انهيءَ سان گڏوگڏ رس ۽ لئه به سندن شاعريءَ به پرپور انداز ۾ آهي. سندن شاعريءَ ۾ دماغ جي پورهيي سان گڏوگڏ دِل جي ڌن ۾ مِلندي، سندن شاعري ايتري ته سپاويڪ، سولي، مترنم، غنائيت سان پرپور هوندي آهي، جو موسيقي ڪانسواءِ به ٻُڌندڙ تي عجيب ڪيفيت طاري ڪري ڇڏيندي آهي. عروضي شاعري به عام شاعري جي دائري ۾ اچي ٿي، شرط اهو آهي ته ٻولي عام هجي، خطاب عام هجي، رس هجي، لئه هجي، شاعريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ استعارا، ڪنايه، تشبيهون ۽ اصطلاح عام هجن، موزونيت شاعريءَ لاءِ اهم آهي، شاعريءَ جو سينگار آهي، ترتيب آهي، سونهن آهي، جنهن جي ڪري ان ۾ اجا وڌيڪ نکار اچي ٿو.

هيٺ اسين لوڪ شاعري ۽ عروضي شاعري ۾ بُنيادي فرق ڪي واضع ڪنداسين.

## بنيادي فرق:

سنڌي لوڪ شاعريءَ تي سچاٽپ صنفي حوالي سان علحده آهي، لوڪ شاعريءَ جون صنفون عروضي عوامي شاعريءَ کان مختلف آهن.

لوڪ شاعريءَ جي صنفن مثلن لوڪ گيت، سهرن لاڏن، جمالو، همرچو، مورو سميت ڪيترن صنفن جي لکندڙن جا نالا نه مِلندا، اُنهن جي ڪا هڪ سِٽ هڪڙي جوڙي ته ٻئي سٽ ٻي جوڙي، ايئن انهن ۾ واڌارو ٿيندو رهيو. جڏهن ته عروضي شاعريءَ جي لکندڙن جا نالا موجود آهن.

لوڪ شاعريءَ جي جملي صنفن جي لکندر پڙهندڙ ۽ ڇاٽو لاءِ "سگهڙ" شاعر لفظ استعمال ٿيندو آهي، جڏهن ته عروضي شاعر کي ڪوي ئي سڏيو ويندو آهي.

سگهڙ شاعر عروضي صنفن تي طبع آزمائي نه ٿو ڪري سگهي، جڏهن ته عروضي شاعرن، لوڪ شاعريءَ جي ڪافي صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، موضوعاتي حوالي سان مثلن سينگار، رزميه، نعت، مدح، لولي مناظرا ڪجهه ته هنر ۽ دراها به لکيا آهن.

لوڪ شاعري جيڪڏهن دِل جو پورهيو آهي، ته عروضي شاعري دِل ۽ دماغ جو گڏيل پورهيو آهي.

لوڪ شاعريءَ جو مخاطب عوام آهي ۽ عروضي شاعرن مان جن جو خطاب عوام سان آهي، ٻولي به عام آهي،صطلاح ۽ چوٽيون عام آهن، انداز ۽ بيان به عوامي آهي، اُنهن کي ئي عوامي شاعرن جي فهرست ۾ آڻي سگهجي ٿو.

## حوالا


- بلوچ نبي بخش، 2007: جامع سنڌي لغات ڇاپو ٻيو، جلد چوٿو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو حيدرآباد.
- نسيم لغات 1969: مرتبين سيد مرتضيٰ حسين، سيد قاسم رضا، آغا محمد باقر اشاعت نائين، شيخ غلام علي اينڊ سنز
- بلوچ نبي بخش،1991: ته ماهي مهراڻ 3 ۽ 4 مقالو عام سنڌي شاعري، ڇاپو ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو حيدرآباد
- آگرو غلام رباني، "سنڌ جا بر، بحر ۽ پهاڙ".
- دانش احسان، 2016: شاهه لطيف جي شاعرۃ جو سماجي ڪارج، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومتِ سنڌ.
- قليچ بيگ مرزا،1992 "سنڌي ويا ڪرڻ" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
- گربخشياڻي ڊاڪٽر هوتچند مولچند.
- خليل ابراهيم.

- نعماني شبلي، 1987:"ڪينجهر" سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
- اياز شيخ، 1999:"خط انٽرويو، تقريرون" ڀاڱو پهريون، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد.
- دائود پوٽا عمر بن محمد1991: ٺه ماهي مهراڻ ڇاپو پيو مقالو "سنڌي شاعري"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
- الانا غلام علي1991 : ٺه ماهي مهراڻ، لوڪ ادب نمبر 4، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر2014: "ٻيلاين جا ٻول" ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ.
- سنديلو عبدالڪيم، 2016:"لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو"، پيڪاڪ پرنٽرس ۽ پبلشرس ڪراچي،
- بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر2014: "ٻيلاين جا ٻول" ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ،
- پارتي نارائڻ، 1988:"سنڌي لوڪ گيت" سنڌ ٽائيمس پبليڪيشن الهاس ننگر انڊيا.

# باب ٽيون

## دنيا ۾ عوامي شاعريءَ جي روايت

انسان هميشه آساني طرف ڇڪجي وڃي ٿو، روز مره جي استعمال، ڳالهايل ٻولي هي لکت ۾ نثر هجي يا نظم. جڏهن به انسان جي سمجهه کان مٿانهان لفظ هوندا ته ان کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي محسوس ٿيندي، ان مان هٿ کڻندو يا ڪن لاٿار ڪري ڇڏيندو ڇو ته ٿورڙائي ماڻهن جي هوندي آهي، مشڪلات کي مُنهن ڏيڻ، نه سمجهه ۾ ايندڙ لفظن جي معنائن کي ڳولي سمجهڻ نه ته اڪثريت اهڙن گفتن، ڳالهين ۽ شاعري ۾ آيل نه سمجهه ۾ ايندڙ لفظن کي پُٺيءَ پويان اُڇلائي ڇڏيندي آهي، ڇو ته انسان فطرتن آساني طرف مائل هوندو آهي ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ لکت ۾ نثر توڙي نظم مطلب ته هر ڪم ۾ آساني/سولائي چاهيندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ کان ٻه سئو سال واري ٻولي کي ڏسجي ته ڪافي لفظ اوپرا محسوس ٿيندا. توڙي جو اُهي پنهنجي ئي ٻوليءَ جا آهن ۽ پنهنجي وقت ۾ آسانيءَ سان ڳالهايا، سمجهيا ۽ شاعريءَ ۾ استعمال ڪيا ويندا هئا. پٽائيءَ ۽ ان جي پيش رو توڙي پوين شاعرن جي شاعريءَ کي پڙهڻ توڙي سمجهڻ وارا اسان وٽ ٿورڙا ملندا. اهڙي شيڪسپيئر سميت هومر، سئفو، علتمه تعميمي، امراءُ لاقيس عرفي، جامي انوري، ٽئگور، ڪاليداس تائين دُنيا جي ٻولين ۾ اهڙا ڪلاسيڪل شاعر مِلندا جن کي يا ته ترجمي ۾ پڙهي سگهجي ٿو يا سندن شاعري جي حاشي جي شرحن ۾ پڙهي ۽ سمجهي سگهجي ٿو. دُنيا جون سموريون ٻوليون اهڙن مثالن سان ڀريون پيون آهن. اُنهن ٻولين جا ڪيترائي لفظ متروڪ ٿي چُڪا آهن ۽ ڪيترن ئي لفظن جي جاءِ تي نوان لفظ استعمال ٿيندا رهن ٿا، پر ڪلاسيڪل شاعرن جي شاعري کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ لغت جو سهارو وٺڻو پوي ٿو. دُنيا ۾ شاعريءَ جي اڳين زمانن ۾ جنهن جنهن قوم ۾ شاعر پيدا ٿيندو هو ته اُن وقت جي مطابق ڪيس شروع شروع ۾ قانون ساز يا پيغمبر سڏيو ويندو هو. ڇاڪاڻ ته اهو شين ۽ واقعن تي گهري نظر رکندو هو، بعد ۾ ان جي بهتري لاءِ راءِ ڏيندو هو ۽ مستقبل لاءِ به راءِ رکندو هو. روايت اهڙن مثالن سان ڀري پئي آهي "يوناني ڪاهنن وانگر عبراني ۽ سرياني ڪاهنن به مسجع ۾ ديوتائن جي ڳٽن ڳائڻ سان گڏ عوام کي عجب ۾ وجهڻ ۽ متاثر ڪرڻ لاءِ پرولين ۾ پنهنجا پيد ٻُڌائيندا هئا، اُها ساري ڪارگذاري وري مسجد ۾ ٿيندي هئي، ڏيک وري اهڙو

ڪندا هئا جو جڻ ته هو الهام جا ڄاڻو هئا ۽ ديوتائن جي وات سان ڪن لڳائي گويا اُنهن سان سُس پُس پيدا ڪندا هئا، انهيءَ واسطي گيتن جي ذريعي سندن حضور ۾ رحم جا درخواستگذار ۽ دعائن جي وسيلي غيبي معلومات ۽ الهامات لاءِ رجوع ٿيندا هئا، پوءِ پنهنجي ديوتائن جا راز مقفيٰ فقرن ۾ (منجهائي) عوام کي ٻُڌائيندا هئا. انهيءَ عبارت جو نالو مسجع ڇاڪاڻ ته ڪبوتر جو آواز (مسجع) وانگر انهيءَ ۾ هڪ قسم جي هم آهنگي ۽ غنائيت محسوس ٿيندي هئي". (خان ، 2002: 12)

اهڙي طرح شروعاتي دورن ۾ شاعري "شجر ممنوع" واري حيثيت رکندي هئي. جنهن کي ڪوئي عام ماڻهو ڇهي نٿو سگهي، شاعري ڪنهن خاص ماڻهون لاءِ مخصوص هئي، جن کي ديوتائن جا راز دار سمجهو ٿي ويو. اُنهن جو اٿڻ ويهڻ، چال چلت ۽ هُليو عام خلق کان نرالو هو.

انساني عمل کي ٻن قسمن ۾ ورهائجي ته هڪڙو فڪر (Reason) ۽ ٻيو تخيل (Imagination). فڪر ڪرڻ کان پوءِ جيڪو تخيل جُڙندو آهي، اهو ئي دائمي هوندو آهي.

دُنيا جي مزن ۾ ماڻهو نچندا ڳائيندا آهن ۽ فطري شين جو نقل به ڪندا آهن، اُنهن شين ۾ اُنهن وٽ هڪڙي ترتيب هوندي آهي، ڇو ته ترتيب ئي سونهن پيدا ڪندي آهي. شاعري جڏهن يسوع مسيح جي تعليم ۽ فڪر سان هم آهنگ ٿي عام ماڻهون جي اڳيان ائي تڏهن کان ان جي اهميت ۽ حيثيت وڌي وئي "افلاطون، تيمئيس (Timaeus) ۽ فيثاغورث (Pythagoras) طبع ڪندي هڪڙي اخلاقي ذهني نظام کي واضح ڪيو،جيڪو بني نوع انسان جي ماضي حال ۽ مستقبل تي محيط هو. يسوع مسيح ان مقدس ۽ ابدي سچاين کي جو اُنهن فلسفن ۾ لِڪل هو. دُنيا اڳيان بي نقاب ڪيو، اهڙي طرح عيسائيت پنهنجي خالص ۽ اڪيلي صورت ۾ قديم دؤر جي شعر ۽ حڪمت جي لڪل رازن جو کُليو اظهار بڻجي وئي." (هادي ، 2005ع: 87)

اهڙي طرح شاعري آهستي آهستي مشهور ٿيڻ لڳي، قديم زماني کان، فرسوده ۽ ذلت آميز رسمن مثلن غلامن جو وڪامڻ، عوتن تي پابندي وغيره. ختم ٿيڻ لڳي. "شخصي غلام جو ختم ٿيڻ انسان جو سڀ کان وڏو سياسي سرچشمو ثابت ٿي، عورتن جي آزادي، جنسي محبت جو بنياد وڌو ۽ محبت هڪڙي مذهب جي حيثيت حاصل ڪئي. جنهن جا بت هر جڳهه تي موجود هئا. ايئن ٿيو جڻ اپولو ديوتا ۽ ٻين فنن جي ديوين ۾ يڪدم ساهه پئجي ويو اُهي پنهنجي ڪرسين تان اُٿي پوڄارين جي ميڙ ۾ شامل ٿي ويا ۽ هي زمين مقدس دنيا جي رهڻ وارن سان آباد ٿي وئي، زندگيءَ جي اچڻ وارن ڏينهن جي شڪل ۽ صورت تي آسماني نور وسڻ لڳو ۽ٿ پوري ڌرتيءَ نئين جنت ٺهي وئي. ان

جنت جا ٺاهڻ وارا شاعر هئا.“ (هادي،2005ع : 88). ڇو ته شاعر ئي محبت جي زبان ڄاڻندا هئا ۽ ڳالهائيندا هئا ۽ خوشيءَ ۽ اهڙن لڪل رازن کان واقف هُئا جن کي عام ماڻهو نه ٿي سمجهو، غم، تڪليف ۽ پيڙائن کي به اهڙي انداز ۾ پيش ڪندا هئا، جن ۾ سونهن هئي ۽ ماڻهون خوشي خوشيءَ سان اُنهن کي ڳلي ملڻ ٿي لڳو.

دنيا جي عوامي شاعري جي روايت ۾ انجيل مقدس جي ترجمن ۾ سنڌي نسخي مان سليمان جا قول، يا سليمان جا سُخن جن کي ”سليمان جي راڳن جو راڳ“ به چيو ويندو آهي، جيڪي خوبصورت نثري نظمن جو نمونو آهن، جيڪي اوائلي عوامي شاعريءَ جو ن نمونو آهن.

1. منهنجو محبوب منهنجي لاءِ اهڙو آهي، جهڙو مِر جو ڇڳو جو مُنهنجي ڇاتين وِچ تي پيو آهي.
2. ڏس منهنجي پياري تون سهڻي آهين، تون خوبصورت آهين، تنهنجون اکيون ڪبوترين جهڙيون آهن.
3. جيئن سوسن ڪنڊن ۾ آهي، تيئن منهنجي محبوبا ڪنوارين ۾ آهي.
4. هُن جو ڪابو هٿ منهنجي مٿي هيٺان آهي ۽ هن جي سڄي جو مونکي ڀاڪر پيل آهي.
5. اي يروشلم جون ڌيون آءٌ اوهان کي قسم ڏيان اُنهن هرڻين جو ۽ ميدان جي چانگهن جو ته اوهين پيار کي نه اٿاريو، نه جاڳايو، جيستائين هو پاڻ نه اُٿڻ گهري.
6. زمين تي گُل نڪتا آهن ۽ پکين جي ڳائڻ جي موسم آئي آهي ۽ ڳيري جي ٻولي اسان جي مُلڪ ۾ پئي ٻڌجي.
7. انجير جو وڻ پنهنجا ساوا ، انجير پچائي ٿو، ڊاکن ٻور جهليو آهي ۽ اُنهن خوشبوء پئي آڇي، اٿ اي مُنهنجي پياري، مُنهنجي نازنين هلي اچ. (اياز، 2007ع : 560. 559).

## مغربي شاعري:

قديم يوناني ادب ۾ اهم جاءِ ولاريندڙ هومر (800 ق. م) جنهن جا رزميه نظم آڊيسي (Odyssey) ۽ اليڊ (Iliad) يوناني عوامي شاعري ۾ اهم جاءِ والارين ٿا. طوالت جي باوجود قدامت جي ڪري ڪين اهم مقام مليو آهي، سندس نظم دنيا جي ادب کي متاثر ڪيو. هومر اکين کان وڏو (نابين) هو، يونان جي ڪٿا ۾ منيلاس جي زال هيلن کي ٽراءِ جو شهزادو سه پيئرس ڪٽي ويو، منيلادس مائنساءِ جو شهزادو هو. هيلن کي ڇڏائڻ لاءِ يوناني ٽراءِ تي حملو

ڪري ٽرائي جي بند قلعي شهر باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو ۽ هيلن کي آزاد ڪرايو.

قديم يوناني ادب ۾ اهو قصو هلين آف ٽراءِ يا اليڊائين مشهور آهي، جيئن هندستاني ڪٿا ۾ ايوڌيا جي شهزادي رام جيڪو بن واس ورتل هو. جنهن جي زال کي لنڪا جو راجا راوڻ کڻي ويو هو. جنهن کي ڇڏائڻ لاءِ رام ڏکڻ هندستان جي تاملن جي مدد سان لنڪا تي حملو ڪري سيتا کي آزاد ڪرائي لنڪا کي ناس ڪيو ويو. سنڌ جي نيم تاريخي داستان ۾ ’عمر مارئي‘ ۾ به مٿين قصن سان مشابهت ملي ٿي، فرق صرف ايترو آهي جو، مارئي کي عمر کڻي اچي قيد ڪرڻ کانپوءِ ڪجهه ڏينهن بعد پاڻ ئي آزاد ڪري ڇڏيو، نه امر ڪوٽ تي حملو ڪري ان عمر بادشاهه کي ماريو ويو، نه ئي امرڪوٽ کي ناس ڪيو ويو.

هيلن آف ٽراءِ جي قصي کي هومر جهڙو ڪوي ۽ رام سيتا جي قصي کي قلمند ڪرڻ لاءِ والمڪي جهڙو ڪوي ملي ويو، جنهن گيتا جهڙو شاهڪار لکيو. رام سيتا راوڻ جهڙا ڪِردار علامتي طور تي اڄ تائين هندستاني ادب ۾ استعمال ٿين ٿا ۽ استعاري طور تي ورتا وڃن ٿا. منيلاس ٽراءِ، ۽ هيلن جا ڪِردار به يوناني توڙي انگريزي ادب ۾ استعاري طور تي ورتا وڃن ٿا.

”قديم زماني ۾ هڪ مصري شاعري ٿيبان (Theban) مصر جي فرعونن مان راسيس II (1292 کان 1225 ق. م تائين جي تعريف ۾ ڪجهه شعر لکيا جي هرام مصر (Pyramids) جي اندر هڪ سخت پٿر تي اُڪريل آهن.

”بادشاهه جرئت ۾ جنگ جو ديوتا ٿو نظر اچي ۽ لڙائيءَ ۾ وحشي سانَ وانگر آهي. ماڻهو هُن کان ائين ڊڄن ٿا جيئن جهنگ جي شينهن کان ڊڄندا آهن. صبح جو جڏهن هو بيدار ٿيندو آهي ته ائين لڳندو آهي ته سج اُڀري رهيو آهي.“ (اياز ، 2007: 563)

انهيءَ کان سواءِ عهد نامه قديم، عهد نامه جديد انجيل ۽ قرآن شريف ۾ تشبيهون استعارا بيشمار ملن ٿا. ڪنهن به ڳالهه واضع نموني بيان ڪرڻ لاءِ بار بار تشبيهون ۽ استعارا ڏِنا ويا آهن. لفظن جي رواني اهڙي جو انهن مان نثري شاعري کي جي خوشبو پئي ايندي آهي.

سئفو (565 ق.م) يونان جي عظيم ترين شاعره هئي، سئفو پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي، سندس شمار عشقيه شاعري ڪندڙن ۾ ٿئي ٿو سئفو جي شاعري عوامي انداز ۾ آهي، جنهن ۾ جو اسلوب سادو آهي، سندس شاعري لوڪ گيتن وانگر آهي. جنهن ۾ فطرت سان پيار آهي. سندس ڪجهه گيت شادين جي موضوع ۽ سهلين جي جدا ٿيڻ تي لکيل آهن، سندس شاعري گهرا اثر ڇڏيا.

والٽ وٽمئن (1819-1892 محبِ وطن فطرت جو پرستار ۽ انسانيت جو

پرچارڪ شاعر آهي سندس جي شاعري جو ڪتاب “Leaves of Grass” شاعر سان گڏ مضمون نگار۽صحافي پڻ هو، والٽ وٽمئن زندگي ۽ زندگيءَ سان لاڳاپيل شاعر هو. زندگي موت جو فلسفو، خودي ۽ انسانيت هن جا مک موضوع هئا . سندس، شاعري پنهنجي ماحول تي گهرو اثر ڇڏيو.

”اي آئيندي جي بشارت ڏيندڙ دور!
سامهون نظر ايندڙ خلا
جنهن کي چيري اڳتي وڃڻ جي
نا ڪام ڪوشش پيو ڪريان
سا سڄي پوتن سان پري پئي آهي
اڻ ٿيل ڪارناما
عنقريب ٿيڻ وارا واقعا
منهنجي چوڌاري شڪليون پيا ڏيکارين!
هي عقل چرخ ڪندڙ ڌوڪ ڌوڪان،
هي گرمي،
هي خوابن جو عجيب، مدهوش ڪندڙ بخار!
اي دؤر!

(پليجو، 2016: 39)

رابرٽ برنس (1796-1769) اسڪاٽ لينڊ جو، انگريزي زبان عوامي شاعر آهي، جنهن جي شاعري ۾ انسان ذات جي پيار سان گڏ پنهنجي ڌرتي جي ماڻهن جا ڏُک درد شامل آهن. سندس شاعري عوامي جذبن سان ڀرپور آهي.

فقط سچار ماڻهو عزت جي لائق آهي،
چاهي ڪهڙو به غريب هجي،
ڇو ته
ڪٽي چا به هجي
انسان بهرحال انسان آهي!
اهو ٽرڙو ڏسين ٿو
جنهن کي ”سائين“ ”سائين“ پيا ڪن
ڪيئن نه ڦوند ۾ پريو
آڪڙ سان ماڻهن ڏانهن
پيو گهوري
.....................
اڇو ته دُعا گهرون ته شل! ايئن ٿئي
(۽ ضرور ايئن ٿيندو)

ته روءِ زمين تي
سمجهه ۽ لياقت جو سڪو هلي!
هينئر ڪٿي ڇا به هجي،
پر نيٺ اهو ڏينهن ايندو
جڏهن سموري ڌرتيءَ تي
ماڻهو ماڻهوءَ جو ڀاءُ ٿي ويندو
ڇو ته ڪٿي ڇا به هجي
انسان بهرحال انسان آهي!
....................................... (پليجو، 2016: 33،32)

نڪولائي گوميلاف روس جو عوامي شاعر انقلاب کان به اڳ جو جنهن غير مغربي مُلڪن مان ڌاريا موضوع پنهنجي شاعريءَ ۾ آندا ۽ ان جي گهر واري آئنا اخمتووا روس جي بهترين شاعره هئي، جنهن جي ڪتابن تي اسٽالن جي دؤر ۾ بندش وڌي وئي، جيڪا اسٽالن جي موت تائين رهي، گهر گهر تلاشي جي خوف کان هن پنهنجي ڪجهه شاعري ساڙي ڇڏي هئي. شيخ اياز ائنا اخمتووا جي باري ۾ لکي ٿو ته ”مان هُن جا آمريڪي ترجمي ۾ جيڪي شعر پڙهيا آهن، اُنهن کان ڪافي متاثر ٿيو آهيان ۽ منهنجي نظر ۾ هوءَ دُنيا ۾ جيڪي پنج ڇهه وڏي ۾ وڏيون شاعرائون ٿيون آهن، اُنهن مان هڪ آهي“ (اياز ، 1999: 269)

فلسفي ۽ شاعر جو نولا ۾ ڄائو. سندس اوائلي ڪتاب هڪ هر شئي ناٽڪ (طربيه-ڪاميڊي) ۽ ٻيو اهم ڪتاب ”لطيفي نظم“ جو هن جرمني ٻوليءَ ۾ لکيو.

ليوڪريش (99 ق .م – 55 ق.م) رومن شاعر جنهن ڪائنات تي ڊگهو نظم لکيو.

پيلو نرودا (1973-1904) چليءَ جو مشهور عوامي شاعر آهي، جنهن پنهنجي ٻولي ۾ شاعري ڪئي، هن جا موضوع نهايت سادا ۽ عشقيه هئا. هن جي شاعريءَ جون جڙون ڌرتيءَ ۾ سمايل هيون، سياسي سرگرمين ۾ به شامل رهيو.

پشڪن (1837-1799) روس جو عظيم عوامي شاعرآهي، هن جا ڪيترائي لافاني نظم آهن، جن کي روسي وڏي عقيدت سان ڏسندا آهن. ننڍي لاڪون جي ٻڌل لوڪ ڪهاڻين کي دِلڪش انداز سان عوامي ٻولي ۽ عوامي لهجي ۾ لکيائين، انهيءَ کان سواءِ سندس طويل نظم شاهي خاندان بابت ۽ منظوم ناول

پڻ آهي. شاعري منجهان ملڪ جو تمدن، معاشرت، خانگي حالتون، رهڻ پائڻ ۽ چوڙڻ جا طريقا اهڙي تفصيل سان معلوم ٿي سگهن ٿا جو تاريخ منجهان معلوم ٿي نه ٿا سگهن. (شبلي ،1951 : 186)

شيڪسپيئر (1564 – 1616) انگريزي زبان جو مشهور شاعر ۽ ناٽڪ نويس هو جنهن جي شاعري ۽ ڊراما دنيا جي تقريبن ٻولين ۾ شايع ٿيا ۽ پنهنجو پرپور اثر ڇڏيو. انگريزي ٻولي ۾ سندس شاعريءَ جون سٽون ۽ ڊرامن جا مڪالما چوٽين جي حيثيت رکن ٿا. شيڪسپيئر کان پوءِ شيلي (1792 – 1822) جو به انگريزي ادب ۽ شاعري ۾ اهم مقام آهي. انگريزي زبان جي عظيم شاعرن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو، هو ٻوليءَ جو ماهر هو.Narralive poems بيانه نظم ۽ Human to imtellectual Bearby دانشورانه حسن جو گيت سميت ڪيترائي نظم لکيا.

وليم ورڊس ورٿ جو انگريزي عوامي شاعري ۾ اهم مقام آهي، جنهن سُريلا گيت (Lyrieal Bttllads) لکي انگريزي شاعري تي ايترا ته اثر ڇڏيا جو جيڪي ماڻهون شاعري کي شجر ممنوع سمجهي پري ڀڄندا هئا، اهي به شاعري سان پيار ڪرڻ لڳاچو ته نهايت ئي آسان ۽ عام فهم ۽ زبان ۾ فطرت سان پيار ڪرڻ ۽ فطرتي نظارن جو شاعري ۾ بيان ٿيڻ لڳو.

انهيءَ کان سواءِ ناظم حڪمت، محمود درويش، نذار قباني سميت ڪيترائي اهڙا شاعر آهن، جن پنهنجي پنهنجي ٻولي ۾ شاعري ذريعي اثرات ڇڏيا..

## عربي شاعري:

شاعري عربن جو خاص شيوو هوندي هُئي، عربي شاعري لازوال لغوي خزانن سان مالا مال آهي، انهيءَ سان گڏوگڏ محاورن تشبيهن ۽ تلميحن سان پرپور آهي. عربي شاعري ۾ شاعر پنهنجي وڏڙن قبلين جي سردارن ۽ بهادرن جي شان ۾ قصيدا لکندا هئا، انهيءَ سان گڏوگڏ پنهنجي مخالفن، دشمنن جي خلاف هجوگوئي سندن بزدلي سان گڏوگڏ سندن خاميون شاعري ۾ بيان ڪندا هئا، توڙي جو گهٽي پاڳي هجوگوئي ۽ قصيده گوئي ۾ مبالغه آرائي کان ڪم ورتو ويندو هو، پر ان جي باوجود به انهيءَ دؤر جي شاعري کي پڙهندي عربن جي سماجي جوڙجڪ تهذيبي ۽ تمدني حالتن کان بخوبي واقف ٿي سگهجي ٿو. عربي (شاعري) ۾ شجاعت، بهادري، جانبازي، آزادي، بي باڪي، مهمان نوازي، ايثار جهڙا موضوع موجود هئا.... عربي شاعري منجهان ملڪ جو تمدن، معاشرت، خانگي حالتون، رهڻ، پائڻ ۽ چوڙڻ جا طريقا اهڙي تفصيل سان معلوم ٿي سگهن ٿا جو تاريخ منجهان معلوم ٿي نه ٿا سگهن، (نعماني، –

(1951-186)

عرب ٻولي، ادب ۽ شاعريءَ جا ايترا ته شوقين هوندا هئا، ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي ٻارن تربيت سان گڏ تعليم ۾ ٻولي ۽ شاعريءَ تي خاص توجهه ڏياريندا هئا، قادرالڪلام هجڻ سان گڏ فصاحت ۽ بلاغت سندن خاص شيوو هُئي، اهوئي سبب آهي جو هڪڙو اصطلاح جڙيو "عرب ۽ عجم" عربي ڪانسواءِ باقي دنيا جي ماڻهن کي هو عجمي سڏيندا هئا، توڙي جو اصطلاحي معنيٰ ۾ اڄ تائين عجمي غير عرب کي سڏيو ويندو آهي، پر لغوي معنيٰ مطابق عجمي معنيٰ گونگو، جيڪو نه ڳالهائي سگهي يا جنهن جو ڳالهائڻ سمجهه ۾ نه اچي. پاڻ نه رڳو گفتگو، تقرير، تقرير، تحرير جا ماهر هئا، پر ڪلام جي سموري هُنر کان واقف هئا، پر جابجا ان جو اظهار به ڪندا هئا. عربي شاعريءَ ۾ جن شاعرن کي اهم مقام حاصل آهي، اُنهن ۾ علقمه تميمي، امرءالقيس، ابو العقي بولائي، زهيرين سلمه، غسره عبسي، عمرو بن ڪلثوم، ابوالعلاءَ مصري، ابو طمام اين زيدون، حسان بن ثابت، شعب بن زهير وغيره جن عربي شاعري تي پنهنجي ڇاپ ڇڏي، مٿيان شاعر عربي شاعري جي تاريخ ۾ وڏا شاعر ٿي گُذريا آهن.

عربي ادب جي تاريخ نويسن عربي شاعري کي ٽن دورن ۾ ورهايو. (1) دؤر جاهليت (2) اسلامي دؤر (3) جديد دؤر.

دورِ جاهليت جي شاعرن ۾ امرءُالقيس، زهيربن ابي سلمه، لبيد بن ربيع، عنتره بن شداد، عمرو بن ڪلثوم وغيره هئا. مٿيان شاعر پنهنجي شاعري ۾ توڙي جو بي حياتي ۽ عرياني جو کُلم کُلا اظهار ڪندا هئا ۽ انهيءَ کُليل اظهار کي فني حيثيت حاصل هئي. انهيءَ دؤر جي شاعري کي عربي ادب ۾ مٿانهون مقام حاصل آهي.

ٻيو اسلامي دؤر جنهن ۾ ڪعب بن زهير ۽ حسان بن ثابت سميت ڪيترائي شاعر ملن ٿا، جن پاڻ ڪريم صه جن جي شان ۾شعر چيل انهيءَ سان گڏوگڏ اسلامي معاشري جي سُٺاين تي به خوب لکيو.

ڪعب بن زهير پاڻ ڪريمن صه جن جي شان ۾ ٻين ڪيترن ئي شعرن سان گڏ قصيده برده لکيو، جو اڄ تائين خاص طور تي پڙهيو ويندو آهي.

حضرت حسان بن ثابت اسلامي دؤر جي اهم شاعرن ۾ شامل آهي، مسلمان ٿيڻ کان پهريان ڪيس يمن جي خاص شاعر جي حيثيت حاصل هئي، سندس گهٽو ڪلام مڪي وارن جي خلاف چيل هو. اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ پاڻ ڪريمن صه جن جو خاص شاعر بنجي ويو.

ٽيون جديد دؤر جنهن ۾ اسلامي تلبي هجڻ ڪري شاعري ۾ گهٽي پاڳي ماٺ اچي وئي، ڇو ته فتوحات جي ڪري گهٽي پاڳي خوشحالي اچي وئي،

هڪ معاشرتي ڍانچي کي قانوني شڪل ڏني وئي بک بدحالي، جنگ جدل جو ختم ٿيڻ، معاشري ۾ علم عقل، شعور جي واڌ، قبيلائي تڪرارن جو ختم ٿيڻ ڪري گهڻي پاڳي شاعري ۾ ماڻ اچي وئي.

عربي شاعري ۾ شاعرن جتي سونهن سچائي راز نياز روايتن جي پاسداري، ديانتداري، جود سخا بهادري، اخلاق ۽ مروت جو ذڪر ڪيو آهي، اُتي پنهنجي قومي ثقافتي ۽ سماجي رهڻي ڪهڻي جو به عام ذڪر ڪيو آهي.

خدا توکي آسودو ۽ خوش رکي
شال ڏڪڻ جي هوا
جا آندل پاڻيءَ سان پريل ڳرا ڪڪر
تنهنجي مٿان وسن ۽ تنهنجي زمين آباد ڪن
اي منهنجي محبوبه
ڏس تون مونکي ۽ ذليل ۽ بيڪار ماڻهون کي هڪجهڙو نه سمجهجانءِ.
(عقلمه تعميمي)

(پليجو، 2016: 152)

سندس رنگ ان موتيءَ جهڙو، جنهن جي سفيديءَ ۾ زرديءَ
۾ پئي جهلڪا ڏئي ۽ ان کي اهڙي پاڻيءَ سان پرورش ڏني وئي آهي،
جو ماڻهن جي اچ وڃ کان لڙاتجي نٿو.
(امراءَالقيس)

۽ سندس ڪم اهڙي ناز، جهڙي اٺ جي باريڪ مهار،
سندس پني اهڙي حسين، جهڙي نرسل جي نرم ۽ معتدل
پوري جنهن کي پاڻيءَ نرم ۽ گداز ڪيو هجي.
(امراءَالقيس)

(گرامي، 1992 : 43)

زماني جي حادثن ۾ انسان ڪنهن تي ڀروسو ڪري،
۽ شريف ماڻهن کي ساٿي ڪيئن هٿ ٿين؟
تمام ٿورن ماڻهن کان سواءِ
سمورن ماڻهون ڪپڙا پاتل بگهڙ آهن.
(ابوفراس همداني)

(پليجو، 2016: 159)

مونکي پنهنجو پاڻ سان محبت ان ڪري وڌي وئي آهي
جو هر نڪمو ماڻهون مونسان بغض رکي ٿو
۽ هر ڪميڻو ماڻهون مونکي بدبخت سمجهي هٿو
۽ ڪميڻن جي نظر ۾

سواءِ خوش اخلاق ماڻهوءَ جي
ٻيو ڪو به بدنصيب ماڻهون نه هوندو آهي.
(طرماح)

(پليجو، 2016: 48)

مان اهڙو ميخوار آهيان، جو خدا کي به پسند ئي نه آهي ته
مان مران ۽ منهنجي سيني تي پهاڙ جهڙو غم هجي جو
مونکي شربت جي لذت کان روڪي، اگرچه شراب ۾
پاڻي ئي هجي، اهو مون لاءِ ماکيءَ مثل آهي.
(عنتره)

(گرامي، 1992: 42)

الله جون ڪيتريون نعمتون
بخيلن وٽ بيقرار ۽ بي چين ويٺيون آهن
ڇڻ ته اُهي پرديس يا قبر ۾ هجن
(متنبي)

(پليجو، 2016: 158)

فارسي شاعري:

فارسي شاعريءَ تي هيئت ۽ موضوع جي لحاظ کان گهڻي ڀاڱي عربي شاعريءَ جو اثر آهي. توڙي جو تاريخي ۽ ثقافتي حوالي سان فارس جي سماجي جوڙجڪ ۽ ماحول عربن کان گهڻو مختلف آهي. عربي سماج صحرا ۽ جبلن ۾ بدوي زندگي ۽ خانه بدوشي قبيلن ۾ ورهايل رهيو. فارس ۾ شهنشاهيت ڪري اڪثر شهري زندگي هئي ۽ سماجي ڍانچو مضبوط هو. انهيءَ کانسواءِ ماحول به قدرتي طور هر طرف گل وگلزار هو. "اها هڪ حقيقت آهي ته مُلڪ جي آب هوا، سرسبزي ۽ شادابي جو اثر خيالن تي پوندو آهي. ان ذريعي سان انشاپردازيءَ ۽ شاعريءَ تائين پهچندو آهي. عرب جاهليت جي ڪلام کي ڏسو ته ان ۾ جبل، صحرا، جهنگل، بيابان، ڏکيا رستا، کنڊر ۽ ٻيرن جا جهلا، جابلو ٻوڙائي سندن شاعريءَ جو سرمايو آهن، پر اُهي عرب جڏهن بغداد ۾ پهتا ته سندن ڪلام چمنستان ۽ سنبلستان بڻجي پيو. ايران هڪ قدرتي چمن زار آهي، مُلڪ گلن سان ڀريو پيو آهي، قدم قدم تي آبِ روان ايران جو هزارين سالن تي محيط تمدن، معاشرتي آسودگي گل و گلزار ماحول، لطافت ۽ نفاست عيش عشرت فارسي شاعري ۾ رنگيني پيدا ڪئي، انهيءَ سان گڏوگڏ فڪر ۾ گهرائي ۽ معنوي وسعت پيدا ٿي "ان ماحول ۾ 'شراب' ۽ 'شاهد' به لازم ملزوم هئا. ايران جا نازڪ خيال ۽ نازڪ مزاج شاعر اڪثر امرد پرست هئا، ان ڪري حسن ۽ رعنائي زلف ۽ ڪاڪل گيسو ۽ ابرو، هجر ۽ وصال رقيب ۽ محتسب، زاهد ۽ شيخ، ساقي ۽ پير مغان جي آڙ ۾ پنهنجي رنگين مزاجيءَ ۽ جذبهء تعشق جي

آبياري ڪرڻ ۾ ڪنهن به شاعر ڪوتاهي نه ڪئي. اهڙا نادر ۽ نفيس مضمون ٻُڌا ويا، جي فقط فارسي شاعريءَ لاءِ ئي مخصوص آهن. استعاري ۽ ڪنايي جي هڪ گلريز ۽ عطريز دُنيا ڪڙي ڪري ڇڏيائون.“ (گرامي، 1992: 50)

مولانا رومي ڪي سندس مثنوي دُنيا ڀر ۾ شهرت ڏياري، جيڪا هُن جو لازوال شاهڪار آهي ۽ سموري حڪيمانه حڪايتن سان ڀريل آهي.

مثنوي مولوي
معنوي،
هست قرآن در زبان
پهلوي.

(جامي)

(گرامي ،1992: 52)

فارسي شاعري ۾ حڪيم سنائي، فيضي، عرفي، جامي رودڪي، اتوري نالي وارا ڪلاسيڪل شاعر ٿي گُذريا آهن، جن جون پاڙون پنهنجي ڌرتيءَ ۾ کُتل آهن. انهيءَ ڪانسواءِ رومي، عطار فردوسي، شيخ سعدي، حافظ شيرازي، امير خسرو ۽ عمر خيام جا اهم نالا آهن، جن جي شاعري ۾ انساني اخلاقيات، تصوف، سماجي مسئلن جو ذڪر، وفا شعاري، دوستي، همدردي سميت اُنهن سڀني مسئلن جي اپٽار ٿيل آهي،جيڪي سماج سان لاڳاپو رکن ٿا.

فارسي شاعري پنهنجي ٻولي، تشبيهات، نون نون محاورن ۽ تلميحات وسيلي ننڍي کنڊ جي ڪيترن ئي مشاعرن ڪي متاثر ڪيو، سنڌي ٻوليءَ جو سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي خاص طور تي رومي کان گهڻو متاثر هيو، ڪجهه سندس شاعري جي تتطبع ۾ شعر لکيائين ته ڪجههشعرن ۾ سندس ذڪر ڪيائين.

طالب ڪٿر، سونهن سر، اي روميءَ جي رهاڻ
ڀِرين وڃائن پاڻ، پسڻ پوءِ پرين ڪي. (شاهه)

(شاهواڻي، 2005: 108)

مثنوي رومي ساڻس سدائين گڏ هوندي هئي. انهيءَ ڪانسواءِ ڪيترن شاعرن متاثر ٿي ڪري پنهنجي ٻولي سان گڏ فارسي ۾ شاعري ڪئي، جن ۾ خاص طور تي علامه اقبال، مرزا غالب، سچل سرمست، قادر بخش بيدل، سميت ڪيترا اهم نالا آهن.

فردوسي شاهنامي ۾ ايراني تهذيب ۽ تمدن جو اهڙو نقشو چٽيو آهي، جو پڙهندڙ ايراني سماج جي تاريخي تاجي ڀيٽي، اٺٽي ويهٽي، رهٽي کهٽي

ڪان بخوبي واقف ٿي وڃي ٿو. فردوسي جو شاهنامو، حافظ جو ديوان، رومي جي مثنوي ۽ شيخ سعدي جي ڪريمان، گلستان بوستان سميت فارسي جا ڪيترائي ڪتاب سنڌ جي مدرسن ۾ درس نظامي جو حصو رهيا آهن، انهن جون حڪايتون ۽ ناصحانه نڪتا اڪثر عالم پنهنجن واعظن ۾ بيان ڪندا رهندا آهن ۽ سندن شاعري ڪان متاثر ٿي ڪري ڪيترائي مذهبي عالم شاعر بڻجي ويا.

رودڪي (873ع وفات) فارسي شاعريءَ جو ابو جيئن سنڌي شاعري ۾ باقائده پهريون شاعر قاضي قادن کي مڃيو ويندو آهي، ايئن رودڪي فارسي شاعري جو اهو شاعر آهي، جنهن پيڙهه جو پٿرڪيو، جنهن تي پوءِ جي شاعرن خوبصورت محل تيار ڪيو. استاد الشعراءِ جي لقب سان ياد ڪيو ويندوڙ رودڪي کي قصيده گوئي ۾ اهم مقام حاصل آهي.

شاد زي با سياهه چشمان
شاد،
که جهان نيست از فساد و
باد.
(رودڪي)

(پليجو، 2016: 129)

ترجمو: ڪارين اکين وارن سهڻن سان گڏ گذار باقي هي ٻيو جهان فتني ۽ فساد کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي.

فاش مي گويم واز گفتهء
خود دلشادم،
بنده عشقم و از هردو جهان
آزادم.
(حافظ)

”مان کُليو ڳالهائي رهيو آهيان ۽ جيڪي چوان ٿو انهيءَ تي خوش آهيان، مان عشق جو بندو آهيان ۽ ٻنهي جهانن کان آزاد آهيان.“

(اياز، 1992: 300)

چون سگ درنده گوشت
يافت فپرسد،
ڪمين شتر صالحت يا
خردجال.
(سعدي)

”جڏهن خونخوار ڪُتي کي گوشت ملي ويندو آهي، ته هو اهو ناهي ڏسندو ته اهو حضرت صالح جي اُٺڙيءَ جو گوشت آهي يا دجال جي گڏهه

جو.“

حافظ شيرازي جو فارسي شاعري ۾ اهم مقام آهي، حافظ کي دُنيا جي عظيم شاعرن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي، ڪيس ”لسان الغيب“ جي لقب سان به ياد ڪيو ويندو آهي، ماڻهون هُن جي ڪلام مان فال ڪڍي رهنمائي حاصل ڪندا هئا، عامي شاعر هجڻ ڪري هر موضوع کي شاعري ۾ آندائين، پر خاص طور تي زهد تقويٰ شراب خوري سندس اهم موضوع رهيو.

جيئن خيام وٽ رُڳي خمريات جو ذڪر مِلي ٿو، اهڙي طرح حافظ شيراز وٽ شراب جو عام ذڪر مِلي ٿو ۽ انهيءَ سان گڏ پاڻ کي سفيد پوش سمجهڻ وارن مفتين، قاضين ۽ ناصحن کي ”ست سُريون“ ٻُڌائي ٿو.

شيخم به طنز گفت، حرام است مئي مَ خود
گفتم بروکه گوش بهر خر نه مئه کنم.
(حافظ شيرازي)

”زاهد ۽ مفتيءَ طنز طور فتوا ڏيندي چيو ته: شراب حرام آهي، اهو نه پيءُ، مون جواب ڏِنو ته پنهنجي وات وٽ، هر ڪنهن گڏهه جي هينگ تي ڪن نه ڏيندو آهيان.“

مان هِد و تقوا ڪمته شنا سِم،
يا جام باده يا قصد ڪوتاهه
(حافظ شيرازي)

”اسان زهد ۽ تقويٰ کي گهٽ ٿا سمجهون
يا جام هجي يا قصو ڪوتاهه.
(گرامي، 1992: 239)

حافظ گر وصل خوامي صلح کن يا خاص عام،
با مسلمان الله الله با برهمن رام رام.
(حافظ شيرازي)

”اي حافظ جيڪڏهن تون چاهين ٿو ته هر ڪنهن سان صلح هجي ته مسلمان مِلي ته الله الله ڪر ۽ جيڪڏهن برهمڻ رهندو مِلي ته رام رام ڪر.“

## نندي ڪنڌ جي عوامي شاعري:

نندي ڪنڌ جي شاعريءَ جون پاڙون پنهنجي ڌرتي ۾ ڪتل آهن، انهيءَ

ڪري انهيءَ مان آيل واس به پنهنجو آهي، ٻولي، استعارا، ڪنايا پنهنجي ماحول جا آهن، شاعريءَ جون صنفون ٻولي، شاعري ۽ موسيقي جو علم به هنن جو پنهنجو آهي.

ويدڪ دؤر جنهن جي شروعات اڄ کان پنج کان ڏهه هزار سال اڳ ٿي، جنهن ۾ ويد لکيا ويا. رگ ويد ۾ وايو پرجينا، اوشا، ارنياني، راتري جي باري ۾ گيت آهن. سپت سنڌوءَ جي ساراهه آهي، جن ۾ برسات، باک سنڌ ۽ سنڌوءَ جي اوج جو ذڪر مِلي ٿو.

”اي سنڌو! جڏهن تون ميدان مان وهين ٿي،
تڏهن بيشمار جل پاڻ سان آڻين ٿي،
تنهنجو پاٽي اُتم آهي،
خوبصورتيءَ ۾ تون نورنيءَ ڪنوار جهڙين آهن،
تون سدا جوان ۽ سدا سهڻي آهين“

”سنڌ گهوڙن ۾ شاهوڪار آهي،
رٿن (سواريءَ جي گاڏين) ۾ شاهوڪار،
عمديءَ طرح گهڙيل ڳهڻن ۾ شاهوڪار،
۽ کاڌي خوراڪ ۾ شاهوڪار آهي،
سپاڳي سنڌوءَ جا ڪنارا ماکي ڏيندڙ گُلن سان سينگاريل آهن“

”سنڌوءَ جي پاٽيءَ جو آواز ايئن ٿو لڳي، ڄڻ ته مينهن جون اوڙڪون گجگوڙ ڪري پيون وسن“

(آڏواڻي، 1992: 138،139)

نندي کنڊ ۾ ٻڌمت جي ناٿ پنٿي ۽ ڀڳتي تحريڪ سميت جيڪي تحريڪون شروع ٿيون. انهن ۾ شاعرن انساني برابري، روحاني ترقي، مايا جي موهه ۾ نه ڦاسڻ، دولت ۽ اقتدار جو نشو روحاني ترقي لاءِ رڪاوٽ سمجهڻ، مذهبي ٺيڪيدارن کي ننڌڻ، ريت، ڪريت ۽ فطرت سان پيار تي زور ڏنو. مذهبي سڌارن ۾ تلسيداس، رامانج، ڪبير، نانڪ اهم ڪِردار ادا ڪيو، جن پنهنجي شاعري ذريعي سماجي نفسياتي بيمارين جي نه رڳو نشاندهي ڪئي، پر اصلاح به آندي شاعري وسيلي ڄڻ ته هڪڙي اصلاحي تحريڪ شروع ٿي.

ميران ٻائي، هيم چندر برادائي، ملڪ محمد جائسي، دادو ديال، امارو، پرتري هري، عبدالرحيم خان خانان وغيره اڇي وڃن ٿا. ڀڳت ڪبير هندي ٻوليءَ جو عوامي شاعر هو. هن پنهنجي شاعري ۾ عام ٻولي استعمال ڪئي، جيڪا ان وقت عام ڳالهائي ويندي هُئي، تشبيهون ۽ استعارا به عوامي کنيا اٿس، جن

سان ماڻهن جو روز مرهه جو واسطو پيو. انهيءَ ڪري سندس شاعري عام توڙي خاص ۾ بيحد مقبول ٿي ڪچهرين جو موضوع بڻي.

چلي چڪي ديکهه ڪر، ديا ڪبيرا روءِ،
دو پاٽن ڪي بيچ ۾، ثابت رهيا نه ڪوءِ.
(ڪبير)

مالا ڦيرٿ جگ هوا، مٽا نه من ڪا ڦير،
سر ڪا من ڪا بيد ڪر، من ڪا مٽڪا ڦير.
(ڪبير)

آئو پريتم موهنا، پلڪ موند توهي لون،
نامين ديکهون اورڪو، نا تو هي ديکهون دو.
(ڪبير)

(عباسي، 2007: 106)

ڪاليداس هندي شاعري جو اهم شاعر ٿي گُذريو آهي، جنهن پنهنجو اثر ڇڏيو. ڪاليداس، ميگهه دوت ۾ بادل کي آڏو آڻي چوي ٿو ته "اتي ڪُليل ڪِڙڪين مان واجهه وجهندڙ، وار سنواريندڙ نارين جي سڳنڌ، تنهنجي سرير کي ڳورو ڪري وجهندي"

"محل جا مور نچي نچي تنهنجو سواگت ڪندا، جيڪڏهن مٿان گذارجانءِ، سرايون جن جا اڱڻ سندر نارين جي پيرن جي مينديءَ سان لال ٿي چُڪا آهن" (اياز، 1999: 233)

شنڪتلا جي باري ڪاليداس چيو ته هوءَ هڪ اهڙي ڦول وانگر آهي، جنهن کي نه سگهيو ويو آهي. هڪ اهڙي پن وانگر آهي، جنهن کي هٿ سان نه ڇڳو ويو آهي، هوءَ ماکيءَ آهي، جنهن کي اجان تائين ڪنهن نه چکيو آهي.
(اياز ،1999: 234)

هڪڙو پراڪرت گيت آهي "رات هوءَ مسافر لاءِ پلال وڇائي پڻ پڻ ڪري رهي هُئي ۽ باک ڦُٽي جو انهيءَ پلال کي ڪٺو ڪري روئي رهي هُئي"
(اياز 1999 :234)

دنيا جي شاعرن پنهنجي پنهنجي ٻولي ۾ جيڪا شاعري ڪئي آهي، انهيءَ ۾

انهن پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار، عشق جا آلاپ فطرت سان محبت ۽ پنهنجي ٻولي قوم وارن سان بيحد ۽ سنڌي سميت ڪيترن ئي ٻولين جي شاعري ۾ فطرت سان پيار ازلي سمايل آهي، ۽ عوام جي ڳالهه ٻوليءَ استعمال ڪيل آهي .

## حوالا


- محرم خان پروفيسر2002: مقالو: ”شاعريءَ جي شروعات ۽ قدم شعر“، ’ڪينجهر‘، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي .
- حسين محمد هادي،2005: ”مغربي شعريات“ شاعريءَ جو دفاع شيلي، مجلس ترقي ادب ڪلب روڊ لاهور .
- چانڊيو جامي2007: مرتب، ڪلاسيڪي ۽ جديد شاعري مقالو ”شاعريءَ جا فني قدر ۽ سنڌي شاعري“، شيخ اياز ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي .
- پليجو رسول بخش،2016:”آنڌائون عميق مان“ چونڊ عالمي شاعريءَ جو ترجمو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو .
- اياز شيخ1999: ڪتين ڪر موڙيا جڏهن II نيو فيلڊس پبليڪيشن ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد.
- نعماني شبلي، 1951:شعر العبحم (حصو چهارم) معارف پريس اعظم ڳڙهه .
- گرامي غلام محمد،1992: ”مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو .

# باب چوٿون

## ثقافت، سنڌي ثقافت ۽ادب

### ثقافت جي وصف:

لفظ ثقافت جي وصف مختلف عالمن، مختلف بيان ڪئي آهي. ”ثقافت جي لغوي معنيٰ آهي پوکڻ (Cultivate) يا سينگارڻ هي عربي زبان جو لفظ آهي جو ثقف مان نڪتل آهي، هن جو مطلب آهي، تعليم يافته هجڻ يا ذهين هجڻ“ (سوڍر، 31:1991)

ثقافت جو بنياد ثقافه مان ورتو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي داناءُ هجڻ، استوار هجڻ يا چست هجڻ (فيروزالغات فارسي 1962: 29)

عربي اردو لغات جو مصنف ثقافت جو بنياد ثقف، ثقفا و ثقافه ٻُڌائي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي تيز فهم هجڻ، عقل وارو هجڻ، داناءُ يا ڪنهن فن ۾ ماهر هجڻ. (عربي اردو لغات، 1949: 38)

ثقافت لفظ جي لغوي معنيٰ عقل وڏائڻ به آهي ۽ اصطلاحي معنيٰ موجب عام انسانن جي زندگي گُذارڻ جو طريقو آهي، جيئن ته انسانن جو تعلق زمين سان آهي، جتي هو رهي ٿو، زمين تي ٿيندڙ اوپڙ، رهندڙ جاندار توڙي غير جاندار سان سِڌي طرح يا اڻ سِڌي طرح لاڳاپو رهي ٿو ۽ انهيءَ زمين سان لاڳاپيل مندون، موسمون، آبهوا، وڻ ٽِڻ، پکي پکڻ، اُنهن جون ٻوليون، فصلن جو پوکڻ کان وٺي پچڻ تائين، جهرجهنگ، جبل برپٽ بيابان، صحرائون، درياء، سمنڊ، آواز، ٻوليون، ماحول، رهڻي ڪهڻي لاءِ گهرگهاٽ، پائڻ لاءِ پوشاڪون، کاڌ خوراڪ، کاڌ خوراڪ جا سمورا وسائل ثقافت جي ضمري ۾ اچي وڃن ٿا. ”ثقافت جي موضوع هيٺ زندگيءَ جا سڀ شعبا اچن ٿا، جهڙوڪ مذهب، تهذيب، تمدن، پهرڻ، ٻولي، زراعت، ذهني ترقي، انسانيت جو ظهور، اختيار آداب، اٿڻي ويهڻي ۽ ريتون رسمون وغيره، ان کان سواءِ انسان جو جياپو ۽ ان جا وسيلا هلت چلت، هنر رواج ۽ کاڌو پيتو به ثقافت جي دائري ۾ داخل آهن، مجموعي طور تي طرز معاشرت کي ثقافت جو نالو ڏِنو وڃي ٿو.“
(حسين، 1910: 571)

سنڌي توڙي اردو ٻوليءَ ۾ ثقافت لاءِ تهذيب ۽ تمدن جو اصطلاح به استعمال ٿئي ٿو ۽ فارسي توڙي عربي ٻوليءَ ۾ به تهذيب ۽ تمدن جو اصطلاح

استعمال ٿيندو رهيو آهي.

هيٺ اسين تهذيب ۽ تمدن کي واضع ڪنداسين.

تهذيب:

تهذيب ۽ ثقافت ۾ فرق ڄاڻائيندي اسير بخاري لکي ٿو ته: ”ارڙهين صدي عيسوي ۾ لفظ ’تهذيب‘ انساني درندگي ۽ بربريت جي ضد طور مڃيو ويو، هوريان هوريان پوءِ اهو لفظ مادي آرائش روايت طور استعمال ٿيڻ لڳو، يعني ڪنهن قوم جي مجموعي صفائي سُٿرائي ۽ فضيلت واري زندگي. “

(بخاري، 1994: 47)

تهذيب عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جو هذب مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ رستو، ڇانگ ڪرڻ ڏني وئي آهي. هڪ اهڙو رستو جنهن تي هلندي انسان بهتر کان بهتر ٿي سگهي يا انهيءَ رستي تي هلي انسان انسانيت جي اعليٰ گڻن کي ڇُهي ته ڪين تهذيب يافته سڏيو ويندو آهي.

ڪنهن وڻ جي ڇانگ ان جون غير ضروري ٽاريون ڪپڻ ئي ان وڻ جي واڌ ويجهه جو سبب بڻجي ٿو، اهڙي طرح تهذيب ذريعي هڪ انسان غير ضروري مضر شين کي ڇڏي سُٺاين کي اپنائي شائسته نموني هڪ صحتمند معاشري جو بهترين انسان بڻجي ٿو، جو نه صرف پاڻ لاءِ پر معاشري لاءِ ته ڪارائتو ثابت ٿئي ٿو ۽ اهڙا گڻ جيڪڏهن هڪ فرد کان وڌي سموري قوم ۾ اچي وڃن ته انهيءَ قوم کي تهذيب يافته قوم سڏجي ٿو. جا ٻين قومن لاءِ رهبريءَ جو ڪم ڪندي آهي ۽ هڪ اهڙو رستو مهيا ڪندي آهي. جنهن رستي تي پٺتي پيل قومون هلي پاڻ کي ڪاميابين سان همڪنارڪن ٿيون.

تمدن:

اڪثر ڪري تهذيب ۽ تمدن جا لفظ لکڻ توڙي پڙهڻ ۾ يا عام گُفتگو توڙي تقرير ۾ ٻنهي لفظن طور استعمال ٿيندا آهن. ”تمدن عربي زبان جو لفظ آهي جو مدن يا مدينه مان نڪتل آهي ۽ تمدن جي معنيٰ آهي پاڻ کي شهري بنائڻ يا شهري زندگي بسر ڪرڻ ان جو سنسڪرت ٻوليءَ ۾ بدل آهي سڀيتا يعني جماعتي زندگي ۽ انگريزي ۾ اُن جو بدل شهري، سولائيزيشن (Civilization) جنهن جي معنيٰ آهي ”شهريت“ تمدن انسان جي ”انس“ واري سڏي سنئين پيدائش آهي ”انس“ جي معنيٰ آهي قرب تعلق يا لاڳاپو.“

(چنا، 2011: 128)

هن سماج ۾ هڪ انسان جو ٻئي انسان سان يا هڪ انساني گروهه جو ٻئي انساني گروهه سان هڪ قوم جو ٻي قوم سان لڳ لاڳاپو رهي ٿو. هڪ انسان کان وٺي قوم يا ملڪ تائين ٻين انسانن کي ضرورت پوي ٿي. انهيءَ

ڪري پاڻ ۾ گڏجي رهڻ هڪٻئي جي مدد ڪرڻ ڏُک سُک ۾ پائيوار ٿيڻ هڪ اصول ڪارفرما هوندو آهي، هڪ اعليٰ مقصد جي حصول لاءِ گڏجي سڏجي ڪم ڪرڻ اهڙا ڪم ۽ اُنهن جي حاصلات، جنهن مان پوري انسان ذات کي فائدو رسي.

اردو انسائيڪلو پيڊيا ۾ تهذيب ۽ تمدن جي اصطلاح کي هڪ ئي معنيٰ جي زمري ۾ ڏيکاريو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ شهري زندگي چئي وئي آهي. ”تمدن مان مُراد انسان جي معاشرتي زندگي يا اجتماعي زندگي ۽ تهذيب مان مراد خوبصورت زندگي آهي.“

(اردو انسائيڪلوپيڊيا،1968: 467)

تهذيب ۽ تمدن جو تعلق به انسان جي اجتماعي ترقي فلاح و بهبودي، ڀائپي ۽ ڀائيچاري باهمي تعلقات ۽ هڪ ٻئي جي مدد ۽ سُڌاري تي آهي. جتي انسان هڪ سماجي جانور واري حيثيت ليکيو وڃي ٿو، اُتي انسان ”اعليٰ“ ۽ ”اشرف“ وارن لقبن سان پڻ سڏيو وڃي ٿو. تهذيب ۽ تمدن سان همڪنار قومون اعليٰ درجن کي ڇهن ٿيون.

## ڪلچر:

ثقافت لاءِ انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪلچر (Culture) لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي، ڪلچر لفظ به جامع آهي، جنهن ۾ ادب اخلاق ذهني اوسر مادي ۽ روحاني ترقي تهذيب ۽ تمدن جون سموريون خاصيتون اچي وڃن ٿيون. جي ايم سيد به تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جي لفظن کي گڏائي اُنهن لاءِ ڪلچرلفظ استعمال ڪيو. پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته”ڪلچر جو لفظ وڌيڪ جامع آهي، جنهن مان ثقافت تهذيب ۽ تمدن، ٽنهي جو مطلب نِڪري سگهي. ان جي وسعت ۾ انساني زندگيءَ جي اندروني خواهه ظاهري آرائستگي ۽ اصلاح اچي وڃن ٿا.“

(سيد، 2001: 06)

ڪلچر لفظ جي وسعت ۾ انسان ذات سان لاڳاپيل تقريبن سموريون شيون اچي وڃن ٿيون. جنهن ۾ رهڻي ڪهڻي کاڌ خوراڪ اجهو، لٽو، خوشيون، غم، ادب، شعر، مصوري، موسيقي، فلسفو، تاريخ، نفسيات، سائنس، مذهب، رقص، راڳ، فلمون، ڊراما وغيره آهن. ”جرمن تاريخدان ’اسپنگر‘ عالمي تاريخ جو ڀرپور جائزو وٺي هڪ لفظ ”ڪلچر“ اپنايو ۽ تهذيب لفظ کي منفي چئي رد ڪري ڇڏيو. اسپنگر جي چوڻ موجب تهذيب هڪ بيماري آهي، جيڪا سپني ثقافتن جي دشمن سمجهڻ گُهرجي اُها ثقافتن کي اڏوهي وانگر اندران اندران کائي ٿي، هوڏانهن ان هيءَ ڳالهه به ڪئي آهي، انسان پنهجن اندرين حوالن

سان نيچر/فطرت سان نڀائي سگهي ٿو. ڇو ته فطرت ثقافتي آهي ۽ تاريخ هڪ اهڙي عمراني هيئت آهي جنهن سان انسان پنهنجي جيئري وجود کي گهري حقيقت موجب هلائي سگهي ٿو.“

(بخاري، 1994ع : 47)

هاڻي جيڪڏهن ”اسپنگر“ جي چوڻ مطابق ”تهذيب، ثقافت جي دشمن آهي ۽ اُها اڏوهيءَ وانگر ڪلچر کي ڪائي ٿي، گهڙي کن لاءِ مڃي به وٺجي ته انسان کي ساڳيو غارن ڏانهن وڃڻو پوندو، شڪاري زندگي گذارڻي پوندي. هي جيڪو انساني ترقيءَ جو معراج آهي، اهو سمورو ختم ڪرڻو پوندو. پيغام رساني جيڪا گهوڙي سواريءَ جي مهينن جي مسافت تي هوندي هُئي، اُها سيڪنڊن تي پهتي آهي، صرف بٽڻ دٻائڻ جي دير آهي. عام بيمارين ۾ به انسان جو تڙپي مرڻ ان جاءِ تي ميڊيڪل سائنس جي هيڏي ترقي جن سان ڪيترين ئي مهُلڪ بيمارين ۽ وبائن جو نه صرف علاج، ضابطو پر ڪن کي ته جڙ کان ختم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪانسواءِ به سوين هزارين اهڙيون شيون نيون ايجادون جن انساني ترقيءَ کي بلنديءَ تي پهچايو، هر ڪاڏ خوراڪ ۽ آسائشون فراهم ڪيون.

تهذيب ترقيءَ جو نالو آهي، سُڌاري جو نالو آهي. باهمي اخوت ڀائيچاري، امن، خوشحاليءَ جو نالو آهي، ترقي ۽ خوشحالي سان پُراڻا ريت قدر ضرور متاثر ٿيندا. ٻهراڙي جي زندگي جا قدر، رسم رواج شهري زندگي جي قدرن ۽ رواجن کان بنهه مختلف آهن. شهري زندگي ۾ رهي ڪري ٻهراڙي جي رسمن رواجن کي اپنائي نه سگهبو، جيڪڏهن ڪوئي اپنائيندو ته ڀاڙي وارا مٿس ٺٺوليون ڪندا. ائين تمدني زندگي گُذارڻ سان ٻهراڙيءَ جا رسم رواج متاثر ٿيندا. انهيءَ ڪري اسان هزارين سالن جي رسم رواجن، ريتن، قدرن لباسن، جڳهين، ٻوليءَ جي لفظن وغيره کي اسان ڪتابن ۽ آرڪائيو ۾ محفوظ ته ڪري سگهون ٿا، اُنهن سان پيار ۽ پنهجائپ جو اظهار ته ڪري سگهون ٿا، پر شايد جئين جو تئين اپنائي نه ٿا سگهون. جي ايم سيد جيڪو تهذيب تمدن ۽ ثقافت لاءِ جيڪو لفظ ڪلچر (Culture) استعمال ڪيو آهي، اهوئي مناسب آهي.

## سنڌي ثقافت:

وڏڙن کان مليل ورثي ۾ اُها ميراث عقلي يا مادي شين جو ذخيرو هجي يا اخلاقي طور طريقا، رسم رواج سڀئي ثقافت جي دائري ۾ اچن ٿا. ”سنڌ جي ثقافتي تاريخ دراصل سنڌو ماٿري جي قديم تهذيب جي تاريخ جو تسلسل (Continuity) آهي. مهر ڳڙهه، نوشهره آمري، ڪوٽ ڏجي، موهن جي دڙي چانهون جي دڙي، برهمڻ آباد، منصوره ۽ ٻين قدم آثارن جي کوٽائيءَ مان مليل سامان جي دعويٰ کي سچو ثابت ڪيو آهي، اُنهن قديم آثارن ۽ کنڊرن جي

ڪوٽائيءَ سنڌو ماٿري جي قديم تهذيب ۽ تمدن، رهڻي ڪهڻي، لباس ۽ گهرو سامان مطلب ته اڄ کان ست هزار سالن جي پُراڻي تهذيب ۽ تمدن، ان زماني جي سماجي زندگيءَ جي اصولن ۽ قدرن طرف نشاندهي ڪئي آهي.”

(الانا ، 1989ع: 8)

غلام رباني آگرو ”سنڌي ڪلچر“ ۾ لکي ٿو ته ”آثار قديمه جو ماهر ڊاڪٽر رفيق مغل ويهن ورهين جي جُستجو بعد ان نتيجي تي پهتو آهي ته فقط چولستان کان وٺي موهن جي دڙي تائين علائقي ۾ پنج هزار ورهيه اڳ اڍائي سئو وسندڙ شهر ۽ ڳوٺ هئا.”

(آگرو، 2011: 100)

انهن شهرن ۽ ڳوٺن جي اڏاوت، رهندڙ ماڻهو، ماڻهن جي اُٿڻي ويهڻي، ٻولي طور طريقا هوندا. اڄ تائين سواءِ چند شهرن جن کي دريافت ڪيو ويو ۽ کوٽيو ويو، باقي دڙن جي صورت ۾ سنڌ ۾ موجود آهن.

موهن جي دڙي جي کوٽائي بعد دُنيا جي ماڻهن کي حيرت لڳي جو ايترو آڳاٽي رٿابنديءَ سان اڏيل شهر گهر ۽ گهٽيون سِڌا، پڪيون اڏاوتون، وهنجڻ جا تلاءُ (Summing Pool) گهٽين جي صفائي، گندي پاڻيءَ جي نيڪال جون ناليون، صاف کوهه، سنڌي ثقافت جا قابلِ فخر ثبوت آهن. موهن جي دڙي سميت ٻين دڙن جي کوٽائيءَ مان هر قسم جا زيور مِليا آهن. اُنهن ۾ مٽي تي پائڻ جا زيور ڳچيءَ جا زيور هٿن، پيرن وغيره جا زيور مِليا آهن ۽ ڪجهه اهڙيون مورتيون مِليون آهن. جن کي زيور پاتل ڏيکاريل آهن، انهيءَ کان سواءِ ٺڪرن جا ٿانوَ ۽ اُنهن تي ٺيل چٽسالي به ثقافت جا پُراڻا نمونا آهن.

سنڌو درياهه جيڪو سنڌ جي شهه رڳ آهي، جنهن جي ڪپرن تي دُنيا جا پهريان ڪتاب ويد لکيا ويا ۽ ڪيترائي ننڍا وڏا ڳوٺ ۽ شهر آباد ٿيا. جتان سنڌي تهذيب اُسري دُنيا ۾ ڦهلي انهيءَ ڪري اڄ به سنڌو تهذيب کي سڀني تهذيبن جي ماءُ قرار ڏِنو ويندو آهي.

شيخ اياز، آمريڪا جي Book of the Month Club جو چونڊيل ڪتاب ”ثقافت جون راهون“ مان حوالو ڏيندي لکي ٿو ته ”انساني ثقافت اهو ڏند ڪٿا وارو وڻ آهي، جنهن جي هر ٽاريءَ جي اوسر الڳ آهي ۽ هر ٽاريءَ جي عمل کي پنهنجو پنهنجو سواد آهي، پر اُهي ٽاريون ساڳئي هِڪڙي ٿُڙ مان ڦُٽيون آهن.”

(اياز،1999ع : 220)

مٿين ڳالهه کي اچا وڌيڪ واضح ۽ وزنائتو بنائڻ ۽ سنڌي ثقافت جي اهميت ۽ افاديت کي وڌائيندي شيخ اياز اڳتي لکي ٿو ته ”سنڌي ثقافت به اُها ٽاري آهي، جنهن جي اوسر الڳ آهي ۽ جنهن جي ڦل کي پنهنجو سواد، پنهنجو مِيناڄ آهي، پر مان ڀانيان ٿو ته ان ۾ واڌارو نه ٿيندو، جي مان چوان ته سنڌي ثقافت اهو ڏار آهي، جنهن مان ڪيئي ٽاريون ڦُٽي برصغير ۾ ڦهليون آهن.”

(اياز، 1999ع: 220)

سنڌي ثقافت به ڪا هڪ ڏينهن، مهيني يا سال ۾ ڪو نه ٺهي آهي، پر ان ڪي هزارين سالن جو تاريخي پس منظر آهي. انهن هزارن سالن ۾ پرورش ونندڙ ريتن، رسمن، رهڻي ڪهڻي، رسم، رواج، اعتقاد، وهم، وسوسا، روزاني زندگيءَ جا طور طريقا کاڌ، خوراڪ، اوزار لباس ٻوليءَ، سماجي طور طريقا، انساني زندگيءَ سان لاڳاپيل مادي توڙي روحاني شيون اچي وجن ٿيون.

سنڌي ثقافت جي جوڙجڪ ڪي ڏسنداسين ته "دراوريدي، آريا، سامائٽ، منگول نسلن جا ماڻهون ۽ اُنهن جي ننڍن قبيلن جا ڪُٽب ۽ افراد وڻ وڻ جي ڪاٺيءَ وانگر اچي هن مُلڪ ۾ وينا جن ۾ سماٽ، راجپوت، لهاڻا، جت، مهاڻا، پٺاڻ، بلوچ ۽ عرب قبيلن جا ماڻهون اچي وجن ٿا. اُنهن سڀني ٻاهران آيل ماڻهن کي سندن ٻوليون، رسمون، رواج، لباس، رهڻي ڪهڻي جا طريقا، ادب، قديم روايات، مذهب ۽ قومي ڪِردار ڪلچر سان سينگاريو آهي."

(سيد، 2001: 12)

سنڌ جي ثقافت کي جي ايم سيد هيٺين چئن جزن يا شعبن ۾ ورهايو آهي.

1. نظرياتي ۽ مذهبي عقيدا
2. سماجي زندگيءَ جا طور طريقا
3. قومي ڪِردار
4. آرٽ (ادب ۽ فنِ لطيف)

هِتي سمورين شين کي واضح ڪرڻ مقصود نه آهي، پر مجموعي طور تي چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ثقافت انتهائي شاندار، مخصوص ۽ نمايان آهي، جنهن کي پنهنجو هزارين سالن جو پس منظر آهي، اُن جا اثرات ۽ ڦهلاءُ صدين تائين ڦهليل آهي. جنهن پنهنجي آس پاس کان علاوه پوري ننڍي کنڊ تي اثر چڙيا.

ادب ۽ ثقافت جو رشتو:

سُڌريل انساني معاشرا اعليٰ اخلاقي ۽ آفاقي قدرن هجڻ سان گڏوگڏ ڪنهن به ملڪ، خطي يا علائقي جي حوالي سان هڪ الڳ ۽ نمايان ثقافت جو مظهر هوندا آهن. انهيءَ ملڪ يا خطي ۾ وسندڙ قومن جا تخليقي شهپارا، فنون لطيفه خصوصن ادب ۽ شاعري انهيءَ معاشري جي تهذيب ۽ تمدن ۽ ثقافت جي عڪاسي هوندا آهن ۽ مجموعي طور تي انهيءَ قوم جي نفسياتي آئينو هوندا آهن. فنونِ لطيفه جا جيترا به شعبا آهن. اُهي انساني سوچ تي اثرانداز ٿين ٿا.

ادب (Literature) انساني زندگيءَ جي اُها تصوير آهي، جيڪا هوبهو

ڪيڍي وئي آهي. ڪڏهن ڪڏهن اديب يا مصور انهيءَ تصوير ۾ تصور ڪري خوبصورت رنگ ڀريندو آهي ۽ آرزو ڪندو آهي ته اهڙي ئي سهڻي زندگي هجڻ گُهرجي.

ادب ۽ ثقافت جو رشتو پاڻ ۾ گهاٽو ۽ گهرو آهي، ايترو ته مليل آهي جو اُنهن کي نه جُدا ڪري سگهجي ٿو نه سمجهي سگهجي ٿو. ادب ۽ ثقافت هڪ ٻئي جو حِصو آهن يا ايئن ڪٿي چئجي ته ادب ڪنهن قوم جو سماجي آئينو يا تصوير آهي، جنهن ۾ تاريخ، سماجيات، ٻوليءَ، معاشيات، جاگرافي سميت هر شيءِ لڪ ۾ هوندي آهي ۽ ثقافت اُنهن سڀني شين جي حال حيات، توڙي ماضي قريب يا بعيد جي ساڪن توڙي متحرڪ، تصوير جو نالو آهي.

”زبان يا ٻولي ته فقط ثقافت جو جزو آهي، پر بُنياد پڻ آهي، جيڪڏهن ثقافت کي وڻ ڪري ڪوٺجي ته ان جي پاڙ سندن زبان يا ٻولي آهي.“

(جتوئي، 1996ع : 9،8)

پروفيسر علي نواز جتوئي اڳتي لکي ٿو ته ”زبان مان نه صرف قوم جي ثقافت جو پتو پوندو آهي، پر اُن جو ماضي به معلوم ٿيندو آهي. سندس تاريخي دورن جا آثار ۽ اُهڃاڻ سندس ٻوليءَ ۾ سانديل هوندا آهن.“

(جتوئي، 1996ع : 10)

ٻولي، شاعري توڙي ادب جو محرڪ سماج آهي، دُنيا ۾ جيڪي به ٻوليون شاهوڪار ليکيون وڃن ٿيون. اُنهن جو ادب (Literature) به شاهوڪار (Rich) ليکيو وڃي ٿو، جڏهن ادب انهيءَ درجي تي آهي، ته انهيءَ قوم جي ثقافت کي به اوترو ئي شاهوڪار ڳڻيو وڃي ٿو. مثال طور تي جڏهن مُلڪ جي ڪنهن شهر ۾ ملڪي يا بين الاقوامي ڪانفرنس منعقد ٿيندي آهي، انهيءَ ڪانفرنس ۾ تهذيبي ۽ ثقافتي شاهوڪاري جي ڳالهه جي شروعات سنڌو تهذيب (Indus Civilization) کان ڪئي ويندي آهي. اڄ به پنجابي، پشتو، بلوچي، براهوي سميت مُلڪ ۾ ڳالهائجندڙ ٻولين ۾ سڀني کان وڌيڪ اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپجن ۽ پڙهجن ٿا.

سنڌي ٻولي جو شمار دُنيا جي شاهوڪار ٻولين ۾ ٿئي ٿو، جيڪا ڪمپيوٽر واري دؤر ۾ داخل ٿي چُڪي آهي ۽ انهيءَ ڪانسواءِ انٽرنيٽ ۽ گوگل تي دُنيا جي ڪيترين ئي ٻولين سان سافٽ ويئر ۾ ترجمو ٿئي ٿي. سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ تهذيبي ۽ ثقافتي سرمايو موجود آهي، سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ صدين جو سفر طئي ڪيو آهي ۽ سندن پاڙون به صدين جي تهذيب ۾ کُتل آهن. ”اُها زندهه ٻوليءَ جي وڏي ۾ وڏي خوبي آهي ته اُها نه رڳو پنهنجي ماضيءَ سان سلهاڙيل هوندي آهي، پر پنهنجي دؤر جي صداقتن کي پڻ قبوليندي جديد دؤر جا اثر قبول ڪندي آهي. اُن حوالي سان ڏسنداسين ته سنڌي ٻوليءَ جو جهڙي

ريت ڪالهه پنهنجي سوسائٽيءَ سان گهرو تعلق هو، ساڳي ريت اڄ به پنهنجي دؤر سان اهو سبنڌ قائم ۽ دائم آهي.

(دانش ، 2016ع:101)

سنڌي ادب جو جيڪڏهن اسان تاريخي طور مطالعو ڪنداسين ته معلوم ٿيندو ته لوڪ شاعريءَ جو دؤر، ڪلاسيڪل، نيم ڪلاسيڪل دؤر، عروضي دؤر ۽ جديد دؤر جي ادب ۽ شاعريءَ ۾ اسان کي سنڌي ثقافت جا بيشمار عڪس نظر ايندا، سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جو مطالعو هڪ حوالي سان اصل ۾ سنڌي ثقافت جو ئي مطالعو آهي.

مرڪان شيخڻ جي لاڏن ۽ سهرن، سومرا دؤر جي پڙن، پانن جي شاعري، اسماعيلي، تبليغين جا گنان، سما دؤر جي قاضي قادن، مخدوم نوح، شاهه ڪريم، مغل دؤر جي شاهه لطف الله قادري، ميون عيسو هالائي، احسان فقير لانگاهه، ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دؤر جي شاهه عبداللطيف ڀٽائي سچل سرمست، نانڪ فقير انگريز، دؤر جي خليفي گل محمد هالائي، مير عبدالحسين سانگي، بيدل، بيڪس ۽ جديد دؤر جي شاعري توڙي نثر نگارن جن ۾ سراج، جي ايم سيد، امر جليل، ابراهيم جويو، لڇمڻ ڪومل، هيرو ٺڪر، رئيس ڪريم بخش نظاماڻي، عبدالقادر جوڻيجو سميت سوين وڏا نالا آهن. جن جي ناولن، ڪهاڻين، آتم ڪٿائن، خاڪن ۽ ڪلام مان سنڌي ثقافت، جهلڪيون ڏيندي نظر ايندي. ۽ گڏوگڏ سنڌ جي ڌار ڌار خطن جي ماڻهن جي ريتن، رسمن، رهڻي ڪهڻي، رواجن، مزاجن ۽ قدرن جي به خبر پوندي.

### ثقافت ۽ سماج جو لڳ لاڳاپو:

ثقافت ۽ سماج جو تعلق چولي ۽ دامن وارو آهي، يا ائين ڪٿي چئجي ته گوشت ۽ رت وارو آهي. سماج جو هر سُٺو عمل ثقافت جي دائري ۾ اچي ٿو، ته ڪنهن به سماج جو ڪو ڪُڌو عمل ثقافت جي دائري کان خارج آهي، مثلن خوني جهيڙا، قبائلي تڪرار، ڦرون، ڌاڙا، ڪاروڪاري سميت هر انسان دشمن عمل ثقافتي جي دائري ۾ نٿو اچي. انهيءَ کي ثقافت هرگز نٿو چئي سگهجي. ثقافت سماج کان الڳ نه آهي، انهيءَ سان ئي ڳنڍيل آهي، پر انهيءَ سماج جي تهذيبي ۽ تمدني گڻن کي اسان ثقافت چئي سگهون ٿا.

اسان وٽ ڌاڙيل ڪلچر، ڪلاشنڪوف ڪلچر سميت اهڙا ڪيترائي اصطلاح عام گُفتگو ۾ پڙهيا لکيا ماڻهون به استعمال ڪندا آهن، جيڪي سراسر غلط آهي.

### عورت:

دُنيا جو هر سماج خوبين ۽ خامين سان هلندو رهي ٿو، سُڌريل سماجن ۾

سُٺايون گهٽيون هونديون آهن، خاميون گهٽ، جن جي به اصلاح لاءِ به ادارا جُڙيل آهن. سنڌي سماج ۾ به جتي اوڻايون آهن، اُتي هزارين خوبيون پڻ آهن. جيئن ته انساني معاشرو جنهن کي اسان سماج چئون ٿا، جنهن جا جزو هڪ مرد ۽ هڪ عورت آهي، جتان پوءِ بني انسان وڌيو ويجهيو، قبيلا، قومون ٺهيا، جيڪي مختلف رنگت، شڪل ۽ ٻولين سان دُنيا جي ملڪن ۾ آباد آهن.

اسلامي عقيدي مطابق الله پاڪ پهريان آدم کي پيدا ڪيو، جنهن جو ذڪر قرآن ۾ به آهي ته اسان آدم کي مٽي مان پيدا ڪيو“ اهڙي طرح جڏهن آدم کي بهشت جي جملي عيش عشرت هوندي به ڪيس اُٻاڻڪائي، نراسائي ۽ اڪيلائي جو احساس ٿيو ته الله پاڪ سندس ئي وجود مان عورت (حوا) کي پيد اڪيو. عورت مرد جي وجود جو حصو آهي ۽ بني نوع انسان جي واڌ ويجهه جو سبب آهي.

عورت سماج جو بنيادي ايڪو آهي، جنهن جي ڪري نسلِ آدم وڌي ٿو، گهر، خاندان، پاڙا قبيلا جيڪي گڏجي هڪ قوم ٺاهن ٿا، ايئن اسان جو سماج هڪ عورت جي وسيلي ئي وڌي ويجهي ٿو.

مرداڻي سماج ۾ جتي عورتن جي حق تلفي ٿئي ٿي، اُتي سنڌي سماج ۾ عورتن کي اهميت ڏئي ان جي حيثيت مڃي وئي آهي. ميڙ منٿ قافلي ۾ جتي راڄ جا چڱا وني وڃبا آهن، اُتي سيد، قرآن ۽ نياڻيون به ميڙ ۾ شامل ڪبيون آهن. جيئن اڳليءَ ڏر، ميڙ کي مُهت/موٽ ڏئي. نياڻيءَ کي گهران هٿين خالي نه چڏبو آهي، عيدن براتن تي نياڻين کي خاص طور تي گهرايو ويندو آهي. خوشيءَ جي موقعن مثلن شادين مُرادين ۾ به نياڻين کي اڳواٽ گهرايو ويندو آهي. غميءَ موتيءَ فوتيءَ ۾ تسيتائين ميت کي نه کنيو ويندو، جيستائين پري اوري جي نياڻي پهچي مُنهن ڏِسي. عورت جي حوالي سان مٿيون سموريون سُٺايون اسانجي سماج ۾ هجڻ جي باوجود به ڏنڊ چٽي، خون بها ۾ عورت کي ئي ٻليدان تي ڪيو ويندو آهي. ڪاروڪاري جي الزام ۾ به اول ڪاريءَ کي ماريو ويندو آهي، پوءِ ڪاري ڪان پلئه ونبو آهي، ڳالهين جي باوجود به عورت جو هڪڙو اهم مقام، مرتبو آهي. مرداڻي سماج هجڻ جي باوجود به عورت گهر ڌياڻي آهي، گهر جو ڪاروهنوار سندس هٿ ۾ آهي، گهر جي فيصلن ۾ به سندس راءِ کي اهميت ڏِني ويندي آهي. گهر ۽ ملڪيت ۾ به سندس حِصو تسليم ڪيل آهي.

## سنڌي سماج:

سنڌي سماج هڪ ئي وقت ٽن مختلف دورن مان گُذري رهيو آهي.

1. زرعي سماج

2. جاگيرداري سماج
3. سرمائيداري سماج

## زرعي سماج:

زرعي سماج ۾ ماڻهو اڪثر مالوند آهن، جن جو گذران مال تي آهي، جن ۾ رڍون، ٻڪريون، مينهون، ڏڳيون وغيره اچي وڃن ٿيون. انهيءَ ڪانسواءِ پنهنجا ٻنيءَ جا پنج ٻارا اٽن جن ڪي ڪيڙي هو ڪائن ٿا. يا وري ننڍن زميندارن جي زمين هارپي تي ڪندا آهن، پر اُهي اڪثر ٻڻ بيگر ڪان پري غلامانه سوچ ڪان آزاد هوندا آهن. ننڍا ننڍا ڪاروبار، دوڪان وغيره هلائيندا آهن، پنهنجن ٻارن ڪي پڙهائڻ تي توجهه ڏيندا آهن. وچٽري زندگي گذاريندا آهن، پنهنجي مڇيءَ مانيءَ وارا هوندا آهن يا ٿي ويندا آهن.

## جاگيرداري سماج:

جاگيرداري سماج جي پاڇي ۾ رهندڙ ماڻهن جي زندگي انتهائي ڪسمپرسي واري حالت ۾ گذرندي آهي. جاگيرداري ڪٽنبن جا ڪٽنب پنهنجي جاگيرن ۾ ڪئمپ طور رکندا آهن، اُنهن ڪي اڳواٽ قرض ڏئي قرضي ڪري ڪائنن هارپو ۽ مزدوري ورتي ويندي آهي، اُنهن جي زندگي غلامي واري گُذرندي آهي، جتي سندن ڪنهن به بنيادي حق ڪي به تسليم ناهي ڪيو ويندو، خوشين جا موقعا به غمين جو ڏيک ڏيندا آهن، ڀٽائي چواٽيءَ:

جا عمر تو عيد، سا اسان سوءِ ورتي سومرا،
وئي ويچارن وِسري خوشي ۽ خريد،
سڪڻ ڪيا شهيد، مارو مِٺ ملير جا.

(آڏواٽي، 1997: 298)

جاگيرداري ، وڏيرڪي ۽ سرمائيداري نظام بابت جامي چانڊيو لکي ٿو ته" جاگيرداري ۽ وڏيرڪي نظام ڪان سرمائيداريءَ طرف ويندڙ سماج ۾ هڪ طرف ٻهراڙيون ٽٽنديون آهن، ٻئي طرف شهر جڙندا آهن، ائين اها تبديلي سڄي سماجي ڍانچي ۾ بنيادي تبديليون آٽي چڏيندي آهيءِ سماج ڪي طرقيءِ جا نوا بنياد فراهم ڪندي آهي" (چانڊيو ، 2017: 74 )

سنڌي سماج ۾ به جتي وڏيرڪي ۽ جاگيرداري نظام ۾ ٽوڙ ڦوڙ آئي ، ٻهراڙيءِ ڪان شهرن ڏي ماڻهن جي لڏ پلاڻ ٿي آهي، انهن پنهنجا گذر معاش جا

ذريعا ڳولي ورتا آهن، اتي سنڌي ريتن رسمن ۽ قدرن کي هاڪاري ڏک رسيو آهي. ڇو ته سنڌ جي شهري توڙي ٻهراڙي جي ريتن، روايتن، ثقافتي طور طريقن ۾ بنيادي طور تي وڏو فرق آهي.

سرمائيداري سماج:

سرمائيداري سماج ۾ اڪثر وڏن شهرن ۾ جن وٽ سرمايو آهي، اُهي وڏيون وڏيون مِلون/فيڪٽريون هڻن ٿا. اُتي مزدور طبقو مزدوري ڪري ٿو، جن کي مهيني جي پگهار يا ڏهاڙي جي حساب سان مزدوري ڏِني وڃي ٿي، سندن زندگيءَ جو ڪاروهنوار ۽ سوچ هڪ سرمايي رکڻ واري وٽ قيد آهي، سندن زندگي ”آٽين ۽ چاڙهين“ واري آهي. اُنهن جي زندگي گُذارڻ جو طريقو (Life Style) بنهه مختلف آهي. ”سرمائيداريءَ جو نظريو جيئن پنهنجي نالي ۾ ظاهر آهي ته هر قيمت تي گڏ ڪيل”سرمائي“ کي ئي سماج جو اصل محرڪ سمجهي ٿو ۽ فرد يا سماج يا سماجي انصاف کي ان آڏو ثانوي حيثيت ڏئي ٿو، ٻئي طرف مارڪسي معاشي نظريو سرمائي کي نه پر پورهيت (مزدور) طبقي کي تاريخ جي محرڪ قوت ۽ سرمائي جو خالق سمجهي ٿو، اُها ٻي ڳالهه آهي ته واڌو قدر ذريعي پورهيت طبقي جو پيدا ڪيل سرمايو سندن حياتين ۾ تبديلي آڻڻ بدران سرمائيدارن جي پيٽ ۾ وڃي ٿو.“

(چانڊيو، 2017: 24)

جتي دنيا جي ملڪن ۾ طبقاتي نظام موجود آهي اتي مجموعي طورتي سنڌي سماج به ٽن طبقن ۾ ورهايل آهي.

مٿيون طبقو

وچولو طبقو

هيٺيون طبقو

مٿيون طبقو پنهنجي دولت جي نشي ۾ مست آهي، ان جو دين ڌرم، ملڪ و ملت سڀ ڪجهه پئسو آهي، انفرادي مفادن کي ترجيح ڏيندڙ، عيش عشرت ۾ زندگي گذاريندڙ، ٻولي، ثقافت ادب کان اڻ واقف، سنڌي جي بنيادي مسئلن تي عدم دلچسپي، قوم سان لاڳاپيل اهم، بنيادي ۽ جياپي وارا مسئلا به سندس اڳيان اهميت جوڳا نه هوندا آهن.

وچولو طبقو عدم سلامتيءَ جو شڪار آهي، وڏيرڪي ۽ سرمائينداري نظام ۾ گهريل آهي، سياسي توڙي معاشي حوالي سان ڪيس ڪو جاءِ ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي. وطن، قوم، ٻولي، ثقافت، ادب جي واڌ ويجهه ۽ بچاءَ جو درد به سندس مٿي ۾ آهي. ٻولي، تهذيب ۽ تمدن جو فڪر به سندس ٻلي آهي، معاشرتي

مسئلن جي باوجود به سندس لڳ لاڳاپو پنهنجي قوم سان زميوارانه هوندو آهي.

هيٺيون طبقو: سنڌي سماج جو هيٺيون طبقو اڪثر ڳوٺن ۾ رهي ٿو يا شهرن جي ڪچي آبادين ۾ جتي سندن رهڻ سهن، زندگيءَ گذارڻ جا طوريقا، انتهائي سادا ۽ رهم جوڳا هونداآهن."آٽين ۽ چاڙهين" واري چواڻي جيان سندن گذر انتهائي سادو آهي. انهن جو انهيءَ ڳالهه سان پري پري تائين به تعلق نه آهي ته قوم چا آهي، ٻولي چا آهي، ثقافت چاآهي ، اهڙا لفظ انهن لاءِ اوپرا آهن، هو پنهنجي بسر اوقات ۾ گم آهن.

سنڌ جي مختلف خطن مثلن ڪاڇي، ڪوهستان، ٿر، لاڙ، وچولي، اُتر جي ماڻهن جي زندگي گُذارڻ ۽ گذران جا طور طريقا الڳ الڳ آهن. ته سمورن علائقن جي ماڻهن جون غميون، خوشيون، ريتون، رسمون، رواج، اُٿڻي ويهڻي، پوشاڪون، ٻوليءَ جا لهجا، وڏڙن جو روايتون، آثار قديمه، دڙا، جبل، واريءَ جون پٽون، درگاهون، درگاهن تي ٿيندڙ ميلا، ملاکڙا، غمين جا اوسارا، پار, خوشين جا سهرا لاڏا، شاعري ادب، سيئي مختلف سهڻن گُلن جي مثل آهن. جيڪي هڪ گُلدستي ۾ رکيل آهن، جنهن گُلدستي کي سنڌ جي ثقافت سڏجي ٿو. چاڪاڻ ته ثقافت ۽ سماج جو لاڳاپو ازلي ۽ ابدي آهي.

## حوالا


1. سوڍر شاهنواز، ڊاڪٽر،1991: "سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف" ڇاپو پهريون، شاهه عبداللطيف، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه.
2. فيروز الغات،1962: فارسي اردو، فيروز اينڊ سنز لاهور .
3. العجم العظم،1949: عربي اردو لغات ڇاپو پهريون، اداره معارف اسلاميه حيدرآباد دڪن.
4. حسين، فهميده، 2010: انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا پ. ث جلد ڀيو، سنڌي لينگوئيج اٿارٽي حيدرآباد.
5. بخاري امير، 1994:"تهذيب ۽ ثقافت جو فرق" ترتيب، ماهوار ڪينجهر، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد.
6. چنا ڪريم بخش،2011: "تمدن جي ماهيت" (سنڌي لازمي ٻارهين درسي ڪلاس لاءِ) سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ڄامشورو.
7. اردو انسائيڪلوپيڊيا،1968: نئون ايڊيشن، فيروز اينڊ سنز لاهور .
8. سيد جي ايم، 2001:"سنڌي ڪلچر" ڇاپو ٽيون، جي.ايم سيد اڪيڊمي سن.

9. بخاري امير،1994: ”تهذيب ۽ ثقافت جو فرق“ ترتيب، ماهوار ڪينجهر، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد .
10. الانا غلام علي، 1989: مهاڳ ”سنڌ جا زيور“ ليکڪ محمد سومار شيخ، ڇاپو پهريون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، ڄامشورو.
11. آگرو غلام رباني، 2011:”سنڌي ڪلچر“، ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ.
12. اياز شيخ،1999: ”خط انٽرويو، تقريرو“ ڀاڱو پهريون، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد.
13. سيد جي. ايم،2001: ”سنڌي ڪلچر“ ڇاپو ٽيون، جي.ايم سيد اڪيڊمي سن.
14. جتوئي علي نواز،1996: ”علم السان ۽ سنڌي زبان“ انسٽيٽوٽ آف سنڌيالاجي.
15. دانش احسان، 2016:”شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج“، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومتِ سنڌ.
16. آڏواڻي ڪلياڻ 1997: مرتب شاهه جو رسالو، روشني پبليڪشن ڪنديارو .
17. چانڊيو جامي،2017: سنڌي سماج“ پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرز .

## باب پنجون

# سنڌي عوامي شاعريءَ ۾ ثقافت جي عڪاسي

ڪلاسيڪل دؤر جي عوامي شاعري:

هر دؤر جي شاعري پنهنجي دؤر جي ترجمان هوندي آهي، انهيءَ سان گڏوگڏ عوامي پڻ هوندي آهي. ڇو ته شاعر جنهن ٻوليءَ ۾ شاعري ڪري ٿو، اُها عوامي جذبن، احساسن ۽ خيالن جي اظهار جو ئي ذريعو رهندي آئي آهي. البته ڪڏهن ڪڏهن شاعر پنهنجي ٻوليءَ کي شاعراڻو، يا انتهائي تخليقي درجي تي ڪٺي ويندو آهي، جيڪو عام اظهار کان مٿاهون ۽ غير روايتي يا ڪڏهن ڪڏهن غير عوامي پڻ محسوس ٿيندي آهي. ساڳيءَ ريت هو ڪڏهن زندگي، فطرت ۽ سماج جونساديون سمجهاڻيون، احساساتي ڳالهيون پيش ڪندو آهي ته، ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي شاعريءَ ۾ فلسفياڻا نُڪتا، دقيق خيال، ڳوڙهيون سمجهاڻيون بيان ڪندو آهي، جيڪي عام جي سمجهه کان مٿاهون هونديون آهن، نه ته اڪثر شاعريءَ ۾ عام انداز ۽ عام ٻولي استعمال ڪئي ويندي آهي.

ڪلاسيڪل سنڌي شاعري به پنهنجي دؤر جي عام جي زبان هئي، انهيءَ ڪري ماڻهن جي اڪثريت کي سولائيءَ سان سمجهه ۾ اچي ويندي هئي. ائين ئي ان دؤر جون ريتون رسمون ۽ ثقافت ڪلاسيڪل شاعريءَ جي دنيا جوڙين ٿا.

ڪلاسيڪل شاعريءَ کان اڳ سومرن جي دؤر ۾ پڻ پانن جي شاعريءَ ۾عواميت ملندي،. دودي ۽ چنيسر جي پڳ تي لِکيل شاعريءَ مان مثال:

پيءُ پڄاڻان پاڳڙي، دودا پانءِ ۾ راند،<br>
راڇ نه ڏجن، مڱيا، مڱيا ڏجن ڏاند،<br>
پائي ڳچيءَ پاند، دودل تن مڃائيو.

(پاڳڙي- پڳ، راند، راڄ، ڏاند، ڳچيءَ پاند)<br>
(جوٽيجو ، 1994: 43)

ان کان پوءِ چنيسر گهر وڃي ٿو ته ماءُ ڪيس هن ٻوليءَ ۾ مِهڻو ٿي ڏئي:

مون ڄڻيو مانءِ پُٽ ڪري، تون ٿي پئين ڌيءُ،<br>
ويهي آٽڻ وچ ۾، پانڌيون ڪتج ٿيهه.

صلاح اٿئي هيءَ، ته گهر ويهي
ڳالهيون ڪرين.

(جوڻيجو، 1994: 44)

(پٽ، ڏيءَ، پانڌيون، ڪتڻ، ٽيهه)

زال چويس ٿي:

چاچي چڱو ٿي چئين، مڙس منهنجي ڪي،
اڳي هُيونسين به ڄٽيون، هاڻي ٽيونسين ٿي،
مرگهر جو ڪم ڪري، هي ڇا ڄاڻي راڄ مان.

(اجواڻي، 2007: 44)

(چاچي، مڙس، به ٽي، گهرو ڪم، راڄ)

دائي/پالڻ واريءَ به ڪيس هن انداز ۾ طعنو ڏنو:

دماما ڪر دانگيون، پالا پيچي ٻار،
گهوڙ، ٻيڙا وڪٽي، ڏڻ ريڍن جو ڏار،
سائو لَڪڻ هٿَ ۾، گهڏندو گهيٽا چار،
ٻي ڪهڙي ڪندي ڪار، تون ڇا ڄاڻين راڄ مان.

(جوڻيجو، 1994ع-44)

(دماما، پالا، گهوڙا، ٻيڙا (جنگي اوزار ۽ وهٽ)، دانگيون (ماني پچائڻ لاءِ)، ريڍون، گهيٽا (گهرو مال)

مٿان سمورا شعر يا انهيءَ کان سواءِ رزميه شاعري (پڻن پانن جي چيل) عوامي شاعريءَ جا ئي نمونا آهن. ٻولي ۽ انداز بيان به نج عوامي آهي. اسحاق آهنگر جو به هڪ شعر مثال طور پيش ڪجي ٿو:

هجان مان جهرڪ، ويهان پرينءَ
جي ڇڄ تي
من چون ڏُرڪ، ٻولي ٻاجهاريءَ
سين

(جوڻيجو، 1994: 50)

(جهرڪ، (پکي،) ڇڄ (ٿانءُ)ڊرڪ، جهرڪ کي اُٿارڻ لاءِ ڪڍيل آواز)

ٻهراڙيءَ ۾ اڄ به ڇڄ تي چانور چونڊيا ويندا آهن. هڪ عاشق جي اندر ۾ ويٺل خوبصورت خيال جي ترجماني آهي.

مٿيان مثال ثابت ڪن ٿا ته، سنڌ جي لوڪ، رومانوي توڙي رزميه شاعريءَ جي اڪثريتي لُغت، ٻولي، منظرڪشي، جيوت، موضوع ۽ لهجو سڀ عوام جي زندگيءَ مان ورتل آهي، ان ڪري ئي صدين کان وٽي عام ماڻهو ان کي پنهنجي جذبي جو حقيقي ترجمان تصور ڪري ٿو. ان کان پوءِ ڪلاسيڪل شاعريءَ جو زمانو شروع ٿئي ٿو. ڪلاسيڪل سنڌي شاعري ته قاضي قادن کان شروع ٿئي ٿي، ان ڪري ان جي ڪلام کان ئي ابتدا ڪجي ٿي.

**قاضي قادن:** قاضي قادن سمن جي دؤر جو اهم شاعر آهي. هو سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو مهندار شاعر آهي، جنهن جو وڏ ۾ وڏ ڪلام هٿ آيو آهي. سندس شاعريءَ ۾ اسان کي جوڳيءَ جو لفظ، مَندي ماڪوڙي جو اُپ ڪڇڻ سميت ڪيترائي اصطلاح ملن ٿا. هُو ڳوڙهن خيالن کي به عام جي ٻوليءَ ۾ بيان ٿو ڪري:.

ڪنز قدوري قافيه، پڑهين پروڙين سڀ،
ته مَندي ماڪوڙي کوهه ۾، پئي ڪچي اُپُ.

(جوٽيجو، 1994: 69)

قاضي قادن سنڌ جي ريتن رسمن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ شامل ڪيو، ان کان سواءِ هن ”هنجهه ۽ ٻاٻيهي“ جهڙن پکين جا گيت ڳاتا. هن پنهنجي ڪلام ۾ مختلف موضوع جهڙوڪ: واڍوڙيل ۽ ويڇ، سورهيه، رُڪ وهندي، راند، ترهو ۽ تار، ٻيڙا ۽ سمنڊ، سونهان ۽ مُعلم، ٻٺ ۽ باهه، لڱو، مڱڻو، سخا، سسئيءَ جو پنهون لاءِ پنڌ، ليلا جي چنيسر کي منٿ، گهاتو پائرن کي سندن پيءُ جي نصيحت، انهن مڙني تمثيلن ۽ تلميحن کي بيتن ۾ ڪم آندو.“

(شاد، 2017: 34)

سي ئي سيل ٿيام، پڑهيام جي پاڻ لاءِ،
اکر اڳيان اُيري واڳون ٿي وريام.

(گبول، 2017: 20)

”سيل“ لفظ ٻهراڙيءَ ۾ تيز ڪنڍي/ٻاٻري ڪنڊي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، جيڪو نِج سنڌي لفظ آهي ۽ اڪرن کي واڳونءَ سان تشبيهه ڏيڻ.

رب سڃاڻڻ سُترو، پاڻ سڃاڻڻ ڏک،
تان تان ڪج مَ سُک، جان جان پسين نه پاڻ ڪي.

(شاد، 2017: 36)

”سٽرو“ عام سنڌي لفظ آهي، جيڪو اڄ تائين استعمال ڪيو ويندو آهي. سٽرو معنيٰ: سولو، ”چوڻ سٽرو آهي، ڪرڻ ڏُکيو آهي.“

**شاهه عبدالڪريم:** شاهه عبدالڪريم جي شاعريءَ ۾ اسان کي جمالياتي ۽ تخليقي اسلوب ۾ عوامي اظهار ملي ٿو. جنهن سنڌ جي قِصن ۽ داستانن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيو. شاهه ڪريم عام ۽ سولي انداز ۾ آسپاس وارين شين جا مثال ڏيئي، نهايت سليس انداز ۾ صوفيانه نُڪتا بيان ڪري ٿو ۽ عام ماڻهن ۾ معرفت خداونديءَ جو شعور جاڳائي ٿو. توڙي جو سندس شاعريءَ جا موضوع تصوف، الاهي اسرارن جو ظهور آهي، پر تصوف جي دقيق نُڪتن کي عام فهم ٻوليءَ ۾ تشبيهن ۽ استعارن ذريعي حق جي حاصلات لاءِ آماده ڪري ٿو. شاهه ڪريم پنهنجي شاعريءَ ۾ تون موضوعن ۽ عام ٻوليءَ جو استعمال ڪري عوام کي شاعريءَ جي قريب آندو ۽ شاعريءَ ۾ وسعت آندي. اِهوئي سبب آهي جو کيس سنڌي شاعريءَ جو ”وهائو تارو“ ۽ سنڌ جو چاسر سڏيو ويو آهي.

شاهه ڪريم پنهنجي شاعريءَ ۾ نيم عشقيه داستانن ذريعي تصوف جا نُڪتا، روحاني رمزون ۽ راز بيان ڪري ٿو. شاهه ڪريم، عام ماڻهوءَ جي ڪرت ۽ ڪاروهنوار جو به ذڪر ڪري ٿو. انهيءَ مان ئي مثال، تشبيهون ڪٽي عام ٻوليءَ ۾ عام جي اڳيان رکي ٿو. جنهن جي ڪري سندس شاعري عام ۾ مقبوليت ماڻي.

ڀهراڙيءَ ۾ جَرُ مِٺو نه هئڻ ڪري، پري ڪنهن تڙ يا کوهه تان مايون گڏجي پاٽي پريندڀون آهن، ڪن کي دلا/گهڙا ڪڇ تي، ڪِن کي مٿي تي هوندا آهن. تلائن يا دِندن ۾ پڪي پاٽيءَ ۾ پيا ترندا، تڙڳندا آهن شاهه ڪريم جو پنهنجي محبوب لاءِ چيو:

پاٽياري، سرڀهڙو، جَرَ تي پڪي
جيئن،
اسان سڄڻ تيئن رهيو آهي روح
۾.

(ميمڻ، 1976: 86)

پٽائيءَ کي به مٿيون تشبيهون اهڙيون وٽيون جو پاڻ متاثر ٿي لِکيائين ته:

ڪاتب لِکيو جيئن، لايو لام الف
سين،
اسان سڄڻ تيئن رهيو آهي روح
۾.

(قاضي، 1993: 48)

شاهه ڪريم جي شاعريءَ جو اهڙو ته عوامي انداز آهي، جو سندس ڪجهه بيتن جا چرڻ/پد يا پوري سِٽ ڪٿي ته ٻن سِٽن جو پورو بيت چوڻي ۽ پهاڪي طور تي اڄ تائين استعمال ٿيندو رهي ٿو.

نينهُن نياپي نه ٿئي، سَڏين سيڻَ نه هوُءِ

*

مٺ پيڙيائي پلي، جي اپٽي ته واءُ،
جي پٽر ٿئي ڳالهڙي، ته چڏي وجي ساءُ.

(ميمڻ، 1976: 61)

جي پچٽا سي نه مُنجهٽا، جي پُڇن سي وير (شاهه ڪريم)

*

پاٽيءَ مَٿي جهوُپڙا، موُرَڪَ اُڃَ مَرَنِ . (شاهه ڪريم)

*

مورڪ مور نه ٻجهٽا هيڏانهن هوڏانهن ڪن،
ڪٽر جن اکين ۾ سي ڪيئن پرين پسن.

(ميمڻ، 1976: 102)

**شاهه لطف الله قادري:** شاهه لطف الله قادري سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن ۾ منفرد مقادم رکي ٿو. وڏي پائي جو عالم ۽ عربي فارسيءَ جو استاد هو. جنهن تصوف جا باريڪ بين نُڪتا ۽ ڏُکيا خيال پيش ڪيا. ”منهاج المعفرت“ سندس فارسيءَ جي تصنيف آهي، جيڪو نِج علمي ڪتاب آهي. جنهن ۾ معرفت جا راز پيش ڪيل آهن. ”تحفة السالڪين“ سندس ڪتاب طريقت جي راهه تي هلندڙ پانڌيئڙن لاءِ لِکيل آهي. انهيءَ ڪان سواءِ سنڌي رسالو وڏي شوق سان عام ماڻهن لاءِ لِکيائين.

ڪوڏان ڪيم رسالو، اي فقير جوڙي بيتن،
ته هوءِ سنڌي وائي سهلو، ٻجهڻ ابوجهن،

پانهنجي ٻولي ڪري، سگهائين
سڪن،
لطف الله چئي پيا، ور سڪن ۾
پڙهن.

(بلوچ،1968: 12)

شاهه لطف الله جتي ٻن ڪان متي ٽن چئن ڪان آئن ڏهن سٽن جي بيتن جو بنياد وِجهندڙ آهي. اتي بيتن ۾ وراٽي وارو انداز به پاڻ اپنايائين. سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جا اڪثر موضوع تصوف ۽ معرفت الاهي ئي آهن، پر عام کي سمجهائڻ لاءِ عام رواج ۾ هلندڙ ٻوليءَ جو ئي سهارو ورتو ويو. لطف الله قادري، شاعريءَ ۾ عام ٻولي استعمال ڪئي آهي، پر عربي فارسيءَ جي عالم هجڻ ڪري ڪٿي ڏُکي ٻولي استعمال ڪئي اٿائين، پر ان جي باوجود انداز عام اٿس ۽ شاعريءَ ۾ آسپاس جو ماحول شاعريءَ جا ڪردار عام ماحول مان کنيا آهن. ان ڪان سواءِ روزمره جي استعمال وارين شين جو تذڪرو به سندس شاعريءَ ۾ ملي ٿو.

مئي متي مهراڻ ۾، جي وجي
پاڻ وجهن،
نه سي اوري نه پري اوءِ اندر
وهه وجن.
(متل مهراڻ- اوري پري- واهه)

(بلوچ،1968: 19)

حُسن حبيبن جو، جنين ڏِٺو ماءِ،
تنهين منجهان ڪاءِ، سُک نه سُتي
ڪڏهين.
(حسن- حبيب، ماءُ سهڻ)

(بلوچ،1968: 48)

ڪنين متي چٽ مندِيا، ڪي مورڇل
وارين،
ڪي پايو دونهون اُتر سامهون، ويٺا
پاڻ پچائين.
(چٽ، مورڇل، دونهون، اُتر، پچائڻ)

(بلوچ،1968: 95)

جنهن پنڌ نهايت ناهه ڪا، نڪو انت
نه چيهه،

سي کروڙين ڏسي کنبيا، ڏوران
ڏاڍو ڏيهه.
(پنڊ، انت، ڇيهه، ڪروڙين، کنبڻ، ڏيهه)
(بلوچ، 1968: 102)

شاهه لطف الله جي شاعريءَ ۾ سامونڊي ناڪئن جو ذڪر ملي ٿو، جن جي حق جي راهه ۾ هلندڙ طالبن سان ڀيٽ ڪري ٿو. انهيءَ کان سواءِ سڪ سان سُمهڻ، اُتر سامهون، حسن حبيب جو، مئي متي مهراڻ، نڪو انت نه ڇيهه، کنبڻ، ڏيهه، ڇٽ، مورچل سميت آسپاس جي ماحول مان ڪيترين ئي شين جو ذڪر ڪري ٿو.

**ميون شاهه عنايت رضوي:** شاهه عنايت رضوي سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو اهو پهريون شاعر آهي، جنهن لاءِ شاعري موضوع بڻي. ان کان پهريان موضوع تصوف، راهه حق جي طلب هُئا ۽ ذريعو شاعري هُئي. شاهه عنايت وٽ فن ۽ فڪر ججهي انداز ۾ ملي ٿو. سندس موضوع حسن، مجاز، حقيقي عشق، بزرگن جي عقيدتمنديءَ سان گڏوگڏ سنڌ جا نيم عشقيه داستان، جن کي نئين انداز ۾ مفصل نموني لِکيو آهي. ٿر جي ماڻهن جي ذڪر سان گڏ سُرن وارو رسالو لِکي، هڪ نئين روايت جو بنياد وڌو. شاعريءَ ۾ نوان نوان موضوع بيان ڪيا. مجازي حسن جو کُلم کُلا اظهار، سنڌ جي توڙي ٻاهرين بزرگن سان عقيدت جو اظهار جيڪو به نِج سنڌي مزاج وٽان آهي. سنڌي شاعريءَ جي صنف وائيءَ جو موجد آهي. سنڌ جي سخي مردن مثلن: ابڙي، جکري کي ساراهي نئين راويت قائم ڪئي.

شاهه عنايت، سنڌ جي معاشي ۽ سماجي حالتن جي عڪاسي سادي ٻوليءَ ۾ ڪئي. عام ماڻهن جي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني، عام ٻوليءَ ۾ ڪئي، سنڌ جي ريتن رسمن جو ذڪر، سنڌ جي ڀراڙيءَ جو ماحول، ماحول مان ڪنيل ڪردار، عام واهپي جون شيون، انهن جو بيان، عام ٻوليءَ ۾ ڪري عام ماڻهن جي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪئي اٿائين. سنڌ جي هر شيءِ کي جمالياتي انداز ۾ ڪنيو اٿس.

چرخو ائين چور، جيئن پونءِ پٽڪو نه سُٽي.
(چرخو، چورڻ، پونءِ، پُٽڪو) سنڌي لفظ آهن).
(عباس، 2019: 119)

تارا او تارا، وليون وڇاٽو
پرينءَ جو،

سي ئي گهر آئيا، جي جيءَ جا جيارا،
پسيو پيارا، اکين آسون پنيون.
(تارا، اوتارا، وليون، وچاٽو، اکين آسون)

(عباس، 2019: 19)

انهيءَ کان سواءِ ڪانگ جي چانگ، جڏو جيءُ، پرت پچار، سير، لنگهو ۽ اوگڻ، پائي پانڌ، ماٺهو ميرا ڪپڙا، ڪٽي ڪنپ ڪٽي ويا، سميت ڪيترائي لفظ ۽ لفظي ترڪيبون آهن، جن ۾ سنڌ جي ماحول جي عڪاسي، ڏنڌي/ڪرت جو ذڪر ۽ ثقافتي اهڃاڻ ملن ٿا. شاهه عنايت ۽ لطيف جي ٻوليءَ ۾ هڪجهڙائي آهي، جو ٻئي پاڻ ۾ همعصر آهن. ملاقاتون به ٿيون، شاهه عنايت عمر جو وڏو هئو، لطيف ننڍو هو. هڪٻئي ڪي شاعري ٻُڌايائون، هڪٻئي ڪان متاثر به ٿيا.

شاهه عنايت جو واهپو عام ماڻهن سان هو ۽ سندس اُٿڻ ويهڻ مريد خادم به عام ماڻهو هئا، انهيءَ ڪري عام ماڻهن جي جذبن ۽ احساسن جي اظهار لاءِ ٻولي به عام استعمال ڪيائين. پروفيسر سروپ چندر شاد لِکي ٿو ته، ”سندس شاعريءَ جي ٻولي سادي، سلوڻي ۽ عام فهم آهي، جنهن ڪي ڪمال ڪاريگريءَ سان پيش ڪيو ويو آهي. انهيءَ ۾ مجازي حسن ڪي سُريلي ۽ رسليي انداز ۾ ساراهيو ويو آهي. انهيءَ ۾ استعمال ڪيل لُغت جي ڳوڙهائي، حوصله مندي ۽ حيران ڪُن آهي ۽ انهيءَ ۾ اعليٰ درجي جي رنگيني ۽ رواني پريل آهي.“ (شاد، 2017ع-132)

نُوريءَ جي سُونهن، مهاڻن جو ماحول، ڪينجهر جو منظر، تماچيءَ جو نوريءَ مٺان اور گهور وڃڻ، سماجي ماحول جي عڪاسي ۽ ثقافتي اهڃاڻن جي نشاندهي آهي.

جهڙي سُونهن سندياس، تهڙو ڪينجهر ۾ ڪين ٻيو،
طول تنهنجي سين، راڻيون اچن نه راس،
مورچل مٿانس، اپو تماچي هٽي.
(ڪينجهر، راڻيون، تماچي، مورچل)

(عباس، 2019: 167)

سسئي پنهونءَ لاءِ چا ته انداز آپنايو اٿس. نياز نوڙت جي انتها آهي.

زر خريد جتن جي، هي گولي بندي آهه،

آ جيئڻ عنات چئي، هٿ آريائي آهي.
سو مون سڏ سهاءِ، جيئن ٻانهي
ڪوئين ٻاجهه سين.
(زر خريد، جت، گولي، آريائي، سڏ، ٻانهي، ڪوئين)

(عباس، 2019: 135)

مومل ۽ مومل جي سهيلين جي سُونهن ۽ سينگار جو ذڪر، ارم اوڍڻ، واسينگ وارن ڪي تيل ڦليل هٽي ويڙهڻ، لڱن ڪي مُشڪ به محبت سان لائڻ، موتين ۽ ڪوڏن جا هار پائڻ. خوبصورتي جو منظر جن مان حُسن جون جهلڪيون پيون نظر اچن، ان وقت جي ماحول جي عڪاسي ۽ ثقافتي جهلڪيون نمايان ٿين ٿيون.

گُلبدن جون گجريون، ارم اوڍيائون،
چوٽا تيل ڦُليل سين، واسينگ ويڙهيائون،
مُشڪ محبت پاڻ ۾، لڱين لايائون،
ڪوڏان پوتائون ڪچٽا، سيلا سنڌيائون،
اهڙي پر عنات چئي، راٽو رانيائون،
سو موٽي ڪيئن پاهون، جو وجي ڪيچ قراريو.

(عباس، 2019: 124)

**شاهه عبداللطيف ڀٽائي:** شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌي ڪلاسيڪل دؤر جو عوامي ۽ سنڌ جي ريتن رسمن جو اهو امين شاعر آهي، جيڪو ايڏي عرصي گُذرڻ کان پوءِ به ڏينهون ڏينهن عام ۾ مقبول آهي. شاهه پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌي سماج جي عڪاسي ڪئي آهي. سنڌ جي ثقافت جو پندار آهي. ريتن، رسمن ۽ رواجن جو پاسدار شاعر آهي. پنهنجن جي پريت، حب الوطني، ڌرتيءَ جي هر شيءِ سان پيار جو پاسدار آهي. سنڌ جي عام ماڻهن جي ڪرت ۽ ڌنڌن بابت نه رڳو تفصيل سان لِکيو اٿس، پر انهن کي ساراهيو به اٿس. ڪندن، ڪرڙن، لاٽن، ليارن، گُل ڦلن جو ذڪر به وڏي پيار ۽ پاٻوهه سان ڪيو اٿس. هنرمندن جي هُنر بابت نه رڳو تفصيل سان لِکيو اٿس، پر غور سان مشاهدو ڪري انهن جي اوزارن جا نالا به شاعريءَ ۾ بيان ڪيا اٿس. مثلاً: لوهر لاءِ سنداڻ، مُترڪو، وڌاڻ، ڌنوٽي وغيره.

هاريءَ لاءِ هر، ٻج، پوک، ڏاند، ڇيڙ، ڪت، ناري، ڪانڀو، ڪٽا، ڊنگهر وغيره.

پکين جي ذڪر ۾ ڪونج، ڪبوتر، ڪانگ، ڪانيرو، چپ، ڳجهه، باز، گُرڙ وغيره.

جانور ۾ روجهه، هرڻ، اُٺ، وڇڙو، گهوڙو، هاٿي، سيارڙو (گدڙ) وغيره.

ڪُتي لاءِ موتي، سگبان، پونچو، اُلير، گلر، جنبور، شڪاري، چوهڙو، ڏاڪاريو وغيره نالا ڪم آندا اٿائين.

اُٺ لاءِ ڏاگهو، ميو، توڏو، تونرو، چانگو وغيره.

پورهيت ئي سندس شاعريءَ جا ڪردار آهن، جن ۾ واڍو، لوهر، ڊکڻ، ڪوري، موچي، پاٽڻي، ناڪئو، گهاتو، ناٺارو، ڪُنڀر، مڱڻهار، ساتي، ڪٽي، مهاڻو وغيره.

پورهيت طبقي سان پيار ڪرڻ ڪري ئي عام جو شاعر آهي. شاهه جي شاعريءَ جون سورميون، پورهيت، جدوجهد ڪندڙ، عشق ۽ اڳيريون، سهڻي، مارئي، سسئي، ليلا، سورٺ، مومل ۽ نوري آهن، جن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڳائي امر ڪري ڇڏيو اٿس.

لطيف سائين ڪلاسيڪل دؤر جو اهو عوامي شاعر آهي، جنهن عام ۾ غلط اُچار ۾ اُچاريل لفظ به پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيا. مثلاً: دوست کي دوش، رواجي کي روازي، جهاز کي جهاج، ڦرنگي کي ڦلنگي بغير کي بگير/بگر.

ڪونهي ڪميٽيءَ جو بگر تو
بلو،
تنهنجو نانءُ نلو، وٺيون ويٺي
آهيان.

(قاضي ، 1993: 652)

شيخ اياز لکي ٿو ته، ”هن (پٽائي) وٽ رچي راس ٿيل ٻولي آهي، جنهن ۾ قديم زماني جو پڙاڏو ٻُڌجي ٿو. هن جي هر لفظ کي هڪ روح آهي، جيڪو صدين کان لاڳيتي ارتقا مان لنگهيو آهي. هن ثابت ڪري ڏيکاريو ته عوامي ٻوليءَ جو ڪوبه لفظ ڳرو نه ٿيندو آهي. ظاهريءَ طرح ڳري يا ڏُکي لفظ تي دمِ عيسيٰ ڦوڪارڻ ڏاڍو ڏُکيو ڪم آهي، پر ان کان سواءِ شاعري پيغمبريءَ جي هام به نه ٿي هڻي سگهي. شاهه صاحب جي ڳوناٽي ٻوليءَ جي هر لفظ کي جبرائيل جا پَرَ ڏئي ڇڏيا آهن، هن ان ٻوليءَ کي جادوئي ترنم سان به نوازيو آهي، اهڙو ترنم جو ڪنهن ڳائڻي يا ساز نواز جي فني احسان جو محتاج نه آهي.“

(شيخ اياز،1999: 324)

پٽائيءَ جو سنئون سڌو تعلق عوام سان هو، انهيءَ عام جا اهنج، آزار ۽ پيار پنهنجا سمجهي ڪين شاعريءَ ۾ جاءِ ڏني. سنڌي سماج جو ڳوڙهائي سان

مطالعو ڪيائين. ساموندي، ملاحن، مهاڻن جو سفر تي اُسهڻ وقت سندن ونين جا ويچار ۽ ڪيفيتن جي نه رڳو عڪاسي ڪري ٿو، پر اهو درد، شعر پڙهندي محسوس ڪجي ٿو.

وڻجاري جي ماءُ، وڻجارو نه پلين،
آيو ٻارهين ماهَه، پڻ ٿو سفر سنبهي.

(قاضي ، 1993: 328)

يا

الوڙڻ نه ڏئي، وَڙُ وڏائين ونجهه ڪي،
رهه اچوڪي راتڙي لالڻ مون لائي.

(قاضي، 1993: 321)

جر جاتون ڏيڻ، ڏيئا موهڻ، وڻجاري جي ونيءَ جو اهڙو ته پُرڪيف درد بيان ڪيو اٿس، جيڪو شدت سان محسوس ڪري سگهجي ٿو.

اسان اڏارا آٿي، آونگ چاڙهيا،
مُنهن ڏئي مون آئيا، سامهون سيارا،
اُيرن سيڪارا، پسيو وَرَ ٻين جا.

(قاضي ، 1993: 326)

غريب ۽ پورهيت طبقي جون گهرو حالتون، معاشي گُذران ۽ ڪيفيتون اهڙي ته انداز ۽ عوامي ٻوليءَ ۾ ڪيو اٿس، جن جو بيان گهڻو تفصيل گهرندڙ آهي.

ڀٽائيءَ جا ڪيترائي شعر ماڻهن کي زباني ياد آهن. ڪجهه اهڙا شعر آهن، جن ۾ ماڻهن جي روزمره جي زندگيءَ جي ترجماني آهي.

مثلاً:

يار سڏائي سيڪو، جاني زباني،
آهي آساني، ڪم پوي ته ڪَلَ پوي.

(قاضي ، 1993: 642)

ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهن
مڙهه مقام ۾،
واريءَ سندو ڪوٽ، آڏي آڏبو
ڪيترو.

(قاضي، 1993 :667)

فاني ڙي فاني، دنيا دم نه
هيڪڙو،
لٺي لوڙهه لٺن سين، جوڙيندئي
جاني،
ڪوڏر ۾ ڪاني، آهي سير سڀ
ڪنهنجي.

(قاضي ، 1993: 638)

ان ڪان سواءِ لطيف، جيڪي تشبيهون ڏنيون آهن، اُهي به نه رڳو عام ماڻهوءَ جي استعمال/مشاهدي ۾ آهن، پر انهن سان ان جو سنئون سِڌو تعلق آهي.

هِنئڙو بيڙِيءَ جان، ڏُتَڙِ پئي ڏينهن ٿيا!

(قاضي، 1993: 321)

هِنئڙو پڳي هڏ جيان،
هِنئڙو هيرڻ پن جيان.
*
جيئن ڳنڍيون منجهه ڳنڍير،
*
جيئن ڪَڙُو منجهه ڪَڙي.
*
ڪاتب لِکيو جيئن، لايو لام الف سين

لطيف سنڌي ثقافت، سنڌي سماج جي ريتن رسمن جو امين شاعر آهي. هيٺ سنڌي سماج ۾ شادين جي ڪجهه رسمن جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو، جن کي لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ لِکيو آهي.

ٻانهن ۾ سَڳا: شاديءَ جي موقعي تي گهوٽ کي سندس مامو مٿي تي موڙ ۽ ساڄي ٻانهن (ڪرائيءَ) ۾ ڳانو ٻَڌندو ائس. ڪنوار کي شاديءَ کان پهريان ئي ٻانهن ۾ سَڳو ٻَڌو ويندو آهي.

سونَ بَرابَرِ سَڳِڙا، مُون کي
باندهَنِ ٻَڌائُون،
عُمَرَ ڪِيئَن آئون، پَٽ پَهريان
سُومِرا!

(قاضي ، 1993: 710)

**ڏانوڻ ڏائڻ:** گهوٽ ڪنوار جي لائڻ کان پهريان ڏانوڻ ڏائڻ جي رسم ادا ڪئي ويندي آهي. گهوٽ ڪنوار جي ڪمري جي دَرَ تي پهچندو آهي ته، ڪنواريتيون سندس رستو روڪي بيهنديون آهن، انهن مان گهوٽ جي سالي يا ڀي ڪا سهاڳڻ ڪچو ڌاڳو ڪٽي گهوٽ جي پيرن جي آڱوٺي ۾ ڏئي مٿي تائين گهوٽ جي آڱر ۾ ڦيرا ڏيندي آهي، جنهن کي ڏانوڻ ڏائڻ سڏيو ويندو آهي ۽ انهيءَ جو مطلب هوندو آهي ته، مڙس/وَرُ پنهنجي ونيءَ وٽ ڪچي ڌاڳي ۾ ٻَڌو پيو هجي.

سسئي چوي ٿي:

ڪيچِيُنِ آءٌ نه ڪَڙِي، ڪنهن ڏُڪِيءَ ڏانوَڻُ ڏائِيو.

(آڏواڻي، 2013: 153)

'ڏُکي ڏانوڻ ڏائيو' جو مطلب ٿيو ته، سسئيءَ کي اهو وهم اچي ويٺو ته، منهنجو ڪنهن اهڙي عورت ڏانوڻ ڏائيو آهي، جيڪا سهاڳڻ نه هئي. چو ته ڏهاڳڻ (جنهن جو مڙس مري ويو هجي يا ڪيس ڇڏي ويو هجي)، کان ڏانوڻ جي رسم ادا نه ڪرائي ويندي آهي.

**ڍڪڻ پچائڻ:** شاديءَ جي موقعي تي ڏانوڻ ڏائڻ کان پوءِ ڍڪڻ پچائڻ جي رسم ٿيندي آهي. گهوٽ لٺَ هٿي ڍڪڻ کي پَچندو آهي. ڪنهن گهوٽ کان اُها ڍڪٽي يا ڍَڪڻ نه پچي سگهندو آهي، جيڪو دلي يا پاري جي اُها ڍڪٽي يا ڍَڪ هوندو آهي.

پُوچا ڏِنَمِ پيرَ، ڍَڪَڻَ مَٿي ڍولَ جا،
موُن پائنِيو تنهن ويرَ، ڪوجهي ڪَندو
پَرِيئڙِي.

(قاضي، 1993: 576)

ان کان پوءِ گهوٽ ۽ ڪنوار جا پاڻ ۾ مٿا ٽَڪرائيندا آهن، جنهن کي لائُون سَڏيو ويندو آهي.

مارئي چئي ٿي ته:

مُون مارُوءَ سان لَڌِيُون، لوئيءَ ۾
لائُون،

سونَ بَرابَرِ سَڳِڙا، مُون کي پانهُنِ
ٻَڌائُون،
عُمَرَ ڪِيئَن آئُون، پَٽُ پهريان سُومِرا!

(قاضي، 1993: 710)

سچل سرمست: سچل سرمست جديد ڪلاسيڪل شاعريءَ ’شاهه، سچل، سامي‘ ٽمورتيءَ مان هڪ آهي، سندس شاعريءَ جو انداز ۽ ٻولي پنهنجي دؤر جي عوامي آهي. توڙي جو سچل عربي، فارسي، سنڌي، سرائڪي، پنجابي ۽ اردوءَ ۾ شاعري ڪئي آهي، پر سندس سنڌي شاعريءَ جو نمونو عام ۽ پيشڪش منفرد آهي. سندس نقطهءِ نظر ۾ ٻي ٻاڪي ۽ ٻي ٻپائي آهي. سچل جي شاعريءَ ۾ حقيقت جو رنگ نمايان آهي. سچل ڪلاسيڪل دؤر جو اهو پهريون شاعر آهي، جنهن ڪوڙن ساڌن، مُنافقن، مُلن، مولوين، پنڊتن، پادرين، جوڳين، سنياسين جي مُنهن تان ڪپڙو لاهي ڦِٽو ڪيو. ڪين اهڙو ته وائکو ڪيو، جو ان کان نه پهريان ڪنهن ۾ جرئت هئي، نه بعد ۾، انهن جي سازشن جي خوف کان ڪو جرئت ڪري سگهيو آهي. شيخ اياز به پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪافي هنڌن تي سندن چوڏا لاٿا آهن، پر مجموعي طور تي مُنهن ڏيڻ لاءِ سچل ڪي اڳيان آندو آهي.

آءُ درازا هَلُ،
تنهنجا سارا مولوي،
منهنجو هڪ سچل.

(اياز شيخ، 1998: 125)

سچل جي شاعريءَ ۾ سمورا رنگ کُليل نموني اظهاريل آهن.

ڪو رد چوي، ڪو بد
چوي،
ڪو بي ديني، بيحد چوي.
ڪو مُشرڪ، به ملحد
چوي،
آءُ جوئي آهيان، سوئي
آهيان.

(فقير، 2017: 217)

عوامي اظهار ۽ جرئت جو انداز:

جي مجن ٿا آدمي، سي نه
مجان مان،

سچو آهيان آءٌ، جي ڀانهون ڀي
جو نه ٿيان.

(فقير، 2017: 320)

مذهب سان هر ماڻهوءَ جو سنئون سڌو تعلق آهي، ڄمڻ کان وٺي مرڻ تائين، مذهبي رسومات ۾ جَڪڙيل رهي ٿو. مذهبي ٺيڪيدارن کان سندس پاڻ آجا ڪونه ٿا ٿي سگهن (سواءِ ڪجهه جي). سماج اندر جيڪو مذهبي سرشتو لاڳو آهي، مُلن، پيرن، پنڊتن ۽ پادرين جا جيڪي ٺڪساٺ آهن، ابوجهه ماڻهن جو جيڪو ذهني استحصال ڪيو وڃي ٿو، عوام جي پئسي تي عياشيون ڪندڙن مذهبي ٺيڪيدارن کي سچل ملوث قرار ڏئي ٿو، جيڪي مونجهاري جو سبب بڻيا آهن.

مذهبن مُلڪ ۾ ماڻهو مُنجهايا،
شيخي، پيري، بزرگي بيحد ڀُلايا،
اوڏا ڪين آيا، عقل وارا عشق
کي.

(فقير،2017: 320)

مُلان ته ڪارڻ ماني جي، ختما پڙهن ٿا خاصا.

(فقير، 2017: 247)

حقيقي طور تي هي مذهب، محبت جو درس ڏئي ٿو، امن ۽ ڀائيچارو پيدا ڪري ٿو، دلين کي جوڙي ٿو، سانت ۽ سُڪون سان زندگي بسر ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو، ٻين مذهبي عقيدن وارن ماڻهن سان محبت ۽ رواداريءَ لاءِ زور ڀري ٿو.

وقت اُها ٿئي ويل، دوئي دُور
ڪرڻ جي،
هندو، مؤمن سان ملي، محبت
جو ڪر ميل،
ڪڍ مذهب من مان، ساجهر
ساڻ سويل،
متا ٿيئي اويل، اولهه سج نه
اُلهي.

(فقير، 2017: 331)

سچل، دل ۾ اُٿندڙ اٿاهه جذبا، ذهن ۾ پيدا ٿيندڙ خيال جيئن جو تيئن پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيا آهن، جيڪو ڪيس چوٽو آهي بنا خوف جي سرِعام

چئي ڏئي ٿو. مصلحتن کان ڪم نٿو وٺي. سندس سرمستيءَ جي ڪيفيت جي ڪري وقت جي حاڪمن به ڪيس ڪجهه نه ٿي چيو، باقي مُلا، مولوي ۽ پير ته سندس پاڇي کان به ڀيا ڪَنُه ڪائيندا هئا. اڄ به سندس ڪلام جڏهن جهونگاريا ويندا آهن ته، ٻُڌندڙن تي سرمستي واري ڪيفيت طاري ٿيندي آهي. سندس شاعريءَ جو نِج عوامي انداز آهي، آسپاس جي شين ولين وڻن جو ذڪر آهي، تشبيهن استعارن جو جڙاءُ آهي، ريتن رسمن کان باغي شاعر جي شاعريءَ ۾ سماج ۾ مروج رسمن جو ذڪر ملي ٿو.

آهي يار ته منهنجو هينئن ته ڪنهن مهل ڪيئن ته ڪنهن مهل ڪيئن،
ڪڏهن من ماکوڙي، ڪڏهن ڪيهر
شينهن.
آهي يار ته...

(ڳايل سهراب فقير جو)

(جُهڙ، مينهن، ماکوڙي، شينهن)

سندس شاعريءَ ۾ نيم عشقيه داستانن، سسئي پنهون، عمر مارئي، مومل راڻو، سهڻي ميهار سميت سپني جو تذڪرو ملي ٿو. سچل سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو اهو تسلسل هو، جيڪو نه رڳو پنهنجو پيش رو شاعرن جي واٽ تي هليو پر گهڻي پاڳي پنهنجون راهُون پاڻ ايجاد ڪيون. موضوع جي حساب سان فنا بقا، حقيقت جا راز صوفين واري واٽ ورتائين، پر شاعريءَ ۾ نوان لاڙا ۽ نوان موضوع پڻ ڏنائين. گهڻن ٻولين ۾ شاعري ڪري هر عام ۽ خاص تي پنهنجو اثر ڇڏيائين. شاعريءَ ۾ ”گهڙولي“ ۽ ”جهولڻو“ صنفون ايجاد ڪيائين. گهڙولي ۾ عورت جي عظمت، محبت ۽ خدمت کي ساراهيائين. سندس شاعريءَ جي ٻولي سولي سوادي ۽ عام فهم آهي.

ساري شهر ڀنڀور جي، ڇڏي لوڪ
لذت،
توريءَ ڏئي ڪونه ٿو، ماڻهو عام
عزت،
ٿئي ساهه صحت، جي ڀيهر ٻاروچا
اچين.

(ڀنڀور، لوڪ لذت، عام، عزت، ٻاروچا، ٻروچ، پنهون)

(فقير، 2017 :381)

**ٻائي چين راءِ سامي:** سامي سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو ٽيون رتن آهي. شاهه ۽ سچل جو تسلسل آهي. سندس شاعريءَ ۾ ويدانيت جو ذڪر ملي ٿو. جيڪو وحدت الوجود واري صوفي نظريي سان ملندڙ آهي. پاڻ چوي ٿو ته:

ويدن جا ويچار سنڌيءَ منجهه سٽايم

سامي سنڌي ٻوليءَ جو اهو شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ هندي ٻوليءَ جا لفظ ۽ محاورا استعمال ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي وڏيڪ شاهوڪار بڻايو، سنڌ جي آسپاس جي ماحول جو ذڪر ڪيو.

پروفيسر سروپچندر شاد لکي ٿو ته: ”سامي جي ڪلام ۾ سنڌ جي آزاد فضا، کُليل آسمان، سج، چنڊ، تارن، پهاڙن، جهنگلن، ٻيلن، ندين ۽ جانورن جهڙوڪ: شيرن، هاٿين، گهوڙن، باندرن، هرڻين، ڪوريئڙن، پروانن، نانگ، سپن. سنڌ جي گُلن ڦلن جهڙوڪ: ڪنولن، گُلاب جي ڳاڙهن گُلن وغيره جو ذڪر ملي ٿو. سنڌ جي هر شيءِ کي ياد ڪري ۽ ساراهي هن سنڌ سان محبت جو اظهار ڪيو آهي. هن انهن شين مان حيرت انگيز، تشبيهون جوڙي سنڌي شاعريءَ کي مالامال ڪيو آهي.“ (شاد-2017ع، 288-289)

سامي انساني قدرن جو شاعر آهي، انساني آلميا، مايا جي موهه سان ئي جنم وٺن ٿا. رت جي رشتن ۾ ٽوڙ ڦوڙ جو سبب به مايا آهي يا ائين چئجي هر بُرائيءَ جي جڙ مايا جي موهه کان ئي شروع ٿئي ٿي.

انهيءَ ڪري سامي پنهنجي شاعريءَ جو مرڪزي نُڪتو ئي مايا جي موهه جي ڪري پيدا ٿيندڙ خرابيءَ کي بڻايو.

مايا موهي، وڏا جيءَ پرم جا،
وڏائين ول چل سان، انڌا ٻڌي
ٽوئي،
ڏيئي ڏجها پاڻ کي، ڪن هوئي
هوئي،
آتم ڏن کوهي، مورک وينا مت
ريءَ،

(موهه، ول چل= ناز نخرا، ٽوئو= سرن جي پتري، ڏجها، آتم، ڏن، مورک)

(ناگراڻي،2007: 36)

جيئن ڀهروپي ملن لاءِ لطيف چيو ته:

مُنهُن ۾ مُوسيٰ جَهڙو، آندر ۾
اِبِلِيسُ
آهڙو خامُ خَبِيثُ، ڪَڏِي ڪوهُه نه
چِڏِئين؟

(قاضي، 1993: 129)

اهڙيءَ ريت سامي ڪوڙن پنڊتن ۽ ڏيکاءُ ڪندڙ ساڌن لاءِ چيو ته:

لکين لٻاڙي، ڳالهيون ڪن ائم
جون،

سامي ڪوڙي ساڌ ٿيا، مٿو ۽
ڏاڙهي،
ڪلڪائين ڪُپت جي، ڪاتي
ڪُهاڙي،
پاڙ ڪائي پاڙي، رمتا وڃن راهه ۾.

(ناگراٽي، 2007: 124)

(لباڙي، ڏاڙهي، مٿو ڪُوڙائڻ، ساڌ ٿيڻ، ڪاتي، ڪُهاڙي، پاڙي. نج سنڌي لفظ ۽ اصطلاح شين جا نالا، پاڙ=پڙوت جو پئسو)

انهيءَ ڪان سواءِ

پٿر پوڄا ڪن، ديوَ نه ڏسن ديهه ۾

(ناگراٽي، 2007: 122)

ڳٽتي ليکي ڪنئون پري، اچرج مچايو

(ناگراٽي، 2007: 340)

وسائي ويٺا پريم سان، اکين منجهه اوطاق

لطيف چيو ته:

(ناگراٽي، 2007: 523)

آندَرِ رُوحَ رَهِيام، سَڄَڻَ اوطاقُون ڪَري.

(قاضي، 1993: 335)

مٿين سٽن ۾ ديهه، ليکي چوکي تي ڳٽتي، چنتا، چڪيا، آر نه پار، مورک، پلو پلائي، سچ سُڃاڻ، اکين منجهه اوطاق سميت ڪيترائي نج سنڌي لفظ ۽ محاورا استعمال ٿيا آهن. جن جي ڪري ساميءَ جي شاعريءَ ۾ نه رڳو عوامي نمونو ڀَسي سگهجي ٿو، پر سنڌ جي ريتن رسمن ۽ روايتن جو به ججهو ذڪر ملي ٿو.

اوديا (بي علمي، اڻڄاڻائي) ڪي ڏاڍو نندي ٿو، بي علمي اڻڄاڻائيءَ ڪي ڏائڻ ڏندري سڏي ٿو، باهه سَڏي ٿو. مثال ڏئي چوي ٿو ته، جيئن باندر بازيگر جي هٿ تي نچندو آهي، اهڙيءَ طرح اوديا جي اهنڪار ۾ جڳ نچي ٿو.

سارو جڳ نچي، اوديا جي
اهنڪار ۾،
جيئن باندر باديگر جي هٿَ ۾
نت نچي.

*

(ناگراٽي، 2007: 36 )

اوديا پٽ لاهي جاڳي ڏسي ڪي ڪي.

*

(ناگراڻي، 2007: 32)

ڏاڍي ڏيوالي، اوديا ڏائڻ ڏندري،
جنهن ڦري سڀ فقير ڪيا ڪلڪل
سان خالي.

*

(ناگراڻي، 2007: 78)

باهه اوديا آهي، ساڙي سڀ سنسار ڪي
پوءِ پاڻ ئي چوي ٿو ته:
(ناگراڻي، 2007: 80)

تنهن ڪي وديا جَل سان وارون وار ٻجهاءِ
(ناگراڻي، 2007: 80)

بي علميءَ جهالت جي باهه کي علم جي پاڻيءَ سان وسائڻ ٿو گُهري، انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته، سامي عوامي شاعري ۽ سنڌ جي ريتن رواجن جي پاسداريءَ سان گڏوگڏ علم جو پرچار ڪندڙ ۽ جهالت جو دشمن آهي، علم جي روشني ڦهلائيندڙ سامي سمجهي ٿو ته، سماج ۾ جهالت جي راڪاس کي علم جي هٿيار سان ئي ختم ڪري سگهجي ٿو.

## عروضي دؤر جي عوامي شاعري:

عروضي دؤر جي شاعري اسان کي ڪلهوڙن جي دؤر کان ملي ٿي. ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن جي دؤر کان درٻاري شاعري، فارسي شاعريءَ جي روايت ۽ اردو شاعريءَ جو موضوعاتي ۽ گهاڙيٽن جي حساب سان نقاليءَ جو رواج پيو، ان کان پهريان سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي روايت پنهنجي آب تاب سان هلندي ٿي آئي، جيڪا چندوديا جي علم تي آڌارايل هئي.

عروضي دؤر جي شاعرن اڪثر پنهنجي شاعري، سڄو ماحول، تشبيهون، ترڪيبون ۽ اصطلاح فارسيءَ مان آندا، پنهنجي شاعريءَ ۾ فارسي ۽ عربيءَ جا ايترا ته بيجا لفظ ٽُنبيندا هئا، جو سندس شعر عام ماڻهوءَ جي سمجهه کان مٿي هوندو هو. شاعر ئي شاعريءَ کي ڪجهه سمجهي ٿي سگهيا، ڇو ته ايڪڙ ٻيڪڙ ئي ٻوليءَ جا لفظ يا سنڌي ٻوليءَ جي سِٽ استعمال ٿيل هوندي هئي. اهڙي انداز کي پنهنجي شاعريءَ جو معراج سمجهندا هئا. ”ساري تهذيب جي عڪاسي ڏاري هئي ۽ ايران، سمرقند، بخارا، افغانستان تان ورتي وئي هئي، محبوبن جا ڏند مسيءَ سان ڪارا هوندا هئا، ڇَپ پانَ سان ڳاڙها، ڇڻ ته هنن ڏائڻين وانگر عاشق جو خون پيتو هو. انهيءَ شاعريءَ جو تتبع اسان جي غزل

گو شاعرن (گل کان سواءِ) ۾ ملي ٿو. سيئي ادبي سلهه جا مريض هئا، جن هڪ سؤ ساله شاعرن کي انهيءَ وبا ۾ وچڙائي رکيو.” (شيخ اياز، 1999ع-240)

ڪلهوڙا دؤر کي پڄائيءَ جي ڪري ئي سنڌي ادب جو سونهري دؤر سڏيو وڃي ٿو ۽ عروضيءَ شاعريءَ جي شروعات به هن دؤر کان ٿئي ٿي. مخدوم عبدالرئوف ڀٽي هالائي، صاحبڏنو شڪارپوري، ملان اويس شڪارپوري، ڪرم الله شڪارپوري، نور محمد خسته، ميان چتن ٽڪڙائي، حافظ عالي عروضي دؤر جا شروعاتي شاعر آهن. ان کان پوءِ اهو سلسلو ٽالپورن جي دؤر کان ٿيندو، انگريزن جي دؤر تائين هليو، جن ۾ خليفو گل محمد گُل هالائي، غلام محمد شاهه گدا، حافظ حامد، سيد فاضل شاهه، شمس الدين بلبل، مير عبدالحسين سانگي سميت نالن جي هڪڙي ڊگهي قطار آهي، جن پنهنجي دؤر ۾ شاعريءَ ذريعي اثر ڇڏيو. جيئن ته ان دؤر جو رواج ئي اهڙو هئو، جو عروضي شاعريءَ کي ئي سڀ ڪجهه سمجهيو ٿي ويو، انهيءَ ڪري انهيءَ تي طبع آزمائي ڪرڻ لڳا. ڌارين خيالن تشبيهن، استعارن سان پنهنجا دفتر ڀريندا رهيا.

عروضي دؤر جي شاعرن ۾ موضوعاتي لحاظ کان عشقيه، فطرتي ماحول جي عڪاسي، مجموعي زندگي، دنيا جي بي ثباتي، قصيده گوئي، هجو گوئي، مرثيا گوئي، تصوف جا اِسرار، عشق مجازي ۽ حقيقي، فنا ۽ بقا جا موضوع جام ملندا.

عروضي دؤر جي شاعرن ۾ جتي اسان کي مٿي آيل سيئي موضوع ملن ٿا، اتي اسان کي سنڌن شاعريءَ ۾ ثقافتي اهڃاڻ، ريتن رسمن جون جهلڪيون، ٻوليءَ جون ترڪيبون رواني ۽ سلاست ملي ٿي.

منارا مير مرسل جا ڏسان شل ڏيهه
سڀ ڏوري،
هلي هالا، مٽيان ميسڻ، انڙپور کي
ڇڏيان اوري.
مٽيارن بي محابي کان، گليون مانجهند
ڇڏيا گهوري.

(سال 2013-106)

(شهرن جو ذڪر، ٻوليءَ جي رواني ۽ سلاست)

صاحبڏنو شڪارپوري جي مدح پاڻ ڪريمن (صه) جي شان ۾ چيل آهي.

تخت سو قدرت قدم بيشڪ رکيو تو
بادشاهه،

سو اوهان دستار دولهه، تاج قدرت جي
ڪلاهه،
اغثني يا سيدا...
(جوڻيجو، 1980: 81)

مٿين شعر ۾ سنڌ جي ارڏي ۽ تاريخي ڪردار دولهه دريا خان جي پڳ ”دستار دولهه“ جو تمثيلي طور بيان آيل آهي ۽ پاڻ ڪريمن صه کي مدد جي پُڪار ٿيل آهي.

سنڌي جديد شاعريءَ جو باقائده بنياد وِجهندڙ ڪشنچند بيوس ئي آهي، پر ان کان به سوا سؤ سال پهريان ملان اويس شڪارپوري (وفات: 1720ع) بهار جي موسم جو نقشو پنهنجي نظم ”بهار آيو بهار آيو“ ۾ چٽيو، جنهن ۾ نِج سنڌي ٻوليءَ جا لفظ، تشبيهون، ماحول، گُلن وڻن ٻوٽن جو ۽ پکين جو ذڪر ملي ٿو. سندس نظم ”بهار آيو بهار آيو“ اڄ تائين درسي ڪتابن ۾ پڙهايو وڃي ٿو.

سيارو ويو بهار آيو،
گُلن آ باغ ٻهڪايو،
ٽڙي ٽانگر ۽ چنبيلي،
ڪِڏي مُنهن مُگري مُرڪايو،
پراڻا پن پٽَ تي پيا،
وڻن کي هير چرڪايو.
بهاري ويس ساوڪ جو،
وڻن کي واهه پهرايو.
نئون لاتيون پکي گڏجي،
بهار آيو بهار آيو.
(ملان اويس شڪارپوري)
(سيال،2013: 109)

پکي پچرو، مڇي مهراڻ، ڦٿڪن پيا ۽
ڦاسن پيا،
ڪِڏي ڪاني، منڊي ماري، لمي لُڙ ۾
رڙهي رڻ ۾.
(جوڻيجو،1980: 83)

پکيءَ جو پچري ۾ ڦاسڻ، مڇيءَ جو ڪنڍيءَ ۾ ڦاسڻ، اوائلي عروضي شاعريءَ شڪار ڪرت ۽ پيٽ گُذر جا نمونا ملن ٿا.

آخوند گل محمد ”گل“ هالائي، پهريون صاحب ديوان آهي. آخوند گل، شاعريءَ ۾ تتبع ته ايراني شاعري واري رکي پر ماحول سمورو سنڌ جو چٽيائين، وڻ ٻوٽا گُل ٺيٺ سنڌي لفظ به جابجا استعمال ڪيا اٿس.

پٽون آهن ايذائڻ ۾، دنيا جا مڙئي
مائٽ،
توٽي پائر سڳا، چاچا، توٽي ڪي
سؤٽ ۽ سالا.

(جوٽيجو،1980: 103)

رت جي رشتن کي باهه اجڪلهه جي ناهي لڳل، پر اُها پُراڻي آهي، ڪِريل کي اچا ڪيرائڻ ۽ ايذايل کي وڌيڪ ايذائڻ ۾ جتي دنيا جا ٻيا ماڻهو وسئون ڪونه ٿا گهٽائين، اتي پنهنجا مِٽ مائٽ عزيز قريب به موقعو هٿان ڪونه ٿا وڃائين.

پائرن، سؤٽ، چاچا، سالا (رشتن جا نالا)

آخوند گُل پنهنجي شاعريءَ ۾ نِج سنڌي لفظ استعمال ڪيا آهن. مثلاً:

پيچ، پيچ، هيچ، چيرو، چِپي، لپ، پر، گُهب وغيره

سنڌ جي نيم عشقيه داستانن، سنڌي شاعريءَ تي اڻ مٽ اثر ڇڏيا آهن. سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعريءَ کان وٺي عروضي دؤر ۽ جديد شاعريءَ ۾ به تمثيلي طور عشقيه داستانن عمر مارئي، سهڻي ميهار، ليلا چنيسر، سسئي پنهون، مومل راڻو وغيره جو ذڪر ملي ٿو.

حافظ حامد ٽڪڙائيءَ جو عروضي دؤر جي اهم شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. ٽن سالن جي عمر ۾ اکين جي نُور هليو ويس، سندس شاعريءَ ۾ فطرتي حسن سان گڏ حقيقي زندگيءَ جو عڪس نمايان آهي.

سسئي سر جي نه سُک ماڻيو، پيس
پيوند پينگهي ۾،
نماڻي نينهن جا نڏيڻ ۾، ڪائي سُور
ساماڻي.

(جوٽيجو، 1980ع: 111)

لطيف چيو ته،

سِرجي، تان سُورَ؛ ساماڻي، تان سُکَ
وِيا؛
اِهي ٻَئي پُورَ، نِماڻيءَ نَصِيبُ ٿِيا.

(قاضي، 1993: 557)

سيد فاضل شاهه حيدرآبادي جيڪو عروضي دؤر جي شاعرن ۾ اهم شمار ٿئي ٿو. ”ديوان گُل ڪان پوءِ ديوانِ فاضل شاعريءَ جي تاريخ ۾ ڳڻجي ٿو. سندس شاعري ۾ سنڌي عام شاعريءَ جا نمونا ملن ٿا.

چوان ٿو چتائي چڱي آهي چُپ،
تڪلم تڙائي، چڱي آهي چُپ.

سياٽپ سندو سوجهرو، سچ
سڪوت،
هينئن ۾ هلائي چڱي آهي
چُپ،

نه ڪر بات بيجا، بجا بات ڪر،
وري ٻُڌ ورائي، چڱي آهي چُپ.

(جوٽيجو،1980: 116)

خاموشيءَ کي ڏاهن ماڻهن عقلمندي جي نشاني سَڏيو آهي، ڇو ته اڪثر غلطيون گهڻي ڳالهائڻ مان ٿينديون آهن. مٿئين شعر ۾ به اهڙو ئي ناصحانو نُڪتو بيان ٿيل آهي. سچ ۽ خاموشيءَ کي سياٽپ جو سوجهرو سڏيو ويو آهي. ضروري ڳالهائجي، غير ضروري ڳالهائڻ کان پاسو ڪجي، چُپ ۾ رهجي، جيڪو سچل به ”چپ چپاتي چُپ“ ۾ بيان ڪيو آهي ۽ پٺائيءَ ”ڪڏهن ٿجي ڪن، ڪڏهن ٿجي وات“ واري ڳالهه ورجائي آهي. غلام محمد شاهه ”گدا“ جي شاعريءَ ۾ بيباڪيءَ ماحول جي عڪاسي، راز ۽ نياز جون ڳالهيون عام جام ملن ٿيون.

جڏهن پيري اچي پهتي، تڏهن چاٽج يقين
سمجهج،
نظر بگڙي، اکيون بگڙيون، زبان بگڙي، دهن
بگڙيا.

(جوٽيجو، 1980ع:121)

جيئن اردو ۾:

**اب ہم بھی جانے والے ہیں سامان تو گیا**

وقت جون بي رحم حالتون ماڻهوءَ کي ڪٿان جو ڪٿي پهچائين ٿيون، اُها هڪ تلخ حقيقت آهي. عمر گُذرڻ سان انسان جي هر شيءِ هيٺ مٿي ٿي وڃي ٿي. پنهنجا عزيز عضوا به ساٿ ڇڏيندا وڃن ٿا.

پنهنجا عزيز عضوا ساٿي وڃن
سٽيندا،

استاد دل پڪي ڪر، جو دل
پڪي چڱي آ.

(استاد بخاري) (منظور سخيراڻيءَ جو ڳايل)

شاعر عام طور دنيا تي بيوفائيءَ جو الزام ڏيندا آهن، پنهنجي محبوب کي بيوفا ڪوٺيندا آهن، ماڻهن جو مُنهن مٺڻ، دوستن عزيزن جو بيوفا ٿيڻ، شاعريءَ جو عام موضوع رهيو آهي، پر جڏهن پنهنجي عمر بيوفائي يا عزيز عضوا بيوفا ٿين ته ڇا ڪجي.

پراون تي پلا ڪهڙيون ميارون طالب
الموليٰ،
هي نئڊپڻ جا ئي پنهنجا ساٿي ڪارا وار
مٽجي ويا.

(طالب الموليٰ 112:2020)

سون جهڙي جواني اسان
کان کسي،
وار چاندي ڪيئي، عمر
ايڏي ٺڳي.

(سميجو232:2015)

هئه ڙي! جوين جاڙ ڪتيوئي ڇورا ڪر ڪر
ڇوڙگيونءِ،
لوهه ڪنان لڱ ڏاڍي ٿي، ڏاڻان ڏند اکيڙ
ڳيونءِ.

(حمل فقير)

شمس الدين بُلبل عروضي دؤر جو آخر جو شاعر آهي. سندس شاعري طنز مزاح ۽ ظرافت جي ڪري مشهور آهي. بلبل پنهنجي شاعريءَ ۾ طنز ۽ مزاح وسيلي عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. توڙي جو سندس شاعريءَ تي فارسي ٻوليءَ جو اثر زياده آهي، پر ان جي باوجود سندس ٻوليءَ ۾ عام واهپي جا لفظ ترڪيبون ۽ تشبيهون ملنديون، ان سان گڏوگڏ ماحول جي عڪاسي، رهڻي ڪهڻي ريتن ۽ رواجن جو ذڪر ملندو.

قناعت جي معنيٰ سان
دل لائجي،
بصر ساڻ ڍوڍي، جوئر
ڪائجي،
پلاءَ ٻوڙ، حلوا، مٺايون
ڪباب،

شڪر شير شربت، سلوٽو
شراب.

(بلبل،1982: 79-80)

مير عبدالحسين سانگيءَ جو عروضي دؤر ۾ اهم مقام آهي، توڙي جو سندس شاعريءَ ۾ سندس استاد غلام محمد گدا جو اثر نمايان آهي، ان جي باوجود سندس شاعريءَ ۾ عام فهم ٻولي ملندي، ريتن رواجن جو ذڪر، تبديل ٿيندڙ ماحول جو ذڪر ۽ محبت جو ذڪر بي باڪيءَ سان ملي ٿو.

هلياسون وادي مجنون ڏي هٽندا نينهن
جا نعرا،
چيو ٿي چاهه مان هرهڪ، اجهي سانگي
سفر نڪتا.

(جوٽيجو، 1980: 118)

سندس زندگيءَ ۾ ڪيترائي لاها چاڙها آيا، شاهاٽو ٻار زماني جي مختلف حالتن جي وَرُ ٿي چڙهيو. اهڙو ذڪر به سندس شاعريءَ ۾ ملندو.

دردن ڪئي آ ڏام ڏوم ناتوان تي،
صدما هزار منهنجي رسيا آهن جان
تي،
واچوڙي وانگي ڦرندو وتان آءٌ روز
شب،
آهيان ڪڏهن زمين تي، ڪڏهن
آسمان تي.

(جوٽيجو، 1980: 212)

سندس ٻوليءَ جي سلاست ۽ عام لفظن جو استعمال پنهنجي پيش رو شاعرن کان وڌيڪ آهي. سندس شاعريءَ ۾ زماني جا درد، ماڻهن جا رويا، دوستن جي جُدائي، ملڪيت جا معاملا، جيڪا به سندس ذهن ۾ ڪيفيت جُڙي سا شاعريءَ ۾ لِکندو ويو.

ڪڪڙن جي اچي ٻانگ وٺون پي ڪو چُڪو
سرس،
صبح ايندو وڃي وار، اچي رات سندا او.
ڪڪڙن جي ٻانگ، صبح رات جا، وار وڃي ته جيئن روشني ٿئي.

(جوٽيجو،1980: 140)

## سگهڙن جي عوامي شاعري:

سگهڙن جي سموري شاعري، عوامي ليکي وڃي ٿي، تنهن هوندي به سگهڙن جي شاعريءَ جون ڪجهه صنفون ڇڏي باقي ڏُکيون ۽ پيچيده آهن،

جيڪي عام جي سمجهه ڪان مٿي آهن. مثلاً: هُنر، ڏٺ، ڏهس، ست سريون، پروليون، گروچيلي جا بيت ۽ نڙبيتن سميت ڪيترين ئي صنفون عام ماڻهن جي سمجهه کان مٿي آهن، انهن ڪي ڪو سگهڙ سالڪ ئي سمجهي/پروڙي سگهي ٿو يا پڙهندڙ سگهڙ سڌو ڪري ٻُڌائي، باقي ڪچهريءَ ۾ ويٺل عام ماڻهو سندس سگهڙائپ جي فن ڪان، ٻُڌائڻ جي انداز، ٻوليءَ جي جڙاءَ ۽ رواني‌ءَ ڪان پيا متاثر ٿيندا.

سگهڙن جي شاعريءَ ۾ اسان کي سنڌي ريتن رسمن ۽ رواجن جي عڪاسي ملي ٿي. سندس تشبيهون استعارا ٻوليءَ جو سٺاءُ عام آهن. چوٽيون پهاڪا سندن نظمن واري شاعريءَ ۾ عام ملندا. اڪثر سگهڙن جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي مٽجندڙ حالتن زماني جي ڦيرن گيرن تي نظمن ۾ لِکيو آهي، انهيءَ کان سواءِ لسي ۽ ٻوڙ جو مناظرو، ملان ۽ مواليءَ جو جهيڙو، اک ۽ دل جو مناظرو، زمين ۽ آسمان جو مناظرو وغيره تي لِکيو آهي، جن ۾ ماڻهن جي تبديلي ماحول جي عڪاسي، ريتن ۽ رواجن جو ذڪر ملندو.

سنڌي سگهڙ شاعريءَ جو ابو جلال ڪٽيءَ کي مڃيو ويندو آهي. جيڪو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو همعصر آهي. ان جي شاعريءَ ۾ به اسان کي عام سنڌي لفظ ۽ سنڌي ماحول جي عڪاسي ملندي.

دؤڙي ونء دڪان تي، هٽ ٻڌي
ڪر حال،
يا
دل اجار دڪان تي، ديک وجي
داناءُ.
-
ڏاچيون چارن ڏيهه جون، ڪن تڙن
تي توڪا،
گگهيرين گهر چائيا، سي جسماني
جو ڪا.

(ڄامڙو، 2013: 214)

(دڪان: هٽ، هٽ ٻڌڻ: منٿ ڪرڻ، ڏاچون چارڻ (ڪرت)، گگهيرين: گگهن وارين (ٻروچ ماين ڏانهن اِشارو)، جسماني جوڪا: مضبوط، صحتمند)

محمد ملوڪ عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ اسان کي زماني جي حالتن جو به ذڪر ملي ٿو ته، ماحول جي عڪاسي پڻ. سنڌي ٻوليءَ ۾ عام چوٽي آهي ته "چوڏهين چٽ، پندرهين پٽ" يعني: چوڏهين سن هجري ۾ ريتون رواج ختم ۽

لچ حياء هليو وڃڻ سميت سڀ شيءِ درهم برهم ٿيندي ۽ رهيل پندرهين ۾ پٽ ٿينديون.

جي هوٽل ٿو کولين ته بيرا پلا
رک،
مڇي جي ڪِني ٿئي ته ٻيرا پلا
رک،
گانا ته گانا پر ڦيرا پلا رک،
آجا ميري بالما منهنجو ماهي چن
آ،
تون سمجهين نٿو چو ته پندرهون
هي سن آ.
*

پُڇين ٿو ته نياٽيون ويون ڪاڏي آهن،
هتان پنڌ ويجهو، ويهين ميل تي هن،
اڄ ڪار ڪاهي، ويون ڪيل تي هن،
نياٽين ساڻ گڏجي ويو نوڪر نبن آ،
تون سمجهين نه ٿو چو ته پندرهون
هي سن آ.

(محمد ملوڪ عباسي)

(سندس زباني، محفل ۾ ٻُڌو ويو، هلندڙ دؤر جي ماحول جي عڪاسي)

لسي ۽ ٻوڙ جي مناظري ۾ لسي ٻوڙ کي چوي ٿي:

تون آنڊا ساڙين اشرافن جا آئون ٺريو
ڪريان ٺار،
مون ڏاهي هلان ٿي ڏيهه ۾، مون تي
پيرن جا پي پيار،
شوخي ڇڏ، شرم ڪر، ڇڏ جهيڙي جي
جهونڪار،
يا فيصلو ڪراءِ فضيلت سان، ڪا چڱا
وٺي چار،
نه ته منهنجي هٿان مار، توکي ملندي
مفت ملوڪ چئي.

ٻوڙ جواب ٿو ڏئي:

مون ۾ مزا آهن مٽين، مائي چس وڏي ٿي چاند،
گوگٽو گوشت، گوبي مون ۾ ٻيا بصر پون باند،
مون ۾ ڪرڙا، مون ۾ ڪونهٽ، مون لاءِ ڪڪڙ اچن ڪاند،
مون ۾ پالڪ، مون ۾ پاٽي، مون لاءِ ڏهه ڏهه ڪُسن ڏاند،
مون ۾ ڏاٽا، داليون دالچيني، ٻيا پلا پليون پاند،
انڊا آمليٽ، چڪن برياني روسٽ رچن راند،
قورما، قيما، ڪمال پٽ، ٻيا ڦوٽا ٽڪيون ڦاند،
مٽر ٽماٽا پون پٽاٽا، ٻيو سرهيون جيريون ساند،
لونگ ٿوم لئي ڪن منهنجي، تنهنجو بد بنياد،
وچ هتئون وڙ واند نه ته ڏٺو ڪندو ماڻ ڏيهه ۾.

(پناڻ، 2013: 138)

هر گهر ۾ لسي ولوڙيندا آهن، هاري ناري پورهيت لسي سان ماني کائيندا آهن. خوش ماڻهو ٻوڙ سان ماني کائيندا آهن.

مٿين بيت ۾ سنڌ ۾ اڪثر سبزين جا نالا، گرم مصالحن جا نالا، انهيءَ کان سواءِ گوشت، مرغي، مڇي (ڪرڙا)، قورمن ۽ آنن (آمليٽ وغيره) جو ذڪر ٿيل آهي. هيٺ سگهڙ لقمان ڪوکر موجوده ماحول جي عڪاسي ڪئي آهي.

جو نياڻي بالغ گهر ۾ ويهاري،
جو ڌاريو آڻي گهر سُمهاري،
جو لڄ اُگهاڙو پاڻ سينگاري،
جو پاڻي پراوا ننگ نِهاري،

جو هوندي سوندي ويل
ٿاري،
جو ٻچت خاطر پاتي ماري
(ٻُک تي)
جو پاڙو اوڙو اُتي آزاري،
جو لالچ ۾ ٿو دين وساري،
اُهي انئي انڌا اُهي انئي
انڌا.

(چامڙو، 2013: 276)

سماجي اوڻاين جو آئينو ڏيکاريو ويو آهي، هلندڙ ماحول جي عڪاسي هيئنين بيت ۾ سگهڙ محمد مٺل جهتيال عقلمند ڏاهي ماڻهو ۽ بي عقل جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته،

عقل وارو عقل سان جوڙي ڏيندو
جواب،
بي عقل پيو بڪ ڪندو، ڪو ڪري
هوڏ حساب،
سالڪ سمجهدار سان ٿي، ساعت پل
ثواب،
"مٺل" چڱ ملوڪ نه ٿئي، توڙي پڙهي
ڪنڊ ڪتاب،
باقي رڍن اڳيان رباب وڄائيندي ورهيه
ٿيا.

(چامڙو، 2013: 296)

"رڍن اڳيان رباب وڄائيندي ورهيه ٿيا"، چڱ ملوڪ نه ٿئي توڙي پڙهي ڪنڊ ڪتاب، (سنڌي چوڻيون ۽ پهاڪا)، ڏاهي ماڻهوءَ سان پل گذارڻ ثواب برابر آهي. يعني فائدو ئي فائدو. سگهڙ حسين بخش فصل جي پڇڻ ۽ جهار جو نڪر ڪري ٿو.

پڪي جوئر پيها پيا، پکين لاتو شور،
هورڙي ٻلا هور،
مِٽي پٽيو ڳوڙها ڳاهي، ڪانپاٽيءَ تي زور،
ڪٻر ڪانگو، ڳيرا ڳيريون، جهرڪن جي ته جهڪور،
هورڙي ٻلا هور.
وهينو ويٺو سنگ اکيڙي، چتون پٽيو چور،

هورڙي ٻلا هور.

(ڄامڙو، 2013: 330)

جڏهن به ڪو فصل ٻڇندو آهي ته جهار وڏندي آهي. مٿي خاص طور تي جوئر جي فصل پچڻ ۾ جهار هڪلڻ جو ذڪر ٿيل آهي. جوئر، پيها، ڪاناٽي، مٿيءَ مان نهيل ڳوڙها (گليلن ڪان وڏا)، جهار (آنُ ڪائيندڙ پکي)، پکين جا نالا: ڪبر، ڪانو، ڳيرا، جهرڪيون، وهنيون، چتون (مِٺو)، انهيءَ سان گڏ هاريءَ جون هڪلون جهار هڪلڻ لاءِ "هورڙي ٻلا هور"، سيئي اسان جي ٻهراڙيءَ جي ڪرت جي عڪاسي آهن.

ويندا وزندار، سدا ڪن سهاڳڻيون،
نٿ، دهري، نصبيون، جهومڪ جلويدار،
ٻئنسر، جولو، ٻوليون، روپيون رائيدار،
ڪنگڻ، ڪڙيون چلڙا، ڪڙيون ڪڙڪيدار،
واليون، پنڙا، ڪيوٽيون، ٻانهين ٻهڪيدار.

(ڄامڙو، 2013: 358)

ان بيت ۾ سنڌ جي زيورن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جيڪي اڪثر عورتون پائينديون آهن، ڪجهه زيور خاص طور شادين مُرادين تي پاتا ويندا آهن.

ڏنئي پاڻ پنهنجن کي دولت تي ڏوڪا،
ليمي کي لڏائي، ڪانديري کي ڪوڪا،
متيري کي ماريئي، ٿاپر کي ٺوڪا،
هاٽي بيزار تومان، خميسو خدن آ.

(ڄامڙو،2013: 360)

ڳوٺاٽي ماحول ۾ وڏيرن جو عام ماڻهن کي آزارڻ جو ذڪر ۽ ڳوٺن ۾ عام نالا: ليمون، ڪانديرو، متيرو، ٿاپر، خميسو، خدن.

ائين سينو صاف ڪر جيئن چنڊي ان کي چَڄُ،
وڏائيءَ کان وڏو، ياءُ پري تون يَڄُ،
چڏ گوڙ غلام چئي، نه واڪا ڪري وَڄُ،

آهين هٽڙي اچ، سپاڻ نه هوندين
سپرين.

(چامڙو،2013: 377)

ڇچ تي ان چندڻ (عورت جي گهرو ڪم جي عڪاسي)، واڪا ڪري وڃڻ (اصطلاح)، وڏائيءَ کان پڇڻ (نصيحت)، اچ هجڻ سپاڻ نه هجڻ (دنيا جي بي ثباتي)

ڏُڏل ڪير ٽٽن ۾، وري نه واپس وري،
ڪو گولي چوڙي گن مان، سگهي پوئتي
ڪين ڪري،
تيئن سورهيه پنهنجي سخن تان ڦِريو
ڪين ڦِري.

(چامڙو، 2013: 390)

ڏُڏل ڪير ٽٽين نه پوي (چوٽي)، جيئن رائيفل جي ڇُٽل گولي واپس نه ٿيندي آهي، ائين بهادر پنهنجي سخن (قول) تان نه ڦِرندا آهن.

(سنڌيءَ جي ريت جو ذڪر)

زمين ڪي هر پلو،
ونيءَ ڪي وَرُ پلو،
مڙس ڪي گهر پلو،
گهر ڪي وري ڌر پلو،
اهڙا ٻڌا ٻول چئجن.

(پٽي، 2017: 77)

زمين لاءِ جيترو هَرُ وڌيڪ هوندو، پوک (فصل) اوترو پلو ٿيندو. سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي ته ”جيترو هَرُ اوترو ڦَرُ“، زال لاءِ مڙس، مڙس لاءِ گهر ۽ گهر لاءِ وري در (لوڪ ڏاهپ)

هي قوم پري ٿي ڪهڙي
ڇَٽي،
سستيون ساريون
مهانگي ڪٽي.
جنهن لاءِ ٻيڙا ٻار پيا لوڙن،
هيرن جهڙيون جنسون
جوڙن،
نسري پوک ته خيما کوڙن،
لسيءَ لپ تي روزا ڇوڙن،
درد انهيءَ آ دلڙي ڦٽي،
سستيون ساريون،
مهانگي ڪٽي.

(لاشاري،2013: 132)

هاريءَ جي دردن جو داستان ته، ڪيئن نه تڪليفون ڪري آنُ اُپائي ٿو. ٻيڙا توڙي ٻار، مايون ڏينهن رات، آڏيءَ، مانجهيءَ لُنڊيون لتاڙي فصل پچائي تيار ڪن ته واپاري پاڻ ۾ ٻَڌي ڪري آنُ (سارين) جو اگهه لاهي ڇڏين، سارين ڪان ڪَٽي به مهانگي ٿي وڃي ٿي.

سنڌ جو هر ساڃاهه وند شاعر، اديب، سگهڙ پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ سان پيار ڪري ٿو، سڀني کي پنهنجي ٻوليءَ جو اونو آهي.

اٿو سنڌي ٻولي بچايو،
جيجان جي اڄ جهولي
بچايو.
پنهنجي تر جا تاڙا ٿي پيا،
ٻول مٺا سپ ٻاڙا ٿي پيا.
دشمن سارا پاڙا ٿي پيا،
ابتي پاسي لاڙا ٿي پيا،
جنهن تي لاڏ اٿوَ سان
لولي بچايو،
اٿو سنڌي ٻولي بچايو.

(محبوب ڏيپر)
(ڏيپر، 2020: 81-821)

## ڳايل عوامي شاعري:

سنڌ ۾ آڊيو توڙي وڊيو ڪئسيٽن جو دؤر اچا ڪونه آيو هو ته مونو تي رڪارڊ ٿيل سنڌي فنڪارن جا ڪلام وڏي شوق سان اوطاقن ۾ ٻُڌا ويندا هئا. (ان وقت گهرن ۾ ڪلام ٻُڌڻ کي عيب سمجهيو ويندو هو)، اُهي فنڪار محفلن ۾ به ڳائي خوب داد حاصل ڪندا هئا. ننڍا ننڍا فنڪار ته هر محفل، ميلي، ملاکڙي ۾ پيا ڳائيندا هئا، پر مشهور فنڪارِ ڪنهن وڏي پروگرام يا ڪنهن زميندار جي شادي مُراديءَ ۾ خاص طور تي گُهرايا ويندا هئا. جن ۾ ڀڳت ڪنور رام، ماسٽر چندر، مائي ڀاڳي، مائي جيوٽي، غلام علي ميراثي وغيره هوندا هئا. توڙي جو انهيءَ دؤر ۾ استاد غلام علي، استاد محمد جمن، استاد محمد ابراهيم بعد ۾، استاد محمد يوسف ۽ وحيد علي وغيره موسيقيءَ جا ڄاڻو، گائڪيءَ جي لئه سُر ڪان واقف، ڪلاسيڪل راڳي هئا. راڳ جا ڄاڻو ۽ فن ڪان واقف ئي سندن گائڪيءَ مان لُطف اندوز ٿيندا هئا. انهيءَ عرصي دوران اڪثر ميلن ملاکڙن، محفلن ۽ هوٽلن تي نورجهان، عنايت حسين ڀٽي، عطاءُ الله عيسيٰ خيلوي سميت انڊيا جي فلمي گانن کي هلايو ويندو هو، پوءِ جيئن جيئن آڊيو ڪئيسٽ جو دؤرو آيو، ته ڪجهه وقت تائين مٿين فنڪارن جا ڪلام هوٽلن تي

ويهڻ وارا هوٽل جي بيري کي چانهه يا مانيءَ جو آرڊر ڏئي کنهن فنڪار جي ڪلام ٻُڌڻ جي فرمائش ڪندا هئا.

جلال چانڊئي جي اُڀري اچڻ کان پوءِ اردو، پنجابي ۽ سرائڪيءَ ۾ ڳائڻ وارن فنڪارن جو سنڌ ۾ اثر گهٽجي ويو. جلال چانڊيو سان گڏ مائي ڀاڳي، مائي جيوڻي، عابده پروين (سندس شمار ڪلاسيڪل راڳين ۾ به ٿئي ٿو)، سيد سليمان شاهه، فوزيه سومرو، روبينه حيدري، گلشير تيوٽو، زرينه بلوچ، مائي امينه ۽ زينب النساءِ، سرمد سنڌي، خورشيد بيگم، منظور سخيراڻي، الهداد زرداري ۽ ڦوٽو زردايءَ سميت ڪيترائي ننڍا وڏا فنڪار جن جهرجهنگ، ميلن ملاکڙن ۽ شادين مُرادين جي محفلن ۾ عوامي شاعري عوامي انداز ۾ ڳائي عام ماڻهن جي اندر جي احساسن جي ترجماني ٿي ڪئي. مٿين سڀني فنڪارن ۾ جلال چانڊئي جو انداز نِرالو هو، جنهن چپڙي ۽ يڪتاري تي ڪلام ٿي ڳايا.

عوامي فنڪارن جي ڳايل عوامي شاعريءَ ۾ سنڌ جي ثقافت، اهڃاڻن، ريتن رسمن جي خبر پوي ٿي ۽ سندن ڪلامن مان سنڌي سماج جو اولڙو پسي سگهجي ٿو. انهيءَ سان گڏ سنڌ جي رهڻي ڪهڻي ۽ ماحول جي عڪاسي نظر ايندي.

مائي ڀاڳيءَ جو مشهور ڪلام:

تارن مان ترندي اچي وو لوڙهه منجهان لڙهندي اچي،
دل ٻاروچل پئي ڪري.

(اصل ۾ تار مان، پاڻي تار گهڻو پاڻي لوڙهه نه لڙ يعني لڙاٽيل، ميرو، درياهه جو پاڻي)

جڏهن ننڍڙي سسئي پيتيءَ ۾ درياهه مان لڙهندي پئي آئي، تڏهن به سندس مَن ۾ ٻاروچل ئي هئو (لوڪ/عشقيه قِصي جو اهڃاڻ)

پٽ شاهه تي باس/سُکا ڏيڻ لاءِ ويندڙ عورتون اڄ به مائي ڀاڳيءَ جو هيٺيون ڪلام سهري ۾ گڏجي چونديون آهن:

پٽ جا پٽائي، پٽ تي وسئي نُور منهنجون تو پڄايون،
منهنجون تو پڄايون، من جون مُرادون،
منهنجون تو پڄايون، دل جون اُميدون.

(بزرگن جي درگاهن تي باسون باسڻ، باسون ڏيڻ، سهرا چوڻ سنڌي ماڻهن جي مزاج ۽ رواج جا اهڃاڻ)

سمن سائين! مان ته گولي غلام تنهنجي دَرَ جي،
مٿيون پريندس مَنَ سان، دليون پريندس دل سان،

سمن سائين! مان ته گولي غلام....

ٻين باسن ڏيڻ سان انهيءَ بزرگ جي درگاهه جون دليون ۽ مٺيون پريون وينديون آهن.

زرينه بلوچ قومي گيتن سان گڏ لوڪ گيت ڳائي عوام ۾ مشهوري ماڻي، ڇو ته قومي گيت ۽ لوڪ گيت عوام جي دلين جي ترجماني ڪن ٿا.

پينر منهنجو ڇلڙو، پاڻيءَ ۾،
اديون منهنجو ڇلڙو پاڻيءَ ۾،
ڪري پيو کوهه ۾ ڙي،
کوهه جي نار ۾ ڙي،
نار جي نسير ۾ ڙي،
لوٽن مان ٿي وريو ڙي،
پيڻ منهنجو ڇلڙو...

مٿين لوڪ گيت ۾ کوهه، جو نار، نيسر، مالهه تي ڪنگريون/لوٽيون ٻڌل جيڪي کوهه مان پاڻي آڻينديون آهن. مٿان سيئي اهڃاڻ ڳوٺاڻي زندگيءَ جا اهڃاڻ ۽ عڪاسي آهن. جڏهن گهرن جو پاڻي به کوهن تان ڀريو ويندو هئو ۽ زمين آباد ڪرڻ جو ذريعو به کوهه هوندا هئا، جيڪي هاڻي گهٽجي پاڳي ختم ٿي چڪا آهن.

اسين ماڻهو لاڙ جا، درياهه جي پاڇاڙ جا،
اترڙو ٿو لڳي، اترڙو ٿو لڳي. من نه منهنجو لڳي.

سنڌ جي هيٺاهين واري پاڳي/لاڙ جو ذڪر، اُتر لڳڻ هڪ ناريءَ جي اندر جي احساسن جي اوت ٿيل. وَر کان سواءِ ڪنهن به شيءِ ۾ دل نه لڳڻ.

زرينه بلوچ سان گڏ مائي امينه ۽ زينب النساءِ جو ڳايل گيت:

مسي مساڳ لاتو ٿئي، ڦهر جو ڪجل پاتو ٿئي،
لونگ ڦوٽا ٿالهيءَ ۾ آڻ ڪنيو ٿي اچان،
لاڏل منهنجو اڳ ۾، آءٌ نچندي اچان،

مسي، مساڳ، ڪجل (سينگار جا اهڃاڻ)، شادين ۾ ڪنواريتن ڏي وڃڻ وڃڻ دوران ٿالهيءَ ۾ لونگ ڦوٽا خشڪ ميوو ڪٽي گهوٽ سان گڏ وڃبو آهي.

(سنڌ جي شادين جي ريتن رسمن جا اهڃاڻ)

ڀڳت ڪنوررام جو مشهور گيت:

نالي الڪ جي ٻيڙو تار منهنجو،
آهيان نڌر نماڻي آهي آڌار تنهنجو،
نالي الڪ جي...

ٻيڙو تارڻ اصطلاح آهي، جنهن جي معنيٰ: مشڪلات حل ڪرڻ، تڪليف مان ڪڍڻ آهي. ڪنهن وليءَ بزرگ جي اڳيان منٿ سماجت آهي ته مشڪل ۾ آهيان نڪري پار پوان.

ماسٹر چندر جي ڳايل شاعريءَ ۾ اسان کي سنڌ جي ريتن رسمن ۽ رواجن جا اهڃاڻ ملن ٿا، انهيءَ سان گڏوگڏ عام جي اندر جي احساسن جي اپٽار ٿيل آهي.

زُنا ئي رهن پر، هجين حياتي،
پلي پيا وڙهن سهڻا،
پلي پيا وڙهن پر هجين حياتي.

اڄ تائين پنهنجن عزيزن توڙي دوستن لاءِ چوٽيءَ طور استعمال ٿئي ٿو ته ”زُنا ئي رهن پر هجين حياتي“.

عابده پروين توڙي جو سنجيده ۽ ڪلاسيڪل فنڪاره آهي، پر سندس ڳايل ڪيترائي ڪلام بيحد مقبول آهن. انهيءَ ۾ سنڌ جو سڏ آهي، مارن جو درد آهي، ڌرتي، قوم ۽ ٻوليءَ سان پيار جو اظهار آهي. سِر گهورڻ جو سودو آهي.

سنڌڙيءَ تي سِر ڪير نه ڏيندو، سهندو ڪير ميار او يار،
سنڌڙيءَ تي سِر ڪير نه ڏيندو....
جهول جهلي جنهن وقت پڻائي، ڪرندا ڪنڌ هزار وو يار،

فقير عبدالغفور ڪان پوءِ سندس ڳايل آهي. جنهن عوامي مقبوليت ماڻي.

هِن جنم هُن جنم، مان وڇن تو کيان،
مان جتي پي هجان، سنڌ تنهنجو ٿيان.

*

جتي يار پيرون پٽن تي پچن ٿا،
اتان منهنجا مارو ميارون منجن ٿا.

گهڙولي سميت ڪيترائي سندس ڪلام آهن، جن ۾ سنڌ جي ولين وڻن، ريتن رسمن، ٻهراڙي وارن جو شهر وارن ۾ پنهنجن عزيزن ڏي ميارون موڪلڻ جو ذڪر ملي ٿو.

خورشيد بيگم جي ڳايل لوڪ گيت ”پائلي“ عوام ۾ ڏاڍو مشهور آهي.

پائلي يعني روپئي جو چوٿون حصو (25 پئسا) ٻه پائليون آڌيو، يعني آٺ آنا، چار پائليون برابر هڪ روپيو. توڙي جو هن وقت سِڪي ڪِرڻ ڪري پائلي يا آڌيا ته آهن ئي ڪون پر روپئي جو به مانُ (value) نه رهيو آهي.

هن گيت ۾ مارن سان محبت جو اظهار ملي ٿو، جن پگهار مان پنهنجي نياڻيءَ ڏي پائلي موڪلي آهي، پرڏجي ويل نياڻين ڪي ڏيڻ/سارسنڀال جي ريت ملي ٿي. انهيءَ سان گڏ پائلي جي اچي هجڻ ڪري سندس پيٺ گوري صاحب ۽ مندم (ميڊم) سان ڪئي وئي آهي.

جهڙي اچي مندم تهڙي<br>پائلي،<br>جهڙو گورو صاحب تهڙي<br>پائلي.<br>پائلي ڙي الا! مون ڏي مارن مُڪي آ پگهار<br>منجهان پائلي.<br>سوني دهري ته جوڙائي<br>ڏيندم اباڻا،<br>پائلي ڙي الا! مون ڏي مارن مُڪي آ پگهار<br>منجهان پائلي.

سرمد سنڌي، قومي گيتن ۽ عام ڳايل ڪلامن ۾ عوامي فنڪار ٿي اُڀريو. سندس ڳايل ڪلامن ۾ اسان کي ڌرتي ۽ ٻوليءَ سان محبت جو اظهار ۽ سنڌ جي ريتن رسمن جي عڪاسي ملي ٿي.

شيخ اياز جو ڳايل گيت

اڙي چنڊ! اڙي چنڊ!، پرين تو ته ڏٺو<br>ناهه،<br>سندس روپ سندس رنگ، ايئن آهه<br>جيئن تون.<br>اڙي نانگ! اڙي نانگ! پرين تو ته ڏٺو<br>ناهه،

سندس ڏاهه، سندس ڏنگ ،ائين آهي
جيئن تون.

محبوب جي سُونهن سوڀيا جي چنڊ سان ڀيٽ ۽ سندس ڏاهه ڏنگ/ايذائڻ جي نانگ سان ڀيٽ ڪئي وئي آهي.

ڪنڍيءَ نه سڱري، ٻير نه پلڙو، سائو نه سلڙو،
چانگو نه چيلڙا، مارو اڪيلڙا مارو...

برسات نه پوڻ ڪري ڏڪر جي عڪاسي جن ۾ نه ڪنڊين ۾ سڱريون آهن، نه ٻيرن ۾ پلڙو آهي، ڪوبه سلو سائو نه آهي، هر پاسي بُک ۽ بدحالي آهي.

زاهد شيخ جي ڳايل لوليءَ ۾ جڏهن فصل تيار ٿئي ٿو ته ٻنئي ۾ ڪيڏي نه ناانصافي ڪئي وڃي ٿي. زميندار سمورو اَنُ ڪٽي وڃي ٿو پر ابتو سبتو حساب ڪري رهندو به قرضي ڪري وڃهي ٿو.

ماءُ پنهنجي پُٽ کي سموري وارتا لوليءَ ۾ ٻُڌائي ٿي:

لولي ڏيانءِ منڙي لولي ڏيانءِ،
لولي ڏيانءِ منڙي...
داڻا ويا سڀ ڏوتا ڪائي، بابل تنهنجي ڳالهه ٻُڌائي،
لولي ڏيانءِ منڙي...
ڏاڍن جي هيءَ آهي مرضي، بابل تنهنجو زوريءَ قرضي،
لولي ڏيانءِ منڙي...

سرڪش سنڌيءَ جي ڳايل گيت ۾ پيءُ پنهنجي پُٽ کي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ وارن جي پارت ڪندي چوي ٿو ته:

هن ڌرتي، ڌرتيءَ وارن جي پٽ پارت ٿئي هر پارت ٿئي،
پُٽ پيار جي پالڻهارن جي پارت...

ڪا اوکي ويل اچين ڪٽي، تون ڊوڙي ٻئي هٿ ڏين ڪٽي،
جي گهرج پوي سر گهورڻ جي، ٿي گهورو سِر گهورين ڪٽي،
هن ويڙهيچن ويچارن جي پٽ....

مان ڏرتيءَ خاطر لِکندو هان، تون ڏرتيءَ
خاطر وڙهندو آن،
او ساهه کان پيارا ويجهو ٿي، رک ڏاڙهيءَ
تي هٿ آن ڏسان،
هن سرڪش سان اِقرارن جي پٽ پارت....
(ڏاڙهيءَ تي هٿ رکڻ: وعدو ڪرڻ، اِقرار ڪرڻ)

فوزيه سومرو عموماً سڄي سنڌ خصوصن لاڙ ۾ مشهور عوامي فنڪاره رهي، سندس ڳايل ڪلام مسافر گاڏين ٽريڪٽرن ۾به جهرجهنگ هلندا رهيا.

الي مُنهنجا ماروئڙا، ماروئڙآ سانگيئڙا منهنجا،
ماروئڙا منڙا منهنجا...

(آخر ۾ پٿائي جو نالو وِجهي ڳائي وئي آهي، جيڪو اصل ۾ پٿائيءَ جو نه آهي) پنهنجي مارن سان سڪ ۽ اڪير بيان ٿيل آهي.

منظور سخيراٽي عوام جو مقبول فنڪار رهيو آهي. جنهن ڪئسيٽ جي دنيا ۾ وڏو نالو ڪمايو. شادين مُرادين ۽ محفلن ۾ ڳائي خوب داد حاصل ڪيو. استاد بخاري، علي گل سانگي، عبدالغفار تبسّم ۽ انور قمبراٽي سميت ڪيترن ئي عوامي شاعرن جي شاعري ڳائي عوام جي جذبن جي عڪاسي ڪئي ۽ گڏوگڏ ريتن رسمن جو ذڪر ڪيو.

استاد بخاري:

مون ڏي نيڻ نه ڪڻ، مون ڏي نيڻ
نه ڪڻ،
دنيا ڏاڍي ساڙولي ٿي، ڏيندئي
ڪانه ڏسڻ،
مون ڏي نيڻ....

اسان سان ڪچهريون ڪريو
دوستو،
هليا وينداسين اوچتو اوچتو،
پڪي شام ڌاري هي ڪيڏانهن
وڃن ٿا،
پوي ڪونه ٿو تن جو ڪوئي پتو،
هليا وينداسين...

(دنيا جو ساڙولو هجڻ، نيڻ نه کٽڻ، ڪچهريون ڪرڻ، پکين جو شام جو پنهنجن واهيرن ڏي ورڻ (زندگيءَ جي شام جا عڪس ۽ اولڙا) زندگيءَ جو اوچتو هٿ مان ڇڏائي وڃڻ جو خوف، دوستن کي خوب ڪچهرين ڪرڻ جو چوڻ).

استاد بخاري جي هي ڳايل ڪلام:

اڄ دل ٿي چوي ڳايون، اڄ دل ٿي چوي ڳايون،
ڪجهه ياد آئي يا نه، ننڍڙي واريون ڳالهيون.
ڪيئن پير ٻلي ڳوليون، ڪجهه ياد اٿئي يا نه،
ڪِت ڪِت ڪت ڪتڪايون، اڄ دل ٿي...
تو نڪرڻ کان بس ڪئي، ڪجهه ياد اٿئي يا نه،
مون ڪيڏڻ کان بس ڪئي، اڄ دل ٿي...
(منظور سخيراڻيءَ جو آواز)

ننڍپڻ واريون ڳالهيون پنهنجي محبوب کي ياد ڏيارڻ، ڳوٺاڻي ماحول جي عڪاسي، ”ٻلي پير ڳولڻ“ جنهن ۾ اڳلي جي هٿ جي تريءَ کان هٿ رکي، هٿ جي آڱرين تي آهستي آهستي ٻانهن ڏي مٿي چڙهڻ ”ٻلي پير ٻلي پير“ چوندي بغل تائين پهچي ”اوهيو اوهيو“ چوڻ ڪتڪتايون ڪڍڻ.

ننڍڙي عمر ۾ ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون ڳوٺن جي گهٽين ۾ گڏ راند ڪيڏندا آهن، پوءِ جڏهن مالڪ سمجهندا آهن ته ڇوڪري هاڻي وڏي ٿي وئي آهي ته ان جو ٻاهر نِڪرڻ بند ڪندا آهن، يعني ستر/پردي ۾ ويهاريندا آهن، مٿين ڪلام ۾ ڳوٺاڻي زندگيءَ جي ڀرپور عڪاسي ڪئي وئي آهي.

پنيورين جي راند ۾ پٽيندي گُل پلاند ۾،
او پوپري او جل پري، جي تون ڪنڌن ۾ پئين ڪِرين،
جي تون ڪنڌن ۾ پئين ڪِرين ته لڙڪ لاڙيندي نه ڪر،
سڪي ستائيندي نه ڪر، سڪي ستائيندي نه ڪر.

(عبدالغفار تبسّم جي ڳايل شاعري، منظور سخيراڻيءَ جي آواز ۾)

ڀهراڙيءَ ۾ پنيورين جي راند ڪيڏي ويندي آهي. لوڙهن، پٽين ۽ وڻن تان پنيوريون ٻار پڪڙيندا آهن، پنيورين جي نر کي حجم سڏيو ويندو آهي. ناڙي يا ڪنهن ٻي ول جا گل جهولي ۾ پٽيا ويندا آهن.

انور قمبراڻيءَ جي ڪيترائي ڳايل عوامي ڪلام آهن.

الله جا بجا شڪر سڄي رات
ڪنداسين،
جي پرچي پوي يار ته خيرات
ڪنداسين.

(منظور سخيراڻيءَ جو آواز)

ناراض محبوب جي پرچي ته الله جا شڪر ادا ڪرڻ ۽ خيرات باسڻ .

جلال چانڊيو سنڌ جو اهو واحد فنڪار هُيو جنهن هڪ نئين انداز سان چپڙي يڪتاري تي جهرجهنگ شادين مُرادين جي محفلن، ميلن ملاکڙن ۽ ريڊيو، ٽي. وي تي ڳائي عوامي مقبوليت ماڻي. سندس ڳايل ڪلام عوام جي دلين جا ترجمان بڻيا. هُن عام جي اندر جو آواز عام سادن لفظن سان عوامي لهجي ۾ ڪيو. سندس ڪلامن ۾ سنڌ جي ريتن رسمن جو ذڪر وڇوڙي جا ورلاپ ۽ وصل جون وايون ملن ٿيون.

اڄ منهنجي اک تي ڦري، اڳڻ تي
يار ايندو،
اڱڻ تي يار ايندو، مٺو منٺار ايندو.
اڄ منهنجي....

(جلال چانڊئي جو آواز)

(اک جو ڦرڻ: ڪنهن مهمان، مٺ مائٽ محبوب جو اچڻ)

گج گج گوڙ، ڪاڇا ٻوڙ يار وطن
ول آوي،
يار وطن ول آوي پاڪر پاڳل لاوي.
(علي حسن ٻبر)

(جلال چانڊيي جو آواز)

ڪاڇي ۾ برسات نه پوڻ ڪري ڏڪر واري صورتحال هوندي آهي. مالوند ماڻهو لڏو ڪٽي پڪي تي ويندا آهن، مينهن وسڻ ڪري جڏهن ڪاڇو ٻُڏندو آهي ته واپس ورندا آهن، ٻنا ڪاهيندا، فصل پوکيندا آهن.

ڏينهن جو وهايان ٽريڪٽر ٽرالي، رات جو گوبل سورنهن ٿالي،
توڏي ڪيئن اچان مان، مونکي ٽيم نٿو ملي جاني...

ٽريڪٽر جي ڊرائيور جي اندر جو حال پنهنجي محبوب اڳيان جيڪو سچو ڏينهن ٽريڪٽر هلائي ٿو، رات جو گوبل هڙ سورنهن ٿالين وارو هلائي ٿو.

(جلال چانڊئي جو آواز)

دل گهريو آ ڪا گهڙي دلبر وٽان ٿيندا هلون،
چئن منٽن جو چڪرڙو، يار ڏانهن ٿيندا هلون.

معاف ڪجانءِ مان پلجي پيو هان تو جهڙو آ منهنجو يار،
تو جهڙو آ منهنجو يار، تو جهڙو آ منهنجو يار.
معاف ڪجانءِ مان...

(عوامي ٻولي ۾ انداز)

دغا باز دلبر دلاسو ڀلي ڀلو ڏئي،
لکن جي ڪسين وئين دلڙي ٽڪي جو ڇلو ڏئي.

(غلام حيدر گجو)

ٻي ڪئسيٽ ۾ غلام نبي مهيسر جو ڳايائين.

لکن جو ڇلو آ ٽڪي جو ڪيئن پانيان،
سچڻ جي نشاني سيني سان لڳايان.

ڇلو سنڌ جي هڪڙي روايت جنهن ۾ محبوب کي نشاني طور ڇلو ڏنو ويندو آهي، انهن جي اهميت ۽ قدر اُهي ئي ڄاڻندو آهي، جيڪي سوکڙي طور ڏيندا آهن ۽ جن کي سوکڙي طور ڏنو ويندو آهي.

ايڏي دير ڪري پو ٿا يار اچو،
نه ٿا سار لهو ته ڪو مُئو يا بچو.

(پنهنجن کي گهٽ ملڻ يا دير سان ملڻ تي ڏوراپو)

(آواز جلال چانڊيو)

ڪيئي خيراتيون ڪيم باسيم سڪائون سؤ هزار،

مون گھٽايو ڪينڪي آهي ملڻ جي
واسطي،
منهنجا سڄڻ ايندي ڪڏهن مون ڪان پُڇڻ
جي واسطي.
(شاعر: دادن فقير)
(محبوب سان ملڻ لاءِ خيراتون ڪرڻ ۽ سکائون باسڻ)
هُن جون ملمون هُن جون پٽيون، هُن جا
بُرڪا ٻي طرح،
غم دنيا ۾ ٻيا گھٽا پر عشق جو غم ٻي
طرح.
(سنڌ جا اُهي جراح/حجم جيڪي وڍ ٽُڪ ڪندا هئا، ملمون هٽندا هئا، بُرڪا ڏيندا هئا ۽ پٽيون ٻڌندا هئا، جدائيءَ جي زخمن تي ملمون پٽيون بُرڪا ٻي طرح هوندا آهن.)

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ عوامي شاعريءَ جا نمونا ۽ ثقافتي جماليات:

ويهين صديءَ جي پوين ٽن چئن ڏهاڪن دوران سنڌ جون سياسي حالتون ڳنڀير هيون، سنڌي ڪتابن تي بندشون لڳيون، اديبن ۽ شاعرن کي جيلن ۾ بند ڪيو ٿي ويو. سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ثقافت تي بندش ۽ پوسٽ جي لفافن تي به "سنڌ" لِکڻ ڏوهه لِيکيو ٿي ويو. اهڙي صورتحال ۾ اسان جي قوم شناس ۽ وطن دوست اديبن ۽ شاعرن ادبي تحريڪن جي سرواٽي تي ڪئي ۽ اول دستي جو ڪردار ادا ٿي ڪيو، جيلن جو عقوبتون سَهندي اهڙو ته نثر ۽ نظم سرجيائون جو اُهي اڄ به ادبي تحريڪن جا سرواڻ سَڏجن ٿا.

ابراهيم جويو لکي ٿو ته، "سچن شاعرن ۽ اديبن جي ئي دلين ۾ پنهنجي وقت جا پڙاڏا گُونجندا آهن ۽ اُهي ئي پهريان وقت جي زخمن جو رَت رسندي ڏسندا آهن ۽ انهن کي چيِنڻ ڏانهن به انهن جو ئي ڌيان رهندو آهي، بلڪ ان کي هي پنهنجي مخصوص ذميداري سمجهندا آهن." (جويو، 2015ع-13)

جديد سنڌي شاعريءَ جو جدِ امجد ڪشنچند بيوس کي سڏيو وڃي ٿو. بيوس جي سموري شاعريءَ ۾ نِج سنڌي لفظ ۽ ٻهراڙيءَ جي ماحول جي عڪاسي، ريتن ۽ رسمن جو ذڪر ملندو.

ٻهراڙيءَ ۾ وڻن تي رَسا ٻَڌي پينگهه ٿاهي ٻار راند ڪيڏندا آهن، ٻيءَ کي لوڏا ڏئي پوءِ پنهنجي واريءَ جو انتظار ڪندا آهن.

وڻ ڪندا ها وڙ، وڏو وطن وارن تي،
پختي لڙڪي پينگهه تي، ڏاڍن ڏارن

تي،
هڪ هوڏ هلي ٿي لوڏ تي، پيو وڙهن
وارن تي،
ٻاجهون ٻارن تي ڇٽن ڇايا سان ڪيون.

(بيوس، 2001: 35)

جديد سنڌي شاعريءَ لاءِ تاج جويو لکي ٿو ته، ”سنڌي شعر جي نئين سجاڳي (نشاة ثانيه) جو بنياد ڪشنچند بيوس وڌو. هن نه رڳو ڪلاسيڪي دؤر جي صحتمند روايتن سان ناتو جوڙي سنڌي شعري تاريخ جي ٽُٽل ڪڙين جو تسلسل ملايو پر جديد شاعريءَ جي پيڙهه جو پٿر پڻ رکيو. ائين ڪشنچند بيوس جي ڪوتا گلابي واٽ ڪي شيخ اياز، عبدالڪريم گدائي، نارائڻ شيام، هري دلگير، نياز همايوني، تنوير عباسي، ذوالفقار راشدي ۽ استاد بخاريءَ پنهنجو ڪيو، اڳتي هلي سنڌي جديد شاعريءَ جي دنيا ۾ گهڻ پهلوئي انقلاب اچي ويو، نه صرف بيت ۽ وائيءَ جي شاعري نئين انداز، نئين موضوع ۽ نون مسئلن کي ساڻ کڻي زندهه ٿي وئي پر نين شعري روايتن ۽ نين صنفن به جنم ورتو.“ (تاج جويو، 97-98)

ائين سنڌي شاعريءَ ۾ نَواڻ ۽ تازگي آئي، خواص جي محفلن مان نڪري عام محفلن جي موضوع جو مرڪز بڻي. ادبي ويهڪون شروع ٿيون، اپياسي ويهڪن ۾ شاعري پيش ڪري، ان جي فن ۽ فڪر تي ڳالهايو ويندو. هُيو ائين نَون شاعرن جي تربيت ٿيندي رهي ۽ هڪ ٻئي کان اتساهه به ملندو رهيو. سنڌي شاعريءَ کي پنهنجو ماحول مليو، پنهنجي ٻوليءَ جو واس، تشبيهون، استعارا، ڳوناٽي زندگي ۽ شهري زندگيءَ جا عڪس، ريتن رسمن ۽ رواجن جو فڪر، اهڙيءَ طرح سنڌي شاعريءَ پنهنجو دڳ ورتو. ”سنڌي شاعريءَ جي انهيءَ انوکي دڳ تي هلي جديد شاعريءَ جون به چار ڪيپون ميدان تي آيون آهن، جن جديد شاعريءَ کي اُها سگهه بخشي آهي، جو اسان پنهنجي ”نئين شاعري“ وڏي فخر سان دنيا آڏو پيش ڪري سگهون ٿا. اُها به ڳالهه آهي ته نواڻ ۽ جدت جي نالي ڪيتري شاعري ڇُسي ۽ بي روح به پيش ٿي رهي آهي، پر تاريخ جي تيز تند طوفان ۾ ڪک ڪانا لڙهي ۽ اُڏامي ويندا آهن ۽ صرف اُهي آواز دائم ۽ قائم رهندا، جيڪي دائمي قدرن جي نمائندگي ڪندڙ شاعري کن ٿا ۽ خليفي نبي بخش جي هيءَ سِٽ اسان جي رهنمائي ڪندي رهندي ته
ويا اُڏامي ڪَک، پڙ تان پاهڻ نه چري“

(جويو، 1996: 133)

جتي جيجل ٿي ڏني جهوليءَ ۾ لولي،
ٽڙي ٻنڌٽن ۾ ٻڌي، طوليلي ٻولي.

منڙي ٿي مون مان تان وئي گهڙيءَ ۾
گهولي
چِلڪي سان چولي، بيوس وهي وطن
ريءَ

(بيوس، 2001: 35)

ماءُ جي لولي، ٻنڌڻ (اهڙو ڪپڙو جنهن سان ننڍڙي ٻار جون ٻانهون ٽنگون بند ڪري کيس سُمهاربو آهي)، (ٻهراڙي ۾ ريتن رواجن جا اهڃاڻ)

مان آهيان وڏوا جو
ڳوڙهو
سُڏڪن کان ٽيو، سينو
سوڙهو،
گهٽ ٻُوسٽ مان ٻاهر
نڪران،
ڪيئن لتاڙيان لڄ جو
لوڙهو.

(فاني، 1995: 160)

(اندر جا احساس، ڏُک پيڙا، بيوهه جو ڳوڙهو، سينو سوڙهو، لڄ جو لوڙهو (اصطلاح)

ڪوهه مان لوٽيون پريون نيٺ خالي
سي ٿين،
ٿو ڳڙي گاڏو دنيا جو، دم قري فرمان ۾.

(فاني،1995: 100)

(”ٻهراڙيءَ جي عڪاسي“ ڪوهه مان لوٽيون پرڻ، دنيا جو گاڏو گڙڻ (اصطلاح)

انهيءَ کان سواءِ فاني جي شاعريءَ ۾ اسان کي ”هئٽ ۽ پٽڪي جو جهڳڙو“ وارو نظم ملي ٿو، جيڪو نِج عوامي انداز آهي، جنهن ۾ هئٽ (ٽوپي) پنهنجون خوبيون ۽ خاصيتون ٻُڌائي ٿو ۽ پٽڪو پنهنجو شانُ مانُ عزت ۽ وقار ٻُڌائي ٿو، آخر ۾ پٽڪو کٽي ٿو وڃي، مٽيون، سگهڙائپ واري شاعريءَ جو نمونو آهي.

فاني مذهبي ڀائپي ۽ ڀائيچاري جي ڳالهه ڪندي چوي ٿو ته،

شمع مندر جي ڪٽي شعاع ٿو مسجد
کي ڏئي،
قومي اتحاد جا ڏس، ڏِس ته ڇا ڏيندو
ٿو وڃي.

(فاني، 1995: 123)

ڌرتيءَ جي حقن خاطر ماريل ماڻهو، سندس لاش سنسان راهن ۾ آهن:

ڏني جان جن هُئي وطن
واسطي،
رُلي لاش تن جو ڪفن
واسطي،

(فاني، 1995: 144)

مڙس، مهاندو ويڙهي
ويٺا،
ڪنهن جي ڪير سُڃاڻي
ذات.

(فاني-1995ع-53)

قاصد ڪانگ اُڏامي آيو،
ڪوڙي "ڪان ڪان" من
پرمايو.

(فاني، 1995: 40)

ان ڪنير تان قربان
جنهن مٽيءَ مان جڳ
جوڙيو،

(فاني، 1995: 17)

مڙس، مهاندو، ڪانگ، ڪان ڪان، قاصد، ڪنير، مٽي (ٻهراڙي جي زندگي جي عڪاسي جا اهڃاڻ)،

جديد سنڌي شاعريءَ جي سرواڻ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ سنڌ سان محبت ۽ سنڌ ڌرتي جي وڻن، ٻوٽن ۽ گلن جو واس ملندو ۽ سنڌي ريتن رسمن جي عڪاسي ملندي، ٻهراڙي توڙي شهري ماحول جي رواجن جو ذڪر ملندو.

"اسان جا بيت سنڌڙيءَ جي چُنيءَ جون ڦلڙيون آهن، انهن ۾ هن ڌرتيءَ جي اٽت آهي، اُهي صدين کان اسان جي عوام جي روح ۾ رَمي چُڪا آهن. توڙي جو اسان انهن ۾ جديد دؤر جي تقاضائن سان مطابقت پيا ڪيون ٿا، تڏهن به انهن ۾ ڪا اجنبيت محسوس نٿي ٿئي." (شيخ اياز-1999ع-16)

شيخ اياز جي شاعري به هن ڌرتيءَ مان ڦُٽي نڪتي آهي، ان اپڳل پونءِ جي خوشبوءِ آهي. "سنڌڙي جي چُنيءَ جون ڦلڙيون" آهن، سنڌ جي درد جي دانهن آهي، امن پائپي ۽ پائيچاري جي ڳالهه آهي، سنڌ جي ريتن رسمن جو

ذڪر آهي، انسانيت آهي، پرمار تي ڦٽڪار آهي، محبت سوز ۽ ساز جو ذڪر آهي. حقيقتن جي عڪاسي آهي.

گهڙو جيئن گهڙا منجيءَ،
ڪڄندي پورا ٿي،
پڄندي پورا ٿي، ائن ٿو آخر
آدمي.

(اياز، 1992: 39)

چوڙيون چنڊ جئن ٽُٽيون
آهن.
ٻانهن ڪي ايترو مروڙيو
ٿئي،
هاءِ ميهار ٻئنسري
تنهنجي،
ايترا سڏ، اڃ ته ٻوڙيو ٿئي.

(اياز، 1992: 197)

ڇا ڪڏهن اي چمار-
پاچاري
جند تو مان وهي وهي
ڇٽندي

(اياز، 1992 :212)

گهڙو: دلو، گهڙا منجي: ڇئن ٽنگن تي ڪاٺ جي ٺهيل جنهن تي گهڙا رکيا ويندا آهن (ٻهراڙي زندگيءَ جا اهڃاڻ)

ٻانهن ڪي مروڙڻ سان چوڙين جو ٽُٽڻ، ميهار، ٻئنسري، ميهار جا سَڏ، سهٽيءَ جو ٻُڌڻ، پاچاري ڪاٺ جي ٺهيل جنهن ۾ ڏاند جوٽيا ويندا آهن. هَرَ لاءِ يا گاڏيءَ لاءِ. چمار پاچاري مرڪب لفظ، وهي وهي، هلي هلي (سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ، ڪرت ۽ ڪم جا عڪس( نج سنڌي لفظ ۽ ماحول جي عڪاسي)

آ هڪ وڳو تون جاڳين ٿو.
رڪشائون آهن رستي تي،
ڪن ننڊ پيا ڦٽ پاٽن تي،
ڏس ڪيئي بستر سستي
تي،
هو اڄ سپاٽي ڪان آجا،

ٿي ڪنهن به نڪاٽي ڪان
آجا،
ڪائي به سوڙ ڪائي به
رلي،
آڪاس سِوا تن ناهه ملي،
هي انگ اُگهاڙا آهن سڀ،
ڄڻ ڪاٺ ڪُهاڙا آهن سڀ،

(اياز، 1993: 304،303)

(ٽين دنيا جي شهري زندگيءَ ۾ فوٽ پاٿن تي ستل مسُڪين ماڻهن جي زندگيءَ جي عڪاسي)

ٽتيءَ ۾ گهڙو ڪا پري تي
پئي،
ٽري سُونهن چمڪا ڪري ٿي
پئي،
اهو ڪانڌ کهڙو انهيءَ کي
ڏسون،
سهاڳڻ ته ٻهه ٻهه ٻري ٿي
پئي.

(شيخ اياز)

ٽري عورت جي سُونهن سوڀيا جو ذڪر، ڏرتتيءَ، گهڙو پرڻ، ڪانڌ (مڙس)، سهاڳڻ (شادي شده عورت) جو ٻهه ٻهه ٻرڻ انتهائي خوبصورت هجڻ (ٽري ماحول جي منظرنگاري)

مايا ته مساڳ جيان آهي،
ڪجهه وقت ڏئي ڳاڙهيرا
چپ،
پوءِ رنگ ڦٽائي ٿي تن جو،
ٿو ڪوبه چُمي نه ڦڪيرا
چپ.

(اياز، 1993: 309)

مساڳ (هڪ وڻ جو چوڏو)، ڪجهه مايون چپن/ڏندن کي هٽنديون آهن، جنهن سان ڏند اڇا ٿيندا آهن ۽ چپ ڦڪيرا ٿيندا آهن (عارضي سُونهن مايا جو مثال)

اڄڪلهه آهن ڄنگهه ۾، چرين ڪي
چوڙا،
ٻرن ٽا ٻوڙا ٻيهر آرهڙ اس ۾،

(اياز ،1991: 91)

ڄنگهه ۾ چرين ڪي چوڙا، سنڌي چوٽي ”چرين ڪي چوڙا ڪڍهن ٻانهن ۾ ته ڪڍهن ڄنگهن ۾“ ڄنگهه، چوڙا، ٻوڙا آرڙهه اس (نج سنڌي لفظ)

هيءَ جا اسر وير ڪُنيءَ مانڌاٽي،
نڪتي ان مان سِج جيئن مکڻ جي
چاٽي،
جيڏا تنهنجي جوءِ ۾.

(اياز، 1991: 100)

(ڪنيءَ (پارو)، مانڌاٽي، مکڻ چاٽي)

روشنيءَ سان ڀُڪ مليو پرجي
فقط
هٿ کٽي اُپ ڏانهن ٻاڏائي ڏنم

(شيام،1997: 22)

حسن ته ڪويل! جادو آهي
جادو تنهنجي ڪُو ڪُو آهي
(حقيقت جي عڪاسي)

(شيام، 1997: 119)

چيٽ ٻپهري، واءُ ڏکڻ جي،
ڦهلي روشن خوشبوءِ آهي.
ويراني، ڪنڊيءَ تي ڳيرو،
مان آهيان هُو هُو آهي.

(شيام، 1997: 127)

گنگا جمن امرت،
ليڪن ٿچ ته سنڌو آهي.

(شيام، 1997: 118)

حُسن برابر جادو آهي، پر ڪويل جي ڪُو ڪُو ۾ به جادو آهي. چيٽ، ٻپهري ڏکڻ جو واءُ، خوشبوءِ جو ڦهلجڻ، ويراني، ڪنڊيءَ جو وڻ، ڳيري جي هُو هُو، گنگا، جمنا سنڌو (ندين جا نالا)، ٿچ (ماءُ جو ٻار کي کير ڏيڻ/سنڌ جي ٻهراڙي ماحول جي عڪاسي. پکين جا نالا، انهن جون ٻوليون، ندين جا نالا، سنڌ امڙ سان لافاني محبت جو اظهار).

ساز جي تند تپائي
رکجائنءِ،
ولهه ۾ مڇ مچائي
رکجائنءِ،

(حسيني، 2012: 351)

ساز، تند، ولهه، مڇ. اُهي عام سنڌي سماج جون علامتون (Symbol) آهن. ٿڌ جي موسم ۾ بغير اجهي اوٺ جڏهن پارا پوندا آهن تڏهن ٻهراڙيءَ جا ماڻهو مڇ ٻاري چوڌاري ويهي پاڻ کي سيڪا ڏيندا آهن. هاري ناري ٻنين تي ڪٽڪ کي پاٽي ڏيارڻ ويندا آهن ته وِلهه ۾ مڇ ٻاري ٿڌ جو اثر گهٽائيندا آهن.

پرت جي پڙ ۾ متا پير
رکين،
جي رکين ڳائي وڄائي
رکجائنءِ،

(حسيني، 2012: 351)

پڙ جنگ جو ميدان جتي سورهيه پنهنجي سورهيائيءَ جو مظاهرو ڪندا آهن، پڙ، ملاکڙي جي ميدان کي به چيو ويندو آهي ۽ ڪنهن بزرگ جي درگاهه جي احاطي کي به پڙ سڏيو ويندو آهي. ڳائي وڄائي، اعلان ڪري منادي ڏيارڻ سنڌي عوامي شاعريءَ جا نمونا آهن.

تاڏي تو دنبوق سڏي
ڪئي،
جاڏي ڪوئي هنج اُڏاڻو،
جڏهن جڏهن به بلاول
چاڙهو،
تڏهن تڏهن تو کوڙيو
گهاٽو،
پوءِ سچ ته سورج وانگي،
ڪونه اجهاڻو ڪونه
اجهاڻو.

(حسيني،2012: 199)

دنبوق (عام ٻهراڙيءَ ۾ بندوق لاءِ استعمال ڪيل لفظ/هنج (پکي)، بلاول (قومي ڪردار)، گهاٽو تڪليفون ۽ اذيتن جي جاءِ، گهاٽو جنهن ۾ سرنهن وِجهي تيل ڪڍيو ويندو آهي، مخدوم بلاول کي پنهنجي ڌرتيءَ جي ماڻهن سان عشق

جي ڏوهه ۾ گهاٽي ۾ وڏو ويو هو. سچ کي سچ سان ڀيٽ، جيڪو ڪڏهن به نٿو اجهامي.

راٽا ٻٽجي ويا اگهامي،
ڪوجها توٽي ڪاٽا
سائين.

(حسيني 2012 : 285 )

(ڪوڙ ڪلفت جي هلندڙ ڪاروبار ۾ مجموعي روش)

ڪچ ڪي ڪچ چوڻ جي
سچ ۾،
نڪري ويندا ڏاٽا سائين.

(حسيني، 2012: 285)

ڏاٽا نِڪرڻ اصطلاح آهي، ماڻهوءَ کي انتهائي اذيت مان گذرڻو پوي ٿو، ڪوئي پرمار ڪنهن مظلوم کي ڏڙڪو ڏيندو آهي ته چوندو آهي ”ڏاٽا ڪڍي ڇڏيندو سانءِ.“

اڄ وري اتر ڪنان ڪا ڪونج ڪُرلائي
پئي،
ٻاٽ آهي واٽ ان ۾، لاٽ ڪا جرڪي
پئي،
روح ۾ مينديءَ رتي خوشبو ويي
اوتجي،
لال ۽ ڪُنيي لهوءَ ۾ لات ڪا لچندي
وجي.

(حسيني، 2012: 319)

ڪارو ڪاري جهڙي ڪرپناڪ ريت، گُهٽ ٻُوسٽ واري ماحول ۾ پيار جي اظهار جهڙي ڏوهه ۾ نوجوان ناريون پنهنجن جي ئي هٿان ماريون ويندون آهن، جن کي رات جي اونداهيءَ ۾ ماري لاش لوڙهيا ويندا آهن يا ويران هنڌن تي اُڇلايا ويندا آهن.

ناريءَ کي ڪونج سان ڀيٽ، جيڪا ريتن جي اونداهي سماج ۾ لاٽ جو ڪردار ادا ڪندي، ٻين نارين کي همت ۽ حوصلو ڏئي ٿي، سندس مَنَ ۾ ميندي‌ءَ جهڙي خوشبوءِ (جيڪا هر ناريءَ جي هٿن پيرن جي آس هوندي آهي) اويل اٿس.

**بُک:** بُک انساني سماج جي اهڙي جبلت آهي، جنهن کي دنيا اندازاً آسي سيڪڙو آبادي مُنهن ڏئي رهي آهي، دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو مسئلو کاڌو خوراڪ جو آهي، فاقاڪشي، بُک، افلاس، قحط ساليءَ ۾ انساني زندگيون هڏاوان پڃرا لڳنديون آهن.

ٻُک دنيا جي شاعريءَ سميت سنڌي شاعريءَ جو به اهم موضوع رهيو آهي. ڀٽائي به پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻُک کي ڳايو.

طَلَبَ نه رَڳَنِ طَعامَ جِي، اوتِيو پِيَنِ اُڃَ.
ٻُکَ مَرَندي ڀِکيا، ڪَنهن کان ڪِينَ
گهُرَنِ.

(ڀٽائي)

يا

جَنين الڪو آهه، گَندِي ۾
گِراهُه جو،
اُنهن کان اَللهُ، آڇا آڳاهوُن
ٿِيو.

(ڀٽائي)

شيخ اياز چيو ته،

سدا آهي ساهه کي، ڳيي جي
ڳولا،
ڍءُ بنا ڍولا، ڪانهي ساڃاهه
سُونهن جي.

يا

آ گدري جي ڦار امان چنڊ، اڄ ٻُک به ڏاڍي آ.

اياز گل چيو ته:

ٻُکي نينگر چنڊ تڪيو پئي،
گولا لڳس ٿي ڊٻڙيءَ وانگي،

امداد حسيني چئي ٿو:

رات جي دانگي مٿان،
چنڊ جو لول ٿقيل،
اڌ ڪچو ۽ اڌ سڙيل،
۽ ستارا ٻار،
ٻُک کان پاهه،
چوڌاري مڙيل،
اوچتو ڪارو ڪڪر،
هڪ راڪشس،
آيو ۽ لولي کي ڳهي ويو.

(حسيني، 2012: 119)

منهنجي خاموش زندگيءَ ۾ اچ،
ڇڄ ڳالهين جا پري سائين.

(اياز گل، 1996: 125)

ڏکڻ مُنهنجي ذات جا گُهل گهڙي کن گُهل،

(اياز گل، 1996: 123)

ڇڄ ڳالهين جا اصطلاح آهن، گهٽيون ڳالهيون ڪرڻ، ذات کي ڏکڻ جي هوا گهلڻ سان ڀيٽ (ٻهراڙي جي ماحول جي عڪاسي)

مون لاءِ مري وئين
تون،
هُن تار اماڻي آ.

(اياز گل) (ڳايل شاعري)

ٽيليفون جي عام ٿيڻ کان اڳ تار موڪلڻ پيغام رساني جو ذريعو هئي.

گونجارا مسيت جا دهشت ڦهلائين،
شهر ته ڏاڙهن ٿا.

(سومرو،1996: 112)

مسيت (عام سنڌي لفظ)، دهشت ڦهلائين، امن ڀائپي ۽ ڀائيچاري بجاءِ نفرتون ڦهلائڻ، ڏاڙهڻ، چڪ هٽڻ، شهري ماحول کان بيزاري (هاٽي ته گونجارا ٻهراڙيءَ جي مسيتن ۾ به عام ٿي ويا آهن).

رلي سبي ٿي،
۽ ڪا ساري ڳالهڙي،
پوڙهي سُڏڪي ٿي.

رلي جو سُبڻ (ٻهراڙيءَ جي عورتن جي واندڪائيءَ جي ڪرت)

(سومرو، 1996: 113)

اڪثر اباڻن کي ساري عورتون روئي پونديون، آهن ۽ وڇڙيل اولاد کي ساري به سُڏڪا ڀري روئي پونديون آهن (ٻهراڙي جي ماحول جي عڪاسي).

اڄ جي دؤر ۾ هر آئي ڏينهن، جنم ڏينهن جي ڪانه ڪا تقريب ٿيندي آهي. اُهي سڀئي تقريبون به خوشحال ماڻهن لاءِ آهن، ڪڪائين جهوپڙين ۾ جتي بُک ۽ افلاس کان سواءِ ڪجهه نه هجي، اوتي ڪهڙا ڪيڪ ڪٽجن، ڪهڙا جنم ڏينهن ملهائجن.

ڪکاين جڳهين ۾ جنم ڏينهن
ڪهڙا،
جتي هر خوشي ٿي اچڻ کان
لنوائي.

(سومرو، 1996: 116)

”سينڌ ڪڍڻ“ سينگار جو اصطلاح آهي، پر ”سينڌ ڏيڻ“ عورت جو وعدو ڏيڻ، اقرار ڪرڻ آهي.

سينڌ تي هٿ رکي چئه
نه! چئه!
چنڊ ڏسندو ته ايندينءَ
هلي.

(سرڪش، 1993: 154)

سينڌ تي هٿ رکي اِقرار وٺڻ ته جڏهن چنڊ ڏسبو، يعني ايندڙ قمري مهيني ۾ اچي ملڻ. عورت سينڌ تي هٿ رکي اِقرار ڪندي آهي، جيئن مرد ڏاڙهيءَ تي هٿ رکي وعدو ڪندو آهي.

وجن ٿيون ته جيڪي ڦِري
سينڌ تان،
پون ٿا پو ويسهه ڪري
سينڌ تان،
اُهي ئي رهن ٿيون سدا
سرخرو،
ڏين ٿيون سُري جي سِري
سينڌ تان.

(علي گل ڪوسو)
(روبرو ٻُڌايو ويو)

سينڌ تان ڦِرڻ، اِقرار/وعدي تان ڦرڻ، پوءِ اهڙين جي وعدي تي اعتبار نٿو رهي ۽ اهڙيون عورتون هميشھ سرخرو ٿيون رهن، جيڪي پنهنجي ڏنل سينڌ تان جان به گهوري ٿيون ڇڏين.

سينڌ! توکي سينڌ ڏيان ٿي،
تنهنجي هان اقرار ڪيان ٿي،
جي تون چئين ته ڏيانءِ لکت
۾،
سڙنديس پئي نه ته ٻي
صورت ۾.

سينڌ ڏيڻ اِقرار ڪرڻ، لکت ڏيڻ (موجوده دؤر جي روش)، لِکت ۾ پڪو اِقرار ڪرڻ.

(عاجز،2019: 44)

اُڪريا ٻير ۽ لوڙهه لهي ويا، ڪٽڪن سنگ پچايا،
پرين اجا به نه آيا.
(سرڪش،1993: 129)

سوگهي رکٽي پوندي ڌرتي
غير ڪان،
ڏائڻ جي اک هوندي آهي
هانوَ ۾.
(سرڪش،1993: 107)

ٻيرن جو اُڪرڻ، لوڙهه لهڻ، ڪٽڪن جا سنگ پچڻ، ڏائڻ جي اک، هانو (ٻهراڙيءَ جي موسم، فصلن جو تيار ٿيڻ ۽ ٻير لوڙهه ٻهراڙيءَ ۾ ٿيندڙ شين جو ذڪر).

ڌرتيءَ خاطر مان جي
وڙهندي مارجان،
تون سَوين ڏيئا پِتين تي
ٻارجان،
جڏهن آزاديءَ جو اعلان ٿئي،
ڪير جي گاگهر قبر تي
هارجان.
(ڳايل سرمد سنڌيءَ جو)

ڌرتيءَ خاطر مارجي ويل، ماڻهوءَ جي ياد ۾ پِتين تي ڏيئا ٻارڻ يا هاٿي تصوير رکي ڏيئا/ميڻ بتيون ٻاريون ويندون آهن. مري وڃڻ کان پوءِ به ڪائي آس، اُميد پوري ٿيڻ تي، انهيءَ جي قبر تي ڪير جي گاگهر هاربي آهي (سنڌي رسم)

منهنجي سامهون سخت
ڪمند جون،
ڇيتيون نيٺ ڇليندي ڇو آن؟
ڳوري مُهري ساڻ پگهر جي،
ساريون پاڻ ڇڙيندي ڇو آن؟
(بخاري، 2016: 111)

ڪمند جون ڇڙيون ٻهراڙيءَ ۾ وٺي وڏا توڙا نندا ڏندن سان ڇلي کائيندا آهن، شهر ۾ ڇليل ڪمند ڳٽرن جي صورت ۾ ملندو آهي، جنهن کي ڳنڊيري ڇئبو آهي.

اُڪريءَ ۾ اَنُ، ڪٽڪ، ساريون، جوئر وغيره وجهي ڪاٺ جي مُهريءَ سان ٻهراڙيءَ ۾ عورتون ڇڙينديون هيون، پوءِ جنڊ تي پيهبو هو، هاڻي تقريباً اهو رواج ختم ٿي چڪو آهي، ٻهراڙيءَ ۾ هلر (ڇڙهائي پيسائيءَ جون مشينون) آهن.

هٿ ۾ ڏاتو، ڪڇ ۾ ڪارو،
وِڪ وِڪ اک جو لامارو،
لاباري تي ويندي ويندي،
لاهيندي وئي لابارو.

(بخاري، 2016: 111)

ڀهراڙيءَ جي ماحول جو عڪس جتي عورتون ڪنهن ڪنهن ڳوٺ ۾ مردن سان گڏجي ڪم ڪنديون آهن. مردن ڏي ماني ڪنيو وينديون آهن. هٿ ۾ ڏاتو، ڪڇ تي ڪارو، ناز سان هلڻ اک جا لامارا ڏيڻ.

ڳوٺ سڄي ۾ ڳالهه هُلي وئي،
سُونهن نئين ساماڻي آهي،
جيڏانهن ڪيڏانهن جهار وڏي پر،
اک هُن جي ڪانپاني آهي.

(بخاري،2016: 111)

ڳوٺ ۾ ڳالهه هُلڻ، سُونهن جو ساماڻجڻ، جهار وڏڻ، عاشق مزاج ڇوڪرن جا لامارا ڏيڻ، اک جي ڪانپاٽي هجڻ، جنهن سان جهار تڙبي آهي.

ڳوٺن ۾ وهانون تي راڳن جي محفلن جتي مرد راڳي هوندا هئا، اوتي رندين جو راڳ به ڪرايو ويندو هو، رنديون محفل ۾ وِيٺل ماڻهن اڳيان نچنديون ڪُڏنديون پيون اينديون، شوقين ماڻهو مٿن پئسن جي گهور ڪندا هئا ۽ نازيبا حرڪتون/مشڪريون به پيا ڪندا هئا.

ائين هٿ تي نوٽن جا جوراب چاڙهي،
حَسينن جي ڇاتيءَ ڪي ڇُهندو نه ڪر.

(بخاري، 2016 :114)

توکان سُونهن پنيري ٿي وئي،
ڳاڙهي ڀير وجي جيئن اڪري،
مون کان عشق ڇڏائي ويو آ،
ڏاريل باز وجي جيئن اُڏري.

(بخاري-2016ع-113)

ساز چنل کي چيڙين چو
تي
نار کنهيل کي گيڙين چو
تي

(بخاري، 2016: 113)

سُونهن پنيري ٿيڻ (وقت جو گُذري وڃڻ)، ڳاڙهي ٻير جو اُکري وڃڻ: مند جو مٽجي وڃڻ، عشق جو ڏاريل باز وانگر اُڏري وڃڻ: چنل ساز چيڙڻ جنهن مان ڪوبه سُر جو آواز نه نڪري، نار ڪنهيل، ڦٽل نار يا ڀڳل نار کي گيڙڻ، سنڌي سماج جي ٻهراڙي جي ماحول جي عڪاسي).

ٻڙا عطر وارا ڪنن منجهه
پائي،
اسان وارا آزار ٻڌندا چو
آهيو.

(بخاري-2014ع-153)

غير ٿا پاتار ۾ پاڙون هڻن،
يار ٿا ديوار تي نعرا هڻن.

(بخاري، 2014: 156)

اڳي ٻهراڙيءَ جا ڪجهه وڏيرا ماڻهو ڪپهه جا ٻڙا عطر ۾ ٻوڙي ڪنن ۾ وجهي چڙهندا هئا، خوشبوءِ خاطر. ڏاريا وجن ٿا ڌرتيءَ تي آباد ٿيندا ۽ اسان جا اڳواڻ چاڪنگ، ڀتين تي نعرن لکڻ ۾ پورا.

پپن ڪُڙي پيهي ٿي بيهي پَل پَل ڪريان
پُڪار
ڪانو تڙي تو طرف منجهان ٿي من
ڪو پهچئي پار

(هوند راج دکايل)
(ذريعو انٽرنيٽ)

پيهي تي پيرن جي پپ (پير جو اڳيون حصو)، ڪُڙي (پير جو پويون حصو)، مٿي جهار هڪلڻ پڪارون ڪرڻ، ڪانو تڙي محبوب ڏانهن موڪلڻ (ٻهراڙي زندگيءَ جي محبت جو اندر جو اظهار، ماحول جي عڪاسي).

وٽارڻ جي ڪو وٽ وٽ ۾، ڪنهن هوند هَرُ مُنيو
هٿ ۾،
ڪو ڪاهوڙي کهي سان هوندو، ڪانڊيرن جي
سٽ سٽ ۾،

ڪو ڪوڏر ڪو ڪهاڙيءَ سان، هوندو ڪڙيي جي
ڪٽ ڪٽ ۾،
ڪو ڪاڙهي ۾ ڪُهڙ ساڙي نه ٽانڊن ڪان ٽريا
هوندا.

(منشي، 2015 :26)

ٻهراڙيءَ ۾ سانوڻيءَ جي مُند ايندي ئي هاري جهنگ هٽي (نئين آباد زمين لاءِ) ڪرڻ، ڪانڊيرا ڪَٽي زمين سِڌي ڪندو آهي. وڻن جون پاڙون (لاهه) يا ٻوٽن جي گهاٽن جهڳٽن جنهن ڪي ڪهڙ يا ڪڙهه سَڏيو ويندو آهي، تتل ڪاڙهي ۾ باهه ڏيندو آهي. انهيءَ ڪم دوران وٽوهڙ (ڪاٺ جو پتر پچڻ لاءِ) ڪوڏر، ڪهي، ڪهاڙي ۽ ڏاٽو ساڻ هوندا اٿس (زمين ۾ سانوڻي جي مُند جي ڪم ڪار جي منظرڪشي، هاري جي ڪم ڪار جي اوزارن جا نالا)

ڳڏي، ڳجر لاءِ ڳڏو جو آندئي، ڳاهه ڳڏهه سو
ڪائي،
جهڻ ڦڙيءَ لاءِ جهوتو ڏيندئين پاڙو صبح پچائي،
توکي آرس کهڙو آهي.

(منشي، 2015: 93)

ڳڏي ڳجر، ڪنڊي، چال، مينهن جا نالا، جيڪي نِج سنڌي نسل جون آهن. سنڌي ماڻهو ڪين وڏي شوق سان پاليندا آهن، انهن جون خاصيتون به ڌار ڌار آهن، مال جو ڳاهه ڌاريو ڳڏهه ٿو ڪائي (پنهنجا وسائل ڌارين جي قبضي ڏانهن اِشارو) جَهڻ ، لَسي، جهوتون ڏيڻ، پريشان ٿيڻ، پاڙي اوڙي ڪان وٺڻ (محتاج ٿيڻ).

لاکو لڄ سندن، اوڏڻ لوڏڻ ۾ لُڏي،
ڪنجري تي ايئن ڪوڏيون، جيئن ٽا پار ڪلن،
اوڏڻ لوڏڻ ۾ لڏي.

(منشي، 2017: 170)

اوڏڻ عورتن جي لباس چوليءَ ۾ ڪوڏيون جڙيل هونديون آهن ته ڪڏهن ڪاوا ٽاڪيل هوندا آهن. ڪوڏيون اهڙيون طرح جُڙيل هونديون آهن، جڻ ننڍا ٻار ڪلي رهيا آهن.

اوڏ سنڌ جو هڪ قديم قبليو آهي، اڳي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ماڻهو اڪثر اوڏڪيون جڳهيون ٺهرائيندا هئا. زميندار پنهنجي گهرن يا اوطاقن ڪي اوڏڪا ڪوٺ ڏياريندا هئا، اجا تائين به ڪٿي ڪٿي اهو اوڏڪين پٽين وارو ڪم ٿئي ٿو. هر ڳوٺ ۾ هڪ ٻه گهر اوڏن جو هوندو هو، جيڪي ڳوٺ جي ٻاهران مٿي ڳڏي، ڳوهي رکندا هئا، پوءِ اُتان ڳڏهن تي ڪٽي اچي پٽيون ٺاهيندا هئا. جيئن

سِرن جي پِت کي کٽڻ دوران سِرن جو بار چئبو آهي. ائين اوڏڪي پِت کي هاري چئبو آهي. هڪ پيٽي کي ٻي پيٽي سان ملائيندا هلندا آهن. سنڌ جي تاريخ ۾ لاکو ۽ اوڏڻ جو عشقيه داستان به مشهور آهي.

پِٽائيءَ چيو:

آڏي آڏي اوڏَ، چِڏي وِيا پيٽِيُون،
کوڏارا ۽ کوڏ، پِيا آهن پَٽَ ۾.

(پِٽائي)

پنهنجي پِت نه توڙ پچائيون،
آتم تر جا اوڏ ڏنئي نه،
ليسوڙي جي لوڏ ڏنئي نه،
تيز هوا جي لوڏ ڏنئي نه.

(آتم ناٿن شاهي)

جنهن پيار ڏنو، نانءُ کٿان کيئن ان جو،
ڏاجي ۾ مليل ٿانوءُ لِکل هوندو آ.

(آتم، 1998: 57)

هوءَ روئي پئي ڊِکيو مُنهن کي،
جنهن جي مگٽي جون کارکون آهن.

(آتم، 1998 :23)

سچ جمالو، سچ جهمر آ،
سچ ته بيٺو تَچ،
اچ اچ ڊوڙي اچ.

(آتم،1998ع: 120)

پِت، توڙ، ترجا اوڏ، هوا جي توڏ، ليسوڙي (وڻ) جي لوڏ، ڏاجي ۾ مليل ٿانوَ، مگٽيءَ جون کارکون (ٻهراڙيءَ جي عکاسي ۽ سنڌي ريتن روايتن جا اهڃاڻ).

گهر گهر جي اوطاق ٿئي، پوءِ ٿيندي
سنڌ سراءِ،
مهمانن کي مانيون ڏيندي، مارو ٿيا
مهمان،

(بخاري، 1998: 164)

پراون کي پناهُون ڏيندي ڏيندي ڏينهن
هڪ ايندو،
اسين خود سام ٿي ويندا سين پر
آهستي آهستي.

(بخاري، 2016: 68)

جهوڪ جو جونجهار، بانڪو
بي ڊپو،
عام ساٿي ٿي اُٿيو ناهي
جُهڪيو،
روپلو ڪولهي سلي ساٿي
نئو،
آڳريون شعلو اُلو ناهي
جُهڪيو،
پيڻ بختاور بلاول نون عين،
ڏڙ ڏڪيو، سينو رڏو ناهي
جُهڪيو،

(بخاري، 2016: 79)

گهر گهر اوطاق، سڄي سنڌ مهمان خانو، ڌارين جي مهمان نوازي (اقليت ۾ تبديل ٿيڻ)، سام ٿي وڃڻ شاهه عنايت شهيد، روپلو، بختاور، بلاول، نذير عباسي، سنڌ جي سورهيه شهيدن (قومي ڪردارن) جا نالا.

مان تنهنجي هان! تنهنجي
هان!،
مون کي نُور جي سُنهن
سهڻا،

(عاجز، 2019: 76)

سهنا تون ته هنئيم
سدورو،

شايد منهنجو پير هو
ڳورو.

(عاجز، 2019: 99)

تنهنجي اکڙين کي کير
سمجهائي،
ڳوٺ جو ڳوٺ ٽيون وڃن
پائي.

(عاجز، 2019: 121)

ايندين، سال ڇڏين ٿو
لايو،
جيءَ ۾ جنڊ وتان ٿي پايو،
ويئي ڳاڙهي ٻير ڇٽي آ.
ڪرهي کي ڇڏ ڪار ڪٽي
آ،
اڳ ئي ٿي وئي دير گهٽي
آ.

(عاجز، 2019: 86)

نور جو قسم (اکين تي آڱريون رکي قسم کڻڻ)، پير ڳورو هجڻ (اصطلاح)، هر ڪم ۾ رنڊڪ ٿيڻ، ڳوٺ جو ڳوٺ پائجي وڃڻ، پاٽي اچي وڃڻ، ٻوڏ اچڻ/ڳوٺ ٻڏڻ، جيءَ ۾ جنڊ پائڻ چوٽي (اندر جو اندر ۾ ڳرڻ، پيسجڻ/اٽو ٿيڻ، ڳاڙهي ٻير جو ڇٽڻ، مند ختم ٿيڻ (ٻهراڙيءَ جي ماحول، محبت جي اندر جو اظهار، اصطلاحن ۽ چوٽيءَ جو استعمال).

"ٻالا" اسان کي هر ننڍي وڏي شهر ۾ ملندا، جن کي کٽي کهڙي نالي سان، ته کٽي کهڙي نالي سان سڏيو ويندو آهي. سندن ڏي عام ماڻهوءَ جو ڌيان گهٽ ويندو آهي. گلين ۽ گٽرن جي صفائيءَ جو ذمو مٿن سرڪاري طور هوندو آهي. ناليءَ جي گندي پاڻيءَ جو ڪنهن کي ڦڙو به لڳندو ته چوندا ته اسان جا ڪپڙا پليت ٿي ويا، توڙي جو اُها گندگي به انهن ماڻهن جي ٿيل هوندي آهي. پر انهن صفائي ڪندڙن وٽ اها ڳالهه نه هوندي آهي ته پاڪ ڇاهي، پليت ڇاهي. وفا ناٿن شاهي چوي ٿو ته:

پاڪ ڇاهي پليت ڇا آهي،
ڪير آٽي شعور ٻالن ۾.

(وفا، 2006: 58)

هر سنڌي ماڻهوءَ جي اندر ۾ هڪڙو صوفي ويٺو آهي، اهوئي سبب آهي جو اڪثر سنڌي ماڻهو امن، ڀائپي ۽ ڀائيچاري ۽ مذهبي رواداريءَ جي ڳالهه ڪندا آهن.

هڪ ئي مشعل جي روشني آهي،
مسجدن، مندرن شوالن ۾.

(وفا، 2006: 58)

جيئن دلپت صوفي چيو ته:

پير ۾ پرميشور تا ٻير ۾ ٻيو،
مڙهي ۽ مسجد ۾ روشن هڪ ڏيئو،
دلپت ڪيئن پيو، خلل انهيءَ خلق ۾،

(دلپت فقير)

هر سوچ منافق جي،
جوتيءَ ۾ بلا وانگي،

(وفا، 2006 :65)

الف الله جو سوڳند وفا،
عين عورت مان غذا ڪانهي ڪا،

(وفا،2006: 109)

جنهن سان وڇڙيو ڪونه بچيو،
ٽي. بي جي بيماري هو.

(وفا، 2006 :127)

ساسي ٻُڪ مرن،
پوک پچڻ گُهرجي.

(وفا، 2006ع: 113)

نڪ ۾ ڪَن ڪير ٽوپائي وفا،
سون ۽ چاندي وجي پئي پاڙ ۾.

(وفا، 2006 :130)

دنيا لاءِ وفا دولت،
ڪُتي کي پُڙي آهي.

(وفا،2006: 154)

جوتي ۾ بلا، سوڳنڌ: قسم، غذا، وفا، چڱائيءَ جي اميد، ساسي: جانور (نج سنڌي لفظ)، ٽڪ ۽ ڪَن ٽوپائڻ ننڍي لاڪون ڇوڪرين جا صرف ڪن ٽوپيا آهن (والين، ليلم ۽ ٽاپسن لاءِ) جڏهن ڇوڪريءَ جي مڱڻي ٿيندي آهي يا ونواهه ۾ ڪيس ويهاريو ويندو آهي ته سندس ٽَڪُ ٽوپيو ويندو آهي (ڦُليءَ لاءِ). هر سُهاڳڻ عورت جي ٽَڪ ۾ ڦلي هوندي آهي ۽ هوءَ ان جي سنڀال به چڱي طرح ڪندي آهي. بيوهه عورت ڦُلي ٽَڪ مان لاهي ڇڏيندي آهي (مسلمان عورتن جي رسم)، ڪُتي ڪي پڙي (چوٽي). ٽي. بي جي بيماري (وِچڙندڙ/اڳي مهلڪ هوندي هئي. هاڻي انهيءَ جو باقائده علاج آهي.

چانوَ مٿان ڪسڪي وئي
ڪڙ سان،
هو بڙ جيئن بيٺو هو بڙ
سان،
سڪل ماني چوڙي
کاڌئين،
ياد ٻُڌائين ٻيهر هڙ سان.

چانو، ڪسڪڻ، ڪَڙ (رستو)، بڙ (وڻ)، سڪل ماني، هڙ (ڳَنڍ) (نج سنڌي لفظ) ٻهراڙيءَ جو منظر

(سميجو،2001: 38)

پئسا ماني پيار وڃائي موٽي آيا
آهيون،
ڏس ته اسان پرديس ڪمائي
موٽي آيا آهيون،

(سميجو، 2001: 48)

ٻهراڙيءَ جي هر ٻئي گهر مان نوجوان غربت کي دُور ڪرڻ لاءِ خليج ملڪن، جن ۾ اڪثر سعودي عرب يا دبئي ڪمائڻ لاءِ ويندا آهن. انهن جون اکيون ڪنهن سان اٽڪيل هونديون آهن، اندر جا اوراڻا هوندا آهن، هڪٻئي کي ماڻڻ جون خواهشون هونديون آهن، مجبوريءَ ڪان پرديس هليا ويندا آهن، جڏهن واپس ٿيندا آهن تيستائين محبوبائن جون شاديون ٿي چُڪيون هونديون آهن.

ماءُ ٽي ۽ پيڻ ٽي،
ايڏو چڙين ٿو،
ڪجهه غلاميءَ تي به چڙ،
جو،
غلاميءَ ڪان وڏي ڪا گار ناهي.

(سميجو،2001ع:58)

سنڌي ماڻهو ماءُ پيڻ زال جي گار تي چڙي پوندا آهن، جن تي وڏا ممڻ مَچي ويندا آهن، چو ته سنڌيءَ ۾ عام طور تي چوٽي آهي ته ”گار جهيڙي جو مُنڍ آهي“. غلاميءَ جي احساس کان وانجهيل سنڌي قوم جي ذهن ۽ ضمير کي جاڳائيندي کين چوي ٿو ته، ماءُ پيڻ جي گار کان به وڌيڪ غلاميءَ جي گار آهي، جنهن تي چڙ اچڻ گهرجي.

مون تنهنجو شهپر موڙ ڏِٺو، هن جوءِ سان تنهنجو جوڙ ڏٺو
مون توکي ڏِسندي پرکيو هو، تون پٽکيل روح بلاول جو

(باغي-2013ع-79)

شهپر جو موڙ، جوءِ سان جوڙ هجڻ (سنڌي جوڌي جا اهڃاڻ) بلاول (قومي هيرو).

ڪرڪي ڪُونج ته ڇڻ ته ڪريجي ۾ ڪو ڪانُ ڪُتو،
تاڙي جيئن تنواريو، ڇرڪيو ڪوئي سور سوتو.
ڪٽڇيءَ ڪنڌ ۾ پلٽي پيو آ، دل جو درد ڏتو،
هاڻ زهر جو حال جي پُڇندين، روئي پوندو،
مُنهنجو ٿر جو حال جي پُڇندين، روئي پوندو،

(باغي،2013: 84)

ڪرڪڻ، تنوارڻ (پکين جون ٻوليون)، ڪُونج، تاڙو، ڪٽڇي (پکين جا نالا)، ڪان ڪريجي، جيرو، ستل سُور پلٽڻ روئڻ (نج سنڌي لفظ) ٿر جي ڏُڪار جي منظرنگاري.

درد گهر جو ڪتو ويو ڏاڙهي،
ڪيترو ناشناس هو جاني

(هاليپوٽو،2013: 51)

درد دل جو ساٿي آ،
هن جو ڪو خدا ناهي،

پوءِ به بي وفا ناهي،

(هاليپوٽو،2013 :153)

اسان جڻ لوڪ قِصي جان تون شهزادي
مان شهزادو،
ڪڇرين ۾ ڪهاڻيون ۽ اسين نانيءَ
جي آکاڻي،

(هاليپوٽو-2013ع-43)

ڀهراڙيءَ جا ماڻهو گهرن ۾ ڪُتا پاليندا آهن ته جيئن چوري چڪاريءَ ۾ چوڪيداريءَ جو ڪم ڏين، ڪڏهن ڪڏهن اُهو گهر جو ڪُتو ئي گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ ڪي ڏاڙهي وِڇهندو آهي.

درد جو ڪو خدا ڪونهي، لوڪ قِصي جان شهزادي ۽ شهزادو، ڀهراڙي ۾ بادشاهن، شهزادن ۽ شهزادين، راڻين پرين جون اوطاقن تي ويهي ”ڳالهر“ ڳالهيون/قِصا ٻُڌائيندا آهن يا گهرن ۾ ڪراڙيون ڏاڏيون يا نانيون آکاڻيون ننڍين ٻارن کي ٻُڌائينديون آهن. (ڀهراڙيءَ جي ريت ۽ ماحول جي عڪاسي)

ڏُڌو هوندو، ڏنو هوندو، ڏنو
هوندو،
خدا سان کير ۾ خوشبو اوهان جي
هُئي.

(هاليپوٽو،2013 :55)

ڀهراڙيءَ ۾ ڀاڳين کان کير ورتو ويندو آهي. ڪڏهن روز جي بنياد تي، ڪڏهن ”ٺيت“ (باقائدگيءَ سان وٺندڙ) ڪري ڇڏبي آهي، عورتون مِينهون ڏُهنديون آهن. خدا سان (خدا جو قسم) (نج عوامي لهجو) ڏُهڻ، ڏسڻ، ڏيڻ، کير خوشبوءِ (عوامي لفظ) (ڀهراڙيءَ جي ماحول، ڪرت ۽ محبت جي جهلڪ).

ڪاري اُن آ ويس انهن جو،
اجرو من آ ديس انهن جو،
ڪپهه پوٽيون انگَ انهن جا،
لڱَ ليارن وانگر آهن،
مورن وانگي نيڻ رتاوان،
سُونهن وٺ سام پئي آ،
گهرٽياريءَ جي گهاٽ مٿان هي،
چنڊ به روز آجامي آهي،
ڳوٺ انهيءَ جي ڳاٽ مٿان مون،

بيهي باک اُپاري آهي.

(ڪنپار،2018: 26)

رپپارڻ جي سُونهن، جسم تي ڪارو ويس، جسم نرم، ڪپهه جي پوٽين وانگر لگ ليارن وانگر، نيڻ رتاوان ”آجامي“ انجام ڪندڙ عام مروج لفظ گهاٽ چنڊ، ڳوٺ ڳاٺ، باک اُپارڻ (سنڌ جي ٿر جي ڳوٺ ڳوٺاڻين جي سُونهن جا منظر).

ڳوٺ وينگس هسلي،
ڳوٺ جڻ نڪ جي ڦُلي،
ڳوٺ جڻ آک جو ڪَجل،
ڳوٺ ڳِل تي تِر جيان،
ڳوٺ ٻاجهري،
ڳوٺ وهين جو ولر،
ڳوٺ جون ڳالهيون ڪري،
ڳِل مٿي چگهڙا پون،
ڳوٺ جنهن پنهنجي ڪٿا،
لوڪ گيتن ۾ لِکي،
ڳوٺ جنهن جي زندگي،
تنهنجي ٿهڪن تي کُٽي.

(ڪنپار،2018_:33)

وينگس ”هسلي“، نڪ جي ”ڦُلي“ زيورن جا نالا)، آک جو ڪجل (سينگار)، ڳِل تي چُگهه، ڳِل تي تر (خوبصورتي)، وهيا (پکي)، خوبصورت تشبيهون، ڳوٺ جي خوبصورتي گهڻين واڻن شامن جي منظرنگاري جملي ثقافتي انداز سان اهڙو نقشو چٽڻ ٿا، جنهن جي سُونهن مان اِهو سراپبو جيڪو يا ته ڳوٺن جو رهندڙ هوندو يا ڪي ڏينهن ڳوٺن ۾ رهيو هوندو.

پرين هي ڳوٺڙو پنهنجو،
ستارن سان پريون راتيون،
پيا هن پوهه جا پارا،
ورهيه کان پي وڏيون راتيون،
اڪيلي ڪيئن نپان آئون،
پڳي هڏ جيئن ڏکان آئون،

(ڪنپار-2018، 42)

سرحدن تي اگر واريو جي
وجان،

ديس جي دنگ تي ماريو جي
وڃان،
اي مٺي نڪ- ڦُلي ڪين تون
لاهجانءِ.
پئي ڪجان اڳ جيان چاهه ۾
چلوليون،
جي جنازو اچي، تون ٻُهاري
ڳليون،
ديس جي دشمنن جي مٿان
باهجانءِ،
اي مٺي نڪ- ڦُلي ڪين تون
لاهجانءِ.

(گبول2006ع:78)

بيوهه عورت جنهن جو مڙس مري ويندو آهي ته، اُها عورت تَڪ مان ڦُلي لاهي ڇڏيندي آهي. (مسلمان عورتن ۾ رواج) هندو ڌرم ۾ منگل سوتر لاهي ڇڏينديون آهن، هڪ سورمي جو پنهنجي ونيءَ کي نصيحت ڪرڻ ته، اگر ڌرتيءَ خاطر مارجي وڃان ته پنهنجي تَڪَ جي ڦُلي نه لاهجان، جڏهن منهنجو جنازو اچي ته سينگار ڪري ڳوٺ جون ڳليون ٻُهارجان.

سهڻي سُمهي سيج
وڇايان،
تنهنجي ايندي عطر
لڳايان،
ڪريان تيل ڦُليل! الا وو!،
جانب ايندي مُند ملڻ جي.

(گبول،2006ع:63)

سِڪ لڳندي مُنهن ڏسندس
تنهنجو،
جڻ پٽ ڌٽيءَ جي روضي
جو،
ديدار ڪندس- ها پيار
ڪندس.

(گبول،2006_:70)

محبوب جي اچڻ تي گهر کي سينگارڻ، عطر عنبر لڳائڻ، خوشبوءِ، واري سيج وڇائڻ، ٻهراڙيءَ ۾ پنهنجن/پيارن جي اچڻ تي اهتمام جي ريت ۽ روايت.

محبوب جو مُنهن ڏسڻ چڻ پٽ ڏٺيءَ جي روضي جو ديدار (ڌرتي ۽ سرتي جو پيار)

وهندڙ واهن جي ڪڙن تي ٿاريون وڏيون،
سانجهي جو ڏيک ڏسڻ لاءِ لهنديون هُيون پريون،
سج کي سنڌو ۾ ٻُڏڻ جون خواهشون هونديون هيون.

(تبسم،2006:-22)

ٻهراڙيءَ جو منظر، واهن/شاخن جي ڪڙن/رستن سان وڻن جون قطارون، سج لٿي جو منظر.

ور، ڪُٽنبَ، ويٺل ويائن، پَئيءَ لئيءَ جي ڳڻ ڪندي،
ويٺي ويٺي، هوءَ وريتي سوچ ۾ ونجي پئي،

(تبسم، 2006ع:-70)

ٻهراڙيءَ جي هڪ وريتي/گهر ڌڃاڻي پنهنجي مڙس، وڏي عيال ويٺل ڏيئرن، پئيءَ لئي جي ڳڻ/اويل سويل جي سوچ ۾ ٻُڏي ٿي وڃي.

ور، ڪٽنب، ويٺل ويائن، پئي لئي (نج سنڌي لفظ)

زندگي پلي اهڙي، ٽُڪ تي رلي جهڙي،
مان وڃايان تون نه ويهين، چو نه پوءِ ويڙهي چڏيان.

(حسن درس)

لڙيو پئي لاڙ تان سورج،
مهاٽي ٻار وانگي هو.

(حسن درس) (ذريعو انٽرنيٽ)

حوالا

**جنڊُ ڃُڙي مال چڙڻ الا! رات ڪٽي تي (منصور ميراٽي ڳايل ڪلام)**

- جوڻيجو عبدالجبار، ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“، ٽيون ايڊيشن، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سال 1994ع، ص. 43
- ساڳيو، ص. 44
- اجواڻي لعل سنگهه، مترجم: هيرو شيوڪاڻي ”سنڌي ادب جي تاريخ“، سنڌ ساهت گهر حيدرآباد، ڇاپو پهريون، سال 2007ع، ص. 44
- جوڻيجو عبدالجبار، ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“، ٽيون ايڊيشن، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سال 1994ع، ص. 44
- ساڳيو، ص. 50
- ساڳيو، ص. 60
- شاد سروپچندر، ”سنڌي ٻوليءَ جا سرجڻهار شاعر“، ساحل پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو پهريون، سال 2017ع، ص. 34
- گبول مشتاق، ”سنڌ جي صوفياڻي شاعري“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، سال 2017ع، ص. 20
- شاد سروپچندر، ”سنڌي ٻوليءَ جا سرجڻهار شاعر“، ساحل پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو پهريون، سال 2017ع، ص. 36
- ميمڻ ڊاڪٽر عبدالمجيد، مرتب ۽ شارح: ”ڪريم جو ڪلام“، ڇاپو ٻيو، سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو، سنڌ، سال 1976ع، ص. 86
- قاضي علامه آءِ آءِ، مرتب: شاهه جو رسالو سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ڇاپو ٽيون سال 1993، ص 48
- 12. بلوچ نبي بخش، مرتب: سنڌي رسالو شاهه لطف الله قادري جو ڪلام، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ، ڇاپو پهريون، سال 1968ع، ص. 12
- 13. ساڳيو، ص. 19
- 14. ساڳيو، ص. 48
- 15. ساڳيو، ص. 95
- 16. ساڳيو، ص. 102
- 17. ضياء عباس سيد، ترتيب: ميون شاهه عنايت رضوي جو رسالو، حضرت ميون شاهه عنايت رضوي فائونڊيشن، ڇاپو پهريون، سال 2019ع، ص. 119
- 18. ساڳيو، (سُر ڪنياٽ)، ص. 19
- 19. شاد سروپچندر، ”سنڌي ٻوليءَ جا سرجڻهار شاعر“، ساحل پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو پهريون، سال 2017ع، ص. 132
- 20. ضياء عباس سيد، ترتيب: ميون شاهه عنايت رضوي جو رسالو، حضرت ميون شاهه عنايت رضوي فائونڊيشن، ڇاپو پهريون، سال 2019ع، ص. 167
- 21. ساڳيو، ص. 135

- 22. ساڳيو، ص. 124
- 23. قاضي علامه آءِ. آءِ، مرتب: شاهه جو رسالو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ڇاپو ٽيون، سال 1993ع، ص. 652
- 24. اياز شيخ، خط انٽرويو تقريرون، ڀاڱو پهريون، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، سال 199ع، ص. 324
- 25. قاضي علامه آءِ. آءِ، مرتب: شاهه جو رسالو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ڇاپو ٽيون، سال 1993ع، ص. 328
- 26. ساڳيو، ص. 321
- 27. ساڳيو، ص. 326
- 28. ساڳيو، ص. 642
- 29. ساڳيو، ص. 667
- 30. ساڳيو، ص. 638
- 31. ساڳيو، ص. 321
- 32. آءُ واٽي ڪلياڻ، مرتب: شاهه جو رسالو، روشني پبليڪشن ڪنڊيارو، سال 2013ع 314
- 33. قاضي علامه آءِ آءِ مرتب شاهه جو رسالو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ڇاپو ٽيون سال 1993، ص 48
- 34. ساڳيو، ص. 710
- 35. آءُ واٽي ڪلياڻ مرتب شاهه جو رسالو روشني پبليڪشن ڪنڊيارو، سال 2013، ص 153
- 36. ساڳيو، ص. 576
- 37. ساڳيو، ص. 710
- شاد سروپچندر، ”سنڌي ٻوليءَ جا سرجڻهار شاعر“، ساحل پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو پهريون، سال 2017ع، ص. 289 _288
- اياز شيخ، خط انٽرويو تقريرون، ڀاڱو پهريون، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، سال 199ع، ص. 240
- 59. سيال ذوالفقار، ”سنڌي شاعريءَ جو سفر“، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ، سال 2013ع، ص. 106
- 60. جوڻيجو عبدالجبار، ”سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر“، ڇاپو پهريون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، سنڌ، سال 1980ع، ص. 81
- 61. سيال ذوالفقار، ”سنڌي شاعريءَ جو سفر“، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ، سال 2013ع، ص. 109
- 62. جوڻيجو عبدالجبار، ”سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر“، ڇاپو پهريون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، سنڌ، سال 1980ع، ص. 83

- 63. ساڳيو، ص. 103
- 64. ساڳيو، ص. 111
- 65. قاضي علامه آءِ آءِ، مرتب شاهه رسالو، سنڌ واري بورڊ ڄامشورو ڇاپو ٽيون
- 66. ساڳيو، ص. 116
- 67. ساڳيو، ص. 121
- 70. بلبل شمس الدين، ”ڪلام بُلبل“، مرتب: گرامي غلام محمد، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، حيدرآباد، سال 1982ع، ص. 79-80
- 71. جوڻيجو عبدالجبار، ”سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر“، ڇاپو پهريون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، سنڌ، سال 1980ع، ص. 118
- 73.جوڻيجو عبدالجبار، ”سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر“، ڇاپو پهريون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، سنڌ، سال 1980ع، ص. 140
- 47. ڄامڙو ڪمال ڊاڪٽر، ”ڪڇهريءَ جا مور“، ڇاپو پهريون، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، سال 2013ع، ص. 214
- 48. پناڻ ڏُر محمد ڊاڪٽر، مرتب ڪتاب: ”موتي مور ملوڪ جا“، ڇاپو ٻيو، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، سال 2013ع، ص. 138
- 49. ڄامڙو ڪمال ڊاڪٽر، ”ڪڇهريءَ جا مور“، ڇاپو پهريون، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، سال 2013ع، ص. 276
- 54. پٽي سوپارو، ”سون ڪٽا سوپاري جا“، درس پبليڪيشن نوشهروفيروز، سال 2017ع، ص. 77
- 55. لاشاري رحمت الله عاجز، مرتب: ”پنهنجي شاعري پنهنجو رنگ“، سگهڙ شاعر محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر، سنڌ سگهڙ سنگت لوڪ ادب تنظيم (سلات)، سال 2013ع، ص. 132
- 56. ڏيپر محبوب علي ”محبوب“، مون پيٺ نور نچوڙيو“، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد، سال 2020ع، ص. 81-82


### جديد شاعريءَ ۾ عوامي شاعريءَ جا نمونا حوالا.


- جويو ابراهيم،2015: مهاڳ ”گوندر ويندا گذري“، شاعري: ابراهيم منشي، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
- بيوس ڪشچند، 2001:”ٻه ٻه پئسا ڇهه ڇهه پايون“، مرتب: نصير مرزا، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- جويو تاج،1993: ”نيڻ مهٽي خيال جاڳيا“، پهريون ايڊيشن، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
- جويو تاج، 1996:”تلسين جي سرهاڻ“، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد.

- بيوس ڪشچند،2001: ”به به پئسا ڇهه ڇهه پايون“، مرتب: نصير مرزا، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- فاني ڪيئلداس،1995 ”سمنڊ سمايو بوند ۾“، مرتب: هَڪڙو انور فگار، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- اياز شيخ،1999: خط انٽرويو تقريرون، پاڳو ٻيو، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.
- اياز شيخ،1993: ”سورج مُکيءَ سانجهه“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.
- اياز شيخ،1991: ”هينئڙو ڏاڙهونءَ گُل جيئن“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.
- شيام نارائڻ،1997: ”ذات ۽ حيات“،نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.
- حسيني امداد، 2012:”ڪرٽي جهڙو پل“، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ.
- جويو تاج،1996: ”تلسين جي سرهاڻ“، مضمون: اکڙين جا موتي انمول (اياز گل جي شاعريءَ جو اڀياس)، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد.
- جويو تاج، 1996:”تلسين جي سرهاڻ“، مضمون: روشنين، خوشبوئن ۽ ٻارن جو شاعر (ادل سومري جي شاعريءَ جو اڀياس)، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد.
- سرڪش سنڌي، 1993:”پيار ۽ آزادي“، چانڊڪا پبليڪيشن لاڙڪاڻو.
- عاجز علي دوست،2019: ”مون کي چڙن چوريو“، سپيتا پبليڪيشن، حيدرآباد.
- سرڪش سنڌي،1993: ”پيار ۽ آزادي“، چانڊڪا پبليڪيشن لاڙڪاڻو
- بخاري استاد،2016: ”لهر لهر درياءَ“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
- بخاري استاد،2014: ”پير نه هٽن پوئتي“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
- منشي ابراهيم،2015: ”گوندر ويندا گُذري“، ڇاپو ڇوٿون، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
- منشي ابراهيم، 2017:”گوندر ويندا گُذري“، ڇاپو ڇوٿون، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو .
- آٿم ناٿن شاهي، 1998:”جڏهن اُلا اُپ ۾“ مارئي اڪيڊمي.
- عاجز علي دوست،2019 ”مون کي چڙن چوريو“، سپيتا پبليڪيشن، حيدرآباد.
- وفا ناٿن شاهي، 2006:”اوجاڳن جو انت“، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ.
- سميجو اسحاق،2001 : ”صدا بي چين آهي“، نئون جنم پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ.
- باغي حليم، 2013:”اڙي شهر جانان“، ڇاپو پنجون، باغي اڪيڊمي، ڪراچي، سنڌ.
- هاليپوٽو شبير،2013: ”تو بن ڪجهه به نه مان“، ڇاپو پهريون، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور، سنڌ.
- ڪُنڀار خليل،2018: ”پڳي هڏ جيئن ڏُکان آئون“، سارنگا پبليڪيشن، حيدرآباد.

- گبول مشتاق، 2006:”چوڙين جو سڏڪو“، ڇاپو پهريون، رم جهم پبليڪيشن، دادو.
- تبسم عبدالغفار،2006: ”جو پل جهومي جهول ۾“، ڇاپو پهريون، خليل جبران پبليڪيشن.
- حسن درس (ذريعو انٽرنيٽ)

# نتيجا

جئين ته تحقيق جي ميدان م هي موضوع بنهه انوکو منفرد ۽ دلچسبيءَ وارو آهي. هن مقالي کي لکڻ وقت جيکي مقصد آڏو رکيا هئا . انهن کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. جئين ته منهنجي تحقيقي مقالي جو عنوان ”سنڌي
عوامي شاعريءَ ۾ ثقافت جو عڪس“ آهي. موضوع جو تعلق شاعريءَ سان آهي ۽ شاعريءَ جو تعلق ۽ ثقافت جو تعلق به سماج سان آهي انهيءَ ڪري نه رڳو سنڌي شاعريءَ جو گهرو مطالعو ڪرڻو پيو اٿم پر گڏوگڏ علم سماجيات ۽ تاريخي طور تي سنڌي سماج جي مجموعي روين ثقافتي اهڃاڻن، مذهبي رسمن سان گڏوگڏ ثقافتي رسمن/ لاڙن جو به گهرائيءَ سان مطالعو ڪرڻو پيو اٿم انهيءَ آڌار تي ئي سنڌي عوامي شاعريءَ ۾ ثقافتي عڪسن ۽ اهڃاڻن کي پڌري ڪرڻ ۾ آساني ٿي آهي.

جيئن ته منهنجي تحقيق جو دائرو 1947ع کان وٺي 2000ع تائين سنڌي شاعريءَ جو مطالعو ڪري انهي4 ۾ ثقافتي اهڃاڻن کي واضع ڪرڻو هُيو پر مجموعي طور تي سنڌي اساسي شاعري ڪلاسيڪل شاعري، عروضي دور جي شاعري کان وٺي سگهڙ شاعري ۽ ڳايل عوامي شاعريءَ جو مطالعو ڪري واضع ڪيو اٿم ته جيئن پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

مقالي جي تحقيقي پورهيي جو جائزو وٺندي اسان هيٺيان نتيجا ڪڍيا آهن. مقاليءَ کي ڇئن بابن ۾ ورهايو ويو آهي

پئي باب ۾ ”عوامي شاعري تعارف ۽ پس منظر“ آهي جنهن ۾ عوامي شاعريءَ تي بحث ڪري واضع ڪيو ويو آهي ڪهڙي شاعريءَ کي عوامي شاعري چئي سگهجي ٿو يا عوامي شاعريءَ جي دائري ۾ آڻي سگهجي ٿو. انهي انهيءَ ڳالهه تي پڻ بحث ڪيو ويو آهي ته عوامي شاعريءَ جي ابتدا ڪڏهن کان ٿي. عوامي شاعري مان مراد عام ماڻهن جي شاعري يا انسانن جي شاعري، لوڪ جي شاعري، رعايا جي شاعري، ڳوناڻي شاعري، جهرجهنگ، واهڻ وستين ۾ رهندڙ هارين نارين، ڪمين ڪاسبين، مزدورن، مالوندن جي شاعري. طقباتي نظام ۾ ورهايل هر طبقي جي شاعري، جنهن کي هر ننڍو وڏو پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل سولائي سان نه رڳو سمجهي پر اُن کي پنهنجي اندر جو آواز ڄاڻي، عوامي شاعري جي ابتدا لاءِ وثوق سان نٿو چئي سگهجي ته ڪڏهن کان شروع ٿي، البته جڏهن کان ماڻهو کي شعور آيو، ٻولي سکيو ۽ جذبن جي بيان تي قدرت حاصل ڪئي، تڏهن کان شعر چيو هوندائين. چو ته دِل مان نڪتل بي ساخته ٻُول ئي لئه يا ترنُم جي آڌار تي پهريان نمونا آهن. روايتن موجب جڏهن قابيل پنهنجي ڀاءُ هابيل کي حسد وچان قتل ڪيو،

تڏهن سندس پيءُ اُوساري وجان جيڪي لفظ ڪڍيا هوندا. اُهي شاعري جو ئي هڪ نمونو هئا.

اڄ ڏينهن تائين سگهڙن جي لوڪ شاعريءَ کي عوامي شاعري قرار ڏنو ويو آهي. پر هن مقالي ۾ بحث ڪري واضع ڪيو ويو آهي عوامي شاعريءَ جي وصف ڏار آهي البته لوڪ شاعريءَ جون ڪجهه صنفون عوامي شاعريءَ جي دائري ۾ اچي وڃن ٿيون لوڪ شاعريءَ جي مجموعي صنفن جي لکندڙ، پڙهندڙ ۽ چاهيندڙ لاءِ سگهڙ، يا سگهڙ شاعريءَ ۾ عروض صنفن ۾ چند وديا جي ڄاڻو لکندڙ لاءِ شاعر لفظ استعمال ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪانسواءِ سگهڙ شاعر عروضي شاعريءَ جي صنفن تي طبع آزمائي نٿو ڪري سگهي جڏهن ته عروضي ۽ چند وديا جي ڪيترن ئي شاعرن لوڪ شاعريءَ جو ڪيترين ئي صنفن تي موضوعاتي حوالي سان طبث آزمائي ڪئي آهي مثلن سينگار رزميه، نعتيه، مدح، لولي، مناظرو ڪنهن ته هُنر ۽ ذراها به لکيا آهن جيئن طالب الموليٰ وغيره. انهيءَ نتيجي ۾ اهو واضع ٿيو آهي ته لوڪ شاعري جيڪڏهن دل جو پورهيو آهي عروضي ۽ چند وديا تي آڌاريل شاعري دل ۽ دماغ جو گڏيل پورهيو آهي.

ٽئين باب ۾ ننڍي کنڊ جي عوامي شاعري ۽ دنيا جي عوامي شاعريءَ جي روايت کي بحث هيٺ آندو ويو آهي. قديم يوناني ادب ۾ اهم جاءِ ولاريندڙ هومر (800 ق. م) جنهن جا رزميه نظم آڊيسي (Odyssey) ۽ اليڊ (Iliad)، يوناني شاعري ۾ اهم جاءِ والارين ٿا. سئفو (800 ق. م) يوناني جي عظيم شاعره هئي. سئفو جي شاعري عوامي انداز ۾ آهي، جنهن جو اسلوب سادو آهي، سندس شاعري جو انداز عوامي آهي.

عربي شاعري ۾ جن شاعرن کي اهم مقام حاصل آهي، اُنهن ۾ القمه تميمي، امرءالقيس ابول العقي بولائي، عمر بن ڪلثوم، ابول االعلاءَ مصري، حسان بن ثابت، ڪعبه بن زهير وغيره جن عربي شاعريءَ تي پنهنجي ڇاپ ڇڏي.

فارسي شاعري ۾ فردوسي جو شاهنامون جنهن ۾ ايراني تهذيب ۽ تمندن جو اهڙو نقشو چٽيل آهي، جو پڙهندڙ ايراني سماج جي رهڻي ڪهڻي کان بخوبي واقف ٿئي ٿو. حافظ جو ديوان، رومي جي مثنوي، سعدي جو ڪريمه، گُلستان، بوستان، رودڪي جي قصيده گوئي اهم جاءِ والارين ٿا. ننڍي کنڊ ۾ ويد، والمڪي جنهن گيتا لِکيو، انهي کان سواءِ ميران ٻائي، هيم چندر برادائي، ملڪ محمد جائسي، دادو ديال، امارو، پرتري هري، عبدالرحيم خاني خانه اچي وڃن ٿا، جن پنهنجي شاعري ۾ عام ٻولي استعمال ڪئي.

چوٿين باب ۾ ثقافت جي وصف، سنڌي ثقافت، ثقافت ۽ سماج جو لاڳاپو، ادب ۽ ثقافت جو رشتو سندس شاعري ۾ ثقافت جي اظهار تي بحث اهو نتيجو ڪڍيو ويو آهي ته ادب ۽ ثقافت جو تعلق جسم ۽ روح وارو آهي. ادب جيڪڏهن ڪنهن

قوم جي لکت ۾ مجموعي اظهار جو نالو آهي ته ثقافت انهيءَ قوم جي مجموعي روين جو نالو آهي. هن موضوع تي تحقيق ڪرڻ سان سنڌي سماج ۾ هلندڙ مختلف لاڙن ۽ روين کي سمجهڻ ۾ مدد ملي آهي ۽ ثقافت جي ڪيترن ئي پهلوئن کان پڻ آگاهي حاصل ٿي آهي.

ثقافت جي لغوي معنيٰ عقل وڏائڻ به آهي ۽ اصطلاحي معنيٰ موجب عام انسانن جي زندگي گُذارڻ جو طور طريقو آهي. جيئن ته انسانن جوتعلق زمين سان آهي، جتي هو رهي ٿو. زمين تي ٿيندڙ اوپڙ، رهندڙ جاندار طوڙي غير جاندارن سان سِڌي طرح يا اڻ سڌي طرح لاڳاپو رهي ٿو ۽ انهيءَ زمين سان لاڳاپيل مندون، موسمون، آبهوا، وڻ ٽِڻ، پکي پکڻ، اُنهن جون ٻوليون، فصلن جو پوکڻ کان وٺي پچڻ تائين، جهرجهنگ، جبل، برپٽ، بيابان، صحرائون، ڏريا، سمنڊ آواز، ٻوليون، ماحول، رهڻي ڪهڻي، گهر گهاٽ، پوشاڪون ڪاڌ خوراڪ ۽ ڪاڌ خوراڪ جا سمورا وسائل ثقافت جي ذمري ۾ اچي وڃن ٿا.

پنجين باب ۾ سنڌي عوامي شاعريءَ ۾ ثقافت جي عڪاسي کي ڀرپور نموني سان بحث هيٺ آئي اساسي (سگهڙن پٽن پانن جي) شاٽري ڪلاسيڪل شاعري قاضي قادن کان وٺي سامي تائين بحث هيٺ آٽي منجهائن عوامي شاعريءَ جا نمونا ۽ انهن ۾ ثقافتي اهڃاڻن کي ظاهر ڪيو ويو آهي انهيءَ ڪانسواءِ عروضي دور جي عوامي شاعرن جي شاعريءَ جي بحث هيٺ آٽي منجهس عوامي شاعري ۾ ثقافتي جهاليات ظاهر ڪئي وئي آهي.

سگهڙن جي شاعري ۽ فنڪارن جي ڳايل عوامي شاعري ۾ به ثقافت جا اهڃاڻ تحقيق جي دائري ۾ آندا ويا آهن، انهيءَ ڪانسواءِ جديد دور جي شاعريءَ پڻ مطالعو ڪري انهيءَ ۾ عوامي شاعري ۽ ثقافتي اهڃاڻن تي بحث ڪيو ويو آهي.

هن مجموعي تحقيقي اڀياس مان اسان کي ثقافتي عڪسن ۽ اهڃاڻن جي پروڙ، شاعريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ٻولي، تشبيهون ۽ اشعارا چوڻيون ۽ پهاڪا، مذهبي عقيدا، ريتون ۽ رسمون، سنڌي سماج جا مجموعي لاڙا، موجوده دور ۾ پراڻي وقت جو ختم ٿي ويل ريتون ۽ رسمون به اسان کي شاعريءَ جي مطالعي مان معلوم ٿين ٿيون جن مان اسان جو نئون نسل واقف ٿيندو ۽ نئون نسل انهيءَ ابهام مان به آجو ٿيندو ته ثقافت رڳو اجرڪ ۽ ٽوپيءَ جو نالو نه آهي پر لباس ته ڪنهن قوم جي ثقافت جو هڪ جرو آهي. انهيءَ ڪانسواءِ جيئن ته شاعري سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو اثرائتو ذريعو آهي انهيءَ ڪري هن تحقيق ذريعي نئين نسل کي شاعري ذريعي ثقافتي اهڃاڻن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ۾ وڏ کان وڏ مدد ملندي.

ببليو گرافي (Bibliography):


- آگرو غلام نبي " 2011: سنڌي ڪلچر" ڪراچي، ثقافت کاتو حيدرآباد سنڌ
- الانا، خواجه غلام علي، 1977: "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي ڄامشورو،
- برٽن، رچرڊ (مترجم) محمد حنيف صديقي،1974: "سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد،
- بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش1969ع: "خليفي نبي بخش جو رسالو" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو،
- بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش مرتب1967: "ڪليات سانگي" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو،
- بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش،1970: "ٻيلاين جا ٻول" زيب ادبي مرڪز،
- بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش1965: "لوڪ گيت" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو،
- بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش 1965:"ڳاهن سان ڳالهيون" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو،
- بلوچ، نبي بخش خان،2014: "سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جو لڳ لاڳاپو" (مرتب ڊاڪٽر هڪڙو، انور فگار)، ڪراچي ثقافت کاتو،
- بلوچ، نبي بخش خان، "ڪليات حمل" ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ
- بدوي، لطف الله1964: "ڪنڊڙي وارن جو ڪلام" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو،
- ٻوهيو، الهداد ڊاڪٽر، 1990:"علم تحقيق"، حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن ڀهريون ڇاپو،
- ڀٽي، مقبول احمد،1986: "ڪليات مصري شاهه" مصري شاهه ميموريل ڪميٽي نصرپور،
- جيٺلي، مرليڌر 1996:"پهاڪا اصطلاح ۽ محاورا" روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو،
- جوٽيجو، عبدالجبار2002: "ڪنمال" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو،
- جويو، تاج،1993: "نيڻ مهٽي خيال جاڳيا" روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو،
- حسيني. اسد الله شاهه،1959: "تذڪره شعراءِ تڪڙ " سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
- راشدي، پير حسام الدين 1987:" ڳالهيون ڳوٺ وڻڻ جون"انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي حيدرآباد
- سنديلو، عبدالڪريم 1986:" لوڪ ادب جو حقيقي جائزو " انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورو
- سنديلوعبدالڪريم،1992: وينجهار" سنڌيڪ اڪيڊمي ڪراچي.

- سنڌيلو، عبدالڪريم،2006: پهاڪن جي پاڙ“ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- سنڌي، حميد1990: (مرتب) ”سرمارئي“ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ” ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
- سوڍر شاهنوز، ڊاڪٽر ” ڊاڪٽر، سنڌي ثقافت ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ” ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
- شاد سروپچندر، 2017:” سنڌي ٻوليءَ اسرجڻهار شاعر“، حيدرآباد ، ساحل پبليڪيشن،
- صائب، عبدالقيوم 1987ع:” عروض جا اهڃاڻ“ ، زيب ادبي مرڪز،
- عباسي، تنوير1989: ”شاهه لطيف جي شاعري ” حيدرآباد“ ، حيدرآباد نيو فيلڊس پبليڪيشن،
- 27 غلام حسين پناڻ ڊاڪٽر،1983: ”تحقيق جو فن “ ڄامشورو، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڇاپو پهريون، سال
- قاضي خادم1992: ”ادب ۽ روايتون “ ، حيدرآباد سنڌي ساهت گهر،
- قادري، ڊاڪٽر اياز1984: ” سنڌي غزل جي اوسر“ انٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورو
- قليچ، مرزا قليچ بيگ 1959: ” ديوان قليچ“ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- گدائي، عبدالڪريم،2007: ” لاٽ ٻرندري رهي“ ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن،
- گرامي، غلام محمد،1920: ” مشرقي شاعريءَ جا فني قدر 7 رجحانات“، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
- گرامي، غلام محمد،1990: ”مهراڻ رسالي جو شاعر نمبر “ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو،
- گرامي، غلام محمد ” مهراڻ شاعر نمبر،“ ڄامشورو بورڊ
- گرامي، غلام محمد1963: ” مشترقي شاعريءَ ڪا فني قدر ۽ رجحانات“، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ
- نظاماڻي، ڪريم بخش،2019: ”ڪيئي ڪتاب“ حيدرآباد نيو فيلڊس پبليڪيشن
- الانا غلام علي 1991 : ته ماهي مهراڻ، لوڪ ادب نمبر 4، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر 2014:”ٻيلاين جا ٻول“ ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ.
- سنڌيلو عبدالڪيم، 2016:”لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو“، پيڪاڪ پرنٽرس ۽ پبلشرس ڪراچي.
- بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر 2014:”ٻيلاين جا ٻول“ ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ.
- ڀارتي نارائڻ، 1988:”سنڌي لوڪ گيت“ سنڌ ٽائيمس پبليڪيشن الهاس ننگر انڊيا.

- بلوچ نبي بخش،1991:ٺه ماهي مهراڻ 3 ۽ 4 مقالو عام سنڌي شاعري، ڇاپو ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو حيدرآباد .
- دانش احسان، 2016:شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومتِ سنڌ.
- قليچ بيگ مرزا،1992 "سنڌي ويا ڪرڻ" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- سوڍر شاهنواز، ڊاڪٽر،1991: "سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف" ڇاپو پهريون، شاهه عبداللطيف، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه.
- فيروز الغات،1962: فارسي اردو، فيروز اينڊ سنز لاهور
- العجم العظم،1949: عربي اردو لغات ڇاپو پهريون، اداره معارف اسلاميه حيدرآباد دکن.
- حسين، فهميده 2010:"انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا "پ. ٿ جلد ٻيو، سنڌي لينگوئيج اٿارٽي حيدرآباد.
- بخاري امير،1994: "تهذيب ۽ ثقافت جو فرق" ترتيب، ماهوار ڪينجهر، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد.
- چنا ڪريم بخش،2011: "تمدن جي ماهيت" (سنڌي لازمي ٻارهين درسي ڪلاس لاءِ) سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ڄامشورو.
- جويو تاج، 1996:"تلسين جي سرهاڻ"، مضمون: اکڙين جا موتي انمول (اياز گل جي شاعريءَ جو اڀياس)، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد.
- سرڪش سنڌي، 1993:"پيار ۽ آزادي"، چاندڪا پبليڪيشن لاڙڪاڻو.
- عاجز علي دوست، 2019:"مون کي چڙن چوريو"، سپيتا پبليڪيشن، حيدرآباد.
- بخاري استاد،2014: "پير نه هٿن پوئتي"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
- منشي ابراهيم، 2015:"گوندر ويندا گُذري"، ڇاپو چوٿون، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
- وفا ناٿن شاهي، 2006:"اوجاڳن جو انت"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ.
- سميجو اسحاق، 2001:"صدا بي چين آهي"، نئون جنم پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ.
- باغي حليم،2013: "اڙي شهر جانان"، ڇاپو پنجون، باغي اڪيڊمي، ڪراچي، سنڌ.
- فاني ڪيئلداس،1995: "سمنڊ سمايو بوند ۾"، مرتب: هَڪڙو انور فگار، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- بيوس ڪشچند، 2001:"به به پئسا ڇهه ڇهه پايون"، مرتب: نصير مرزا، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

- اياز شيخ،1993: خط انٽرويو تقريرون، پاڱو پيو، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.
- . پٽي سوڀارو، 2017:"سون ڪٽا سوڀاري جا"، درس پبليڪيشن نوشهروفيروز.
- . پناڻ ڏُر محمد ڊاڪٽر،2013: مرتب ڪتاب: "موتي مور ملوڪ جا"، ڇاپو پيو، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.

اردو ڪتاب

- فتح پوری نیاز، 1949: ''جذبات بھاشا'' ادارہ ادب العالیہ، گولی مار کراچی۔
- جالبی جمیل، 1975: ''تاریخِ ادب اردو'' (جلد اول) مجلسِ ترقی ادب۔
- قاضی جاوید، 1980: ''محبت اور انقلاب''، مصطفیٰ وحید بک ٹریڈر لاہور۔
- محمد حسن، 1955: ''ہندی ادب کی تاریخ''، انجمن ترقی اردو، علی گڑھ
- اردو انسائکلوپیڈیا، 1968: فیروز اینڈ سنز لاہور۔
- نعمانی شبلی ، 1951: ''شعرالعجم'' ، معارف پریس اعظم گڑھ

سنڌي رسالا

- ٽه ماهي مهراڻ، 1960/1.2 : سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- ٽه ماهي مهراڻ 3.4/ 1966: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- ٽه ماهي مهراڻ (شاعر نمبر) 1969: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- ٽه ماهي مهراڻ 1969/3.4: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- ٽه ماهي مهراڻ (لوڪ شاعري نمبر) 1991: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.